

شمشیر الحیدری



شاهه لطيف جي ڪلام تي ٻڌل،
ڪراچي ٽيليويزن جي پروگرام "لطيفي لاٽ"
۾ پيش ڪيل ڊراما سيريز

○

ليکڪ:

## شمشير الحيدري


سنگم پبليڪيشنس
پوسٽ باڪس نمبر: ١٣٠٧١- ڪراچي - ٨

*donated from*
*Suleman A. Memon's*
*personal library*

سَيَّ

پنهنجي مقصد جي مومل ڏانهن۔

# ويسڌاري

| | | |
|---|---|---|
| ۰۱ | راجا نند | اي. آر. بلوچ |
| ۰۲ | جادوگر فقير | انور سولنگي |
| ۰۳ | جادوگر جو ٻالڪو | ايوب جمالي |
| ۰۴ | مومل | سڪينہ سمون |
| ۰۵ | سومل | ممتاز ڪنول |
| ۰۶ | پينرون | شمع سومرو، ام ڪلثوم، ناهيد عباسي، الماس |
| ۰۷ | ناتر | عابده |
| ۰۸ | ٻانهيون | شميم، زيبا صديقي، نگهت سلطانہ، فرزانہ |
| ۰۹ | بادشاهہ همير سومرو | ايم. اي. راجا |
| ۱۰ | سينهڙو وزير | يار محمد شاهہ |
| ۱۱ | ڏونئر وزير | منظور مراد |
| ۱۲ | راڻو مينڌرو | مقصود مغل |
| ۱۳ | سامي | خالد زمان |
| ۱۴ | ٽري پوڙهو | عبدالغفار ميمڻ |
| ۱۵ | پوڙهي جو پٽ | رسول بخش ڏاهري |
| ۱۶ | مستانو بادشاهہ | مشتاق جسڪاڻي |
| ۱۷ | ديوانو بادشاهہ | لطيف مٺو |
| ۱۸ | همير بادشاهہ جي زال | فهميده چنا |
| ۱۹ | ريپاري | الطاف سومرو |
| ۲۰ | درٻاري | قاسم فاني، منير گهانگهرو، ظهير حيدري ۽ پيا |
| ۲۱ | همير جا سپاهي | غلام حسين گرنگو، شفيع محمد پنهيارو |

# پيشڪار

| | |
|---|---|
| پروڊيوسر | محمد بخش سميجو |
| معاون پروڊيوسر | سميع بلوچ |
| موسيقار | غلام علي |
| گلوڪار | حميرا چنا |
| شاهه جي بيتن جو تحت اللفظ آواز | سيد صالح محمد شاهه |
| طوطي جو بئڪ گرائونڊ آواز | يار محمد شاهه |
| عڪاسي | عبدالحسيب، ظفر مهدي ۽ قاضي واجد |
| آئوٽ ڊور عڪاسي | ظفر مهدي |
| سيٽ ڊزائين | مبارڪ علي |
| | (اسسٽنٽ) ثمينه واجد |
| ڪاسٽيوم | انور مقصود ۽ انوار حسين زيدي |
| ميڪ اپ | ايم. وائي. مرزا، عبدالوحيد ۽ ثمينه قيصر |

# پنهنجي پاران

١٩٨٦ع جي بهار ۾، جڏهن ڪراچي ٽيليويزن سينٽر جي ناميارې پروڊيوسر جناب محمد بخش سميجي، سدا حيات شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سُرن تي مبني پروگرام ”لطيفي لات“ جي سلسلي ۾، اسان جي اردي مست قلندر ليکڪ شمشيرالحيدري جو لکيل سنڌ جي هڪ مشهور تاريخي عشقيه داستان ”مومل راڻي“ واري قصي کي ”ڪاڪ محل“ نالي هيٺ قسطوار پيش ڪيو ته ان کي ٽيليويزن ڏسندڙن تمام گهڻو ساراهيو.

ان دوران دوستن فرمائش ڪئي ته مذڪوره شاهڪار ڊرامي کي ڪتابي صورت ۾ آڻجي. دوستن جي فرمائش جو جڏهن ڪراچي ٽيليويزن سينٽر جي جنرل مئنيجر محترم عبدالڪريم بلوچ سان ذڪر ڪيو ويو ته هن خوشيءَ سان ڪاڪ محل کي ڇپائڻ جي اجازت ڏني. ان لاءِ ادارو سندن ٿورائتو آهي.

ادارو سنڌيءَ جي ہرک ليکڪ سائين قمبر شهباز جن جو به ٿورائتو آهي جن هن ڪتاب جو نهايت دلچسپ مهاڳ لکيو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب جي ٻين صنفن جهڙوڪ: ڪهاڻي، شاعري ۽ ناول وغيره جا جهجهي تعداد ۾ ڪتاب ملندا، پر ڊرامي جي صنف کي بلڪل نظر انداز ڪيو ويو آهي. اسان ان کوٽ کي وس آهر پورو ڪرڻ ۾ ڪوشان آهيون. هن کان اڳ محترم قمر شهباز جي چونڊ ريڊيو ۽ ٽيليويزن ڊرامن کي ”واچوڙن ۾ لاٽ“ نالي خوبصورت انداز ۾ ڇاپيو هيو. جنهن کي پڙهندڙن تمام گهڻو پسند ڪيو جيڪڏهن پڙهندڙن جو ساٿ رهيو ته ان سلسلي ۾ اڃا وڌيڪ ڪتاب ڇاپيا ويندا. هن ڪتاب کي آڻڻ ۾ ڪافي دوستن تعاون ڪيو. ادارو سندن ٿورائتو آهي ۽ اميد ته آئنده به آهي ساٿ نڀائيندا.

— ڪرم الاهي چنا

# ڪاڪ محل

زندگي ڪاڪ محل آهي ڪو رنگارنگي،
جنهن ۾ مقصد ٿو سدا ناز ڪري مومل جيان:
دور ڪان دل کي لڀائي، نه اچڻ ڏئي ويجهو،
ڪير آهي جو لنگهي پار پوي مشڪل مان؟

جيڪو اڳتي ٿو وڌي، ڪائي آهو ڪيئي فريب،
جادونگريءَ مان بچي ڪير سگهي، ڪير ڀلا؟
ڪن کي نوميدي ڪيد ڏند هٿي ڏيچاري،
ڪن کي ڏاڍ جيان ڏڪائي ٿو پيو موت، الا!

روز آميد ڪري هار ۽ سينگار نوان،
پاڻ کي خوب سجائي، ٿي لڀائي دل کي:
عارضي سونهن تي هرڪي، ڪئين جوڙا ۽ جوان،
راهه ڀلجي ۽ وساري ٿا ڇڏن منزل کي،

ڪير منزل کي رسي، ڪير ٿو ماڻي مومل؟
جان جادوءَ مان ڀلا ڪوئي ڇڏائي ته سهي!
ڪوئي لاهوتي لنگهي اڳتي وڃي مقصد ڏانهن،
چال چورين جا ڏسي، ڪوئي لنوائي ته سهي!

ها، مگر ميندرا منزل تي رسي ئي رهندا،
جادونگريءَ جا طلسمات ٽٽي ئي رهندا:
عقل ۽ عزم جا راڻا ويا اڳتي ڊوڪي،
پنهنجي حالات جي مومل کي ڀِسي ئي رهندا.

مال موهي نه سگهيو، ڪاڪ ڪان جهلجهي نه سگهيا،
چال چورين جا لنگهي، ڪاهڙي وڌندا ئي رهيا:
مون کي اڄ شاهه ڀٽائيءَ جي وري ياد آئي،
پنهنجي مومل سان ملڻ جي آ وري اڄ وائي!

نه ڪري
درد جو تحفو قبول!“

[”پيشڪش“]

”خيال جي بستي“ ۽ ”تصور“ کي آباد رکڻ لاءِ، حقيقتن کي به ”طبيعت جي روشنيءَ“ ۾ نه ڏسندو رهيس:

حقيقتن کي طبيعت جي روشني ۾ ڏٺي،
منهنجي نگاهه جي سامهون عجيب منظر هو:
پري، تمام پري، هئي ”خيال جي بستي“،
قريب ۽ دور فقط ”منهنجوئي تصور“ هو.

[”لاٽ“]

۽ گهڻو پوءِ جڏهن مُون مومل ۽ راڻي جو داستان پڙهيو ته ”خيال جي بستيءَ“ ۾ ”ڪاڪ محل“ جون عظيم اڏاوتون ٺهي ويون، جنهن ۾ ”مقصد ۽ حالات جي مومل“ ۽ ”عقل ۽ عزم جا راڻا“ آباد هئا.

”زندگي ڪاڪ محل آهي ڪو رنگارنگي،
جنهن ۾ مقصد ٿو سدا ناز ڪري مومل جيان.“
”عقل ۽ عزم جا راڻا ويا اڳتي ڏوڪي،
منهنجي حالات جي مومل کي ڇَسي نه رهندا.“

[”ڪاڪ محل“]

هي منزل جا ڏوڪا، هي ڏوکن جي منزل
هي خوشفهميون ۽ غلطفهميون:
هي منزل جي رخ تي هزارين نه وڻڪار جا ”ڪاڪ محلات“
پنهنجي ڪمالات جي دلڪشيءَ سان،
هرهڪ راهرو قافلي کي، اڃن ني، پيا عيش آرام جون دعوتون التجائون سڃهندا؛

نهايت نه مسرور آهن نگاهون،
نهايت نه مشڪوڪ آهن نظارا—
تصور جي تخليق جا ڪارناما.

[”مسرت جي منزل“]

عزيزم محمد يوسف زنئڊهور (وينل ۽ميهل تعلقو گولاڙچي) ڊرامي جي آئوٽ ڊور شوٽنگ جي انتظامن ۾ اوائلي مدد ڪئي، ۽ برادرم غلام رسول زنئڊهور پنهنجي ڳوٺ ساڏوري تعلقي عمرڪوٽ ۾ آئوٽ ڊور ٽيم جي چار ڏينهن مهماني جهلي ۽ شوٽنگ لاءِ ڀرپور بندوبست ڪيو، تنهن لاءِ آءٌ هنهي ڄڻن جو، ۽ پڻ برادرم عبدالغني زنئڊهور ۽ ساڏوريءَ جي انهن مڙني جوانن جو، جن اسان جي ٽيم جي گهڻي خاطرداري ڪئي، تهدل ٿورائتو آهيان.

— شمشيرالحيدري

قصي کي ٻيتن ۾ جوڙيو. ارڙهين صديءَ جي آخر يا اوڻيهين صديءَ جي شروع ۾ لسٻيلي جي شاعرن، شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهه، هن قصي کي پنهنجيءَ عوامي شاعريءَ جو عنوان بڻايو. خداداد خان پنهنجي ڪتاب "وقائع جيسلمير" ۾ پيرڻني گاذر جي جوڙيل مومل-راڻي جي قصي جو ذڪر ڪيو آهي. هي شاعر پڻ انهيءَ ٻوئين دور جو هو. انهيءَ دور ۾ لسٻيلي جو ٻيو هڪ شاعر مبارڪ گنگو ٿي گذريو، جنهن پڻ مومل-راڻي جي قصي باٻت بيت چيا.

ڪتابن ۾ اشاعت جي لحاظ سان، هي قصو پهريون ڀيرو، مختصر طور، رچرڊ برٽن جي ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌوءَ جي واديءَ ۾ وسندڙ قومون" ۾، سن ١٨٥١ع ۾، لنڊن ۾ شايع ٿيو. ٣٦ سال کن پوءِ مرزا قليچ بيگ مرحوم، سن ١٨٨٧ع ۾، "مومل-راڻي جو قصو، اصل حفيظ وارو" مرتب ڪيو، جيڪو ڪراچيءَ مان ڇپيو.

—٭—




لطيفي
لاٽ
ڪاڪ محل
تحرير:
شمشير الحيدري



## ٽائيٽل سين

ڪاڪ محل جو ماڊل ڪروما جي وسيلي ڏيکارجي ٿو،
جنهن ۾ چانڊوڪيءَ رات جو ڏيک آهي ۽ خوفناڪ جهنگلي جانور،
نانگ بلائون ۽ وروڪڙ پيچرا نظر اچن ٿا.
بئڪ گرائونڊ ۾ سُر راڻي جي ڌن وڄندي رهي ٿي:
”راڻا جي رجپوت، مومل سهي پسندا“
اسڪرين تي ڪهاڻيءَ جو ٽائيٽل اچي ٿو.

## سين : ١

اندور: جادوگر جو ڪمرو. جادوگر فرش تي ويٺو آهي.
جادوگر جي اڳيان جادوئي آئينو رکيو آهي.

آئيني ۾ ڏسندي، ٽهڪ ڏيندي

جادوگر: ايڏو وڏو خزانو!.... ها ها ها ها
.... ساري عمر عيش ڪندين،
ٻچو! ساري عمر عيش ڪندين.
پاڻ پنهي‌جون سؤ پيڙهيون کائين
ته به نه کٽي!

ٻالڪو: ڪٿي آهي آهو خزانو، استاد؟
مون کي به ته ڏيکار.

جادوگر: درياهه جي پيٽ ۾!

ٻالڪو: درياهه جي پيٽ ۾؟

آئيني ۾ جهڪي ڏسي ٿو.

واه استاد، تنهنجيون اکيون ته
پاتال هيٺ لڪل شين کي به

ڏسيو وٺنا.... پر استاد، اهو خزانو تہ — يعني اهو خزانو تہ درياھ جي پيٽ ۾ آهي.

کلندي

جادوگر: ھ ھ ھ .... ٻچو، اسين اهو خزانو هتي ڪڍي ايندا سين.

آئيني مستان ٻئي هٽ ڪيمائي، جادوءَ جو عمل ڪري ٿو. ٻالڪو آئيني ۾ گهور ڪري نهاري ٿو.

ٻالڪو: درياھ جي پيٽ مان؟

جادوگر: ها، درياھ جي پيٽ مان.

ٻالڪو: سو ڪيئن، استاد؟

جادوگر: هي ڏس، ڌيان ڪري ڏس، ٻچو!

ٻالڪو: اڙي، هي ڪير آهي؟ .... ءَ استاد، هي پاڻي....اڙي اڙي، پاڻي تہ سڪندو پيو وڃي!

جادوگر: ڏٺئي ٻچو! درياھ ۾ جتان جتان گهوڙيسوار هلندو وڃي، پاڻي پنهي پاسن کان هٽندو وڃي.

ٻالڪو: هي تہ ڪو وڏو جادوگر آهي! پوشاڪ تہ بادشاهي اٿس.... پر هي آهي ڪير؟ استاد، تون خزاني لاءِ هن سان لڙائي ڪندين ڇا؟

جادوگر: ٻڌ! هي راجا نند آهي، ٻچو!

ٻالڪو: راجا نند!

جادوگر: ها، راجا نند، ماٿيلي جو حاڪم. جادو ٽادو ڪونہ ڄاڻي، پر وٽس ڪنهن جانور جي ڪراهتي هڏي آهي. انهيءَ هڏيءَ جي

ڪري، هي جڏهن درياهہ ۾ گهڙي
تو تہ پاڻي سندس ٻنهي پاس
کان هٽيو وڃي ۽ وچ ۾ خشڪيءَ
جي واٽ پيدا ٿيو پوي.

ٻالڪو: واهہ استاد، اها تہ وڏي ڪمائتي
هڏي آهي! پر، استاد، ان جو
خزاني سان ڪهڙو واسطو؟

جادوگر: ڏٺئي ڪونہ تہ اهو خزانو درياهہ
جي پيٽ ۾ رکيل هو؟

ٻالڪو: ها استاد، ياد آيو.

جادوگر: راجا نند ڪرامتي هڏيءَ جي
زور تي پنهنجو سمورو خزانو
درياهہ جي پيٽ ۾ پوري ڇڏيو
آهي. هاڻي اسان کي اها هڏي
هٿ ڪرڻي آهي، ٻچو!

خوشيءَ وچان ٽهڪ
ڏئي ٿو.

ٻالڪو: واهہ استاد، پوءِ تہ اسين بادشاهہ
بنجي ويندا سين!.... پر استاد،
اها هڏي اسان کي هٿ ڪيئن
ايندي؟ ڇا راجا نند سان لڙائي
لڙڻي پوندي؟

سوچيندي

جادوگر: ڏس ڏس، ڌيان ڪري ڏس، ٻچو!
اها ڪرامتي هڏي، راجا نند
جي سڀ کان ننڍي ڌي راجڪماري
مومل جي ڳچيءَ ۾ پيل نولکي
هار اندر مڙهيل آهي.

ٽهڪ ڏيئي
ٻالڪو جادوئي آئيني ۾ ڏسي
ٿو. ڪئميرا آئيني ۾ مومل
کي پلنگ تي ستل
ڏيکاري ٿي.

جادوگر آئيني مثان هٿ
گهمائيندي عمل ڪري
ٿو. مومل جي منهن تي
ننڊ ۽ خوف جا تاثرات
پيدا ٿين ٿا. هوءَ ڇرڪ
ڀري اٿي، ٿي ۽ ڪانئس
زوردار رڙ نڪري وڃي ٿي.
جادوگر وڏو ٽهڪ ڏئي ٿو.
ڪئميرا زوم اِن ڪري
مومل جي هار جو ڪلوز
ڏئي ٿي.

جادوگر— اسان کي سڀاڻي صبح جو ئي اهو هار هٿ ڪرڻ لاءِ هلڻو آهي، ٻچو!

جادوگر ۽ ٻالڪو زوردار
ٽهڪ ڏين ٿا.

— ڊزالو —

## سين : ٢

ڪئميرا ڦرندي سين مان مومل جي هار تي ڊزالو ڏيئي، ساڳئي ريت هار جو ڪلوز ڏيکاري ٿي، ۽ پوءِ زوم آئوٽ ٿيندي، مومل کي ڏيکاري ٿي، جنهن جي ڳچيءَ ۾ هار پيل آهي. ۾ ٻانهيون سنڌس وار سينگاري رهيون آهن. هڪڙي ٻانهي مورڇل سان کيس هوا ڪري رهي آهي.

هڪڙي ٻانهي: تون اجايو پريشان نه ٿي سائڻ! خواب نه ائين ٿي ٿيندا آهـــز.

ٻي ٻانهي: خواب جيڪڏهن سچا ٿـــي پون ته پوءِ...

مومل: ڪي خواب سچا به ٿين ٿـــا.

ٿڌو ساهه ڀري ٿي.

ڪي خواب سڌُّهوءَ جي پنهنجي
من جو ناهہ هوندا آهن، پر ڪي
خواب آئينديءَ جو چتاءُ بہ ڏيندا
آهن. مون رات جيڪو خواب
ڏٺو آهي، سو ڏاڍو ڀيانڪ هو.
ايڏو ڀيانڪ، جو آئون.... اڌون
ان جي تباهيءَ جو ڌيان ايندي
بہ ڏڪيو ٿي وڃان !

ناتر : ڪو جوڳي آيو آهي، سائڻ !
دان جي سڻين پيو هٿي.

مومل : جيڪي گهري سو ڏيوس،
پڇڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي.

سومل : پر هو تہ رڳو تنهنجو نَولکو
هار گهري ٿو، مومل !

مومل : ڇا ! هي نَولکو هار؟ پر اهو
ڪيئن ٿي سگهي ٿو، ادي سومل!

سومل : پر ڪيس انڪار بہ ڪئن ڪري
سگهجي، اِها ڳالهہ راجائي شان
جي خلاف ٿيندي.

مومل : پر.... تو کي نہ خبر آهي ادي
سومل، بابا سائين ڏاڍو ناراض
ٿيندو .

سومل : ها، مومل، بابا سائين تو کي هن
هار کي سنڀالڻ جي سخت تاڪيد
ڪئي هئي.

ٻانهي : سائڻ سومل جو نَولکو هار
بہ تہ اهڙو ئي آهي.

ناتر : پر جوڳي تہ سائڻ مومل جي

ٻانهي هٿن سان منهن
ڍڪائي ٿي.

ٻانهي ناتر اچي ٿي.

سومل ۽ ٻيون ٻيٺون اچن
ٿيون ۽ ويهن ٿيون.

پري کان ايندي مومل
سومل کي ڏسي اُٿي ٿي.

ڇرڪي هار تي هٿ
رکي ٿي .

هتان، سندس ٿي هار جو داڻ
گھري رهيو آهي.

سومل : ناتر، وڃ جوڳيءَ کي پهريدارن
وٽان وٺي اچ. راجڪماري
سومل ڏيڍيءَ تي اچي ٿي.

ـــڪٽـــ

## سين : ٣

محل جي ڏيڍيءَ تي سومل، مومل، ناتر ۽ ٻيون ٻيٺون، جوڳي ۽ سندس ٻالڪو.

جوڳيءَ جو ٻالڪو خاموشيءَ سان مناسب تاثرات ڏيندو رهي ٿو.

جوڳي: جوڳي راجڪماري مومل کي آسيس ڏيڻ لاءِ حاضر ٿيو آهي بابا.

سومل : ڀلي ڪري آئين جوڳي.

جوڳي: مون کي خبر آهي ته راجا پنهنجيءَ سڀ کان ننڍيءَ ڪماريءَ کي وڏيڪ پيار ڪندو آهي، تنهن ڪري آئون ٻه ان کي آسيس ڏيڻ گهران ٿو.

پنهنجي ڪڇيءَ سان هار لاهيندي.

سومل : ڪماري مومل اوهان جي آسيس لاءِ گهڻو ٿورائتي آهي ....
مومل، اچي هي هار جوڳيءَ کي پنهنجن هٿن سان ڏي.

ڪنڌ سان ناڪار ڪندي

جوڳي : اونهون .... هيءَ ٻاڪ سياڪ جي ڳالهه آهي، بابا.... مون راجڪماري مومل جي ڪڇيءَ وارو هار گهريو آهي، بابا.

مومل سوالي انداز سان سومل ڏانهن ڏسي ٿي.
سومل اشاري سان ڪيس هار جوڳيءَ کي ڏيڻ لاءِ

چوي ٿي، مومل ھيڪندي ھر پنھنجي ڳچيءَ مان لاھي جوڳيءَ کي ڏئي ٿي.

جوڳي: دان ڏيو، ديا کٽو! راجڪماري مومل سدا سکي رھي. ڪڏھن به ڪوسو واءُ نه لڳيس.

مومل: اسان لاءِ راج ۽ ڀاڳ جي دعا ڪريو، جوڳي بابا!

جوڳي: راج ۽ ڀاڳ؟.... ھه ھه ھه ....
سڀ راج ۽ ڀاڳ جو چڪر آھي، بابا!
.... ھل ڀچو، اسان کي پنھنجو من گھريو دان ملي ويو آھي ....
سڀ راج ۽ ڀاڳ جو چڪر آھي، بابا!

جوڳي ۽ ٻالڪو ٺھڪ ڏيندا نڪري وڃن ٿا.

مومل: ھاڻي ڇا ٿيندو، ادي؟ منھنجو ته ھانءُ ٿو ٻڏي، ادي!

سومل: گھٻراءِ نه، مومل!

اندر ڏانھن موٽندي ڏکاري انداز ۾.

مومل: مون خواب ۾ ڏٺو ھو، ماٺيلي جي راڄڌانيءَ ۾ وڏو زلزلو آيو آھي. ۽ .... ۽ سڀڪجھه تباھ ٿي ويو آھي! مون انھيءَ ڪري پنھنجو نولکو ھار جوڳيءَ کي دان ڪري ڏنو ته جيئن اھا آپدا اسان تان ٽري وڃي.

ناتر: ھا، ڏٺو ٻنو آھي، سائڻ! خواب ساپيان تي ٻوي ته ھوند سڄو راڄ ڀاڳ تباھ ٿي وڃي!

سومل : ائين نه چئو، ناٽر!
مومل : پير هاڻي آئون سوچيان ٿي
بابا سائينءَ کي ڇا جواب ڏينديس!
سومل : آئون پاڻيهي جواب ڏينديس
تون ڳڻتي نه ڪر، مومل.

سين : ۴

اندور. راجا نند سنهري ڪرسيءَ تي ويٺو آهي. مومل، سومل ۽ ٻيون پنج ٽي ڀيڻون بيٺيون آهن. ناٽر ۽ ٻيون ٻانهيون به حاضر آهن.

جهٽڪي سان ڪرسيءَ تان اٿندي، تيزيءَ ۽ ڪاوڙ مان، يڪساهيءَ.

راجا نند: آف، ايڏي تباهي ڪٿي اٿو جو دل چوي ٿي، اوهان سيني کي ڪچو ڪاٽي ڇڏيان! .... سيني کي گهوگهو ڏيئي، ٽڪرا ٽڪرا پورو ڪري ڇڏيان! ستن پيڙهين جي ڪمائي ڪٽ ڪري ڇڏيو.... الائي ڪهڙيون ڪهڙيون املهه نشانيون هيون اسان جي وڏن جون انهيءَ خزاني ۾. هيرا، موتي، سون، چاندي — ڪروڙن جو ڌن هڪڙو حرامخور اوهان کان ڪيڏيءَ آسانيءَ سان ڦري ويو!.... آف، ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي ته آئون ڇا ڪريان!

مٺو ٿيندي هٿن ۾ جهلي ڪرسيءَ تي ويهي ٿو، هٻڪندي

مومل : مون کي معاف ڪريو بابا سائين. مون سوچيو هو، جو ڳيءَ جي

بددعا سان متان اوهان جو راڄ
۽ ملڪ تباهه نه ٿي وڃي !....
مون ڏاڍو ڀيانڪ خواب ڏٺو
هو، بابا !

راجانند: بس بس، آئون ڪابه ڳالهه ٻڌڻ
نٿو چاهيان. خواب جي تباهيءَ
ڪان اڳ تو سچي ٻچي تباهي
ڪري ڏيکاري. ڪٿان ايندو
ايڏو خزانو؟ ڪٿان ايندو؟ ڪٿان
ايندو؟....

(ڏکاري آواز ۾ چوندي، سندس ڳلو ڀرجي اچي ٿو ۽ وري مٿي کي هٿ ڏيئي ڪنڌ لوڏيندو رهي ٿو.)

سومل : بابا، اوهين پاڻ کي گهڻو پريشان
نه ڪريو. آئون اوهان سان ٻول
ٿي ڪريان ته وڃايل خزاني ڪان
ٻيڻو خزانو اوهان کي گڏ ڪري
ڏينديس.

(اوچتو ڪرسيءَ تان اٿندي رڙ ڪري.)

راجا : ڪٿان ايندو ايڏو خزانو؟ ڪٿان
ايندو؟.... ٽري وڃو! ٽري وڃو
منهنجي منهن تان.... ٽري وڃو!

(مرڪندي)

سومل : بابا سائين، اسان کي موڪل
ڏيو ته ڪجهه ڏينهن لاءِ خزاني
گڏ ڪرڻ جي مهم تي نڪري
وڃون.

راجا : ها ها ها ها.... خزاني گڏ ڪرڻ
جي مهم! ها ها ها ... ٽري
وڃو!.... سڀ ٽري وڃو........
آئون چوان ٿو، ٽري وڃو
منهنجي منهن تان! ٽري وڃو....

(سڀ ڀينرون آهستگيءَ سان نڪري وڃن ٿيون. راجا چرين وانگر ٽهڪ ڏيندو، ڪرسيءَ تي ڍهي پوي ٿو.)

— پڙدو —

## سين : ۵

آئوٽ ڊور. وقت: ڏينهن. هنڌ : ريگستان.

عمرڪوٽ جو بادشاهه همير ۽ سندس ٽــي وزيرــــ راڻو سينڌرو، سينهڙو ۽ ڏونئرــ جهنگ ۽ پٽن وچان گهوڙن تي هلندي ڏيکارجن ٿا. بئڪ گرائونڊ ۾ موسيقي ٻڌجي ٿي.

ـــ ڪٽ ــ

## سين : ۶

ان ڊور. وقت: ڏينهن. هنڌ : ڪاڪ محل ۾ شهزادين جي ويهڻ جو ڪمرو.

سومل، مومل ۽ ٻيون ڇيڪرون ويٺل آهن. ٻانهيون با ادب بيٺيون آهن. ڪي ٻانهيون مورڇل سان هوا ڪري رهيون آهن.

ناتر هڪ وڏو ڍڪيل ٿالهه کڻي ورانڊي مان لنگهندي، اندر داخل ٿئي ٿي. هوءَ ڪلندي اچي ٿي. سندس اندر اچڻ وقت بئڪ گرائونڊ ۾ ڇيڪرن جا ٽهڪ ٻڌجن ٿا.

هڪ ڇيڪري: اچي پئي ياڪ پري.

ٻي ڇيڪري: ڀهڪندي پئي اچي. ڪو وڏو مير ماري آئي آهي.

ٽي ڇيڪري: سدا سوڀاري آهي. پريو ڏيڍ سال ٿيو اٿس هيرن موتين جا ٿالهه ڍوئيندي.

سومل : رک هتي. ڏسون، ڇا آندو اٿئي!

ناتر کي

ناتــر ٿالهه سومل اڳيان رکي ٿــي. سومل ڍڪ هٽائي ٿي. ٿالهه ۾ هيرا موتي پريل آهن.

سڀ ڇيڪرون ٿالهه ڏانهن ڏسندي، خوشيءَ جا تاثرات ڏين ٿيون.

سومل ماٺ ۾ گنڀير آهي.
سومل کجھ هيرا کڻي،
پيرن کي ڏيکاري ٿي.

سومل : تحفا ته ڏاڍا قيمتي آهن. ڪير آهي پيش ڪرڻ وارو؟

ناٿـر : شاھ آباد ولايت جـو شهزادو آهي، سائڻ! وڏي اقبالي سان آيو آهي. ڏاڍي شان شوڪت وارو آهي. شڪل صورت ۾ به ڏاڍو ملوڪ آهي.

ٽڙيءَ سان

سومل : ملوڪ آهي يا بڇڙو، ڪير ٿو پڇي تو کان اهي ڳالهيون!....
ڪير ڪيترو به شان ۽ شڪل وارو هجي، اسان جو مطلب مايا ميڙڻ سان آهي .... وڃ ، هي وڃي توشاخاني ۾ رکرائي اچ.

ناٿـر : جي، سائڻ.

ناٿر نالھ کڻي، وڃي ٿي.

ڪٽ

## سين : ٧

آئوٽ ڊور. وقت: شام، منهن-اونداهي.

عمرڪوٽ جو بادشاھ همير ۽ سندس ٽي وزير— راڻو، ڏونئر ۽ سينهڙو— هڪ هنڌ شڪار ڪيل جانور جو گوشت پچائي کائي رهيا آهن ته پري کان هڪڙو جوڳي ايندو ڏسن ٿا. هـو ويجهو اچي ٿو ۽ ڪين ڪاڪ نگر جون خبرون ٻڌائي ٿو.

ٽيئي چئا زمين مٿان وڇايل ڪپڙي تي ويٺا آهن ۽ ڪانين ۾ ٽنبيل ڪل گوشت کائي رهيا آهن، پـر راڻو هندو آهـي ۽ ماس نٿو کائي. پرسان باھ ٻري رهي آهي، جنهن جي روشني سندن چهرن تي ٻکي رهي آهي.

همير : ياڻ شايد پنهنجي بادشاهيءَ کان پري نڪري آيا آهيون. سچ

ٿهڻ وارو آهي ۽ سونهن ڏکيو
ٿي پوندو.

سينهڙو: بيشڪ، بيشڪ.... ڪٿي به ڪا
وستي نه ڏٺي اٿئون. سڄ ٿي سڄ
لڳي پئي آهي.

ڏونٿر: سڄ ۾ اڄ به واه جي لڳي آهي.
منهنجو ته ساهه ٿو وڃي.

(همير ڏانهن اشارو ڪندي، ڏونٿر کي.)

سينهڙو: بيشڪ، بيشڪ .... تنهنجو ساهه
تہ اڳي ئي بک جي ڪري
به هليو وڃي ها، پر دعا ڪر
همير حاڪم کي، جنهن هڪڙي
روجهه شڪار ڪري ورتي.

همير: شڪار ته ٿي ويا، پر هاڻ ڪا
ورڻ واري ڪريو.

ڏونٿر: منهنجو ته اڄ ڪان ساهه ٿو وڃي.
منهنجو گهوڙو به مون سان ان
راه ۾ شامل آهي. اسين پيٽي
چٽا هتي ئي دفن ٿينداسين.
اوهان ۾ سگهه آهي ته پلي وڃو.
ها، سنگت سان صلاح ڪرڻ
ضروري آهي.

(سڀ ڳلن ٿا.)

سينهڙو: تون، راڻا، ڇو سوير ڪان چپ
ڇپيو ويٺو آهين؟

(راڻي کي.)

ڏونٿر: راڻي کي به اڄ لڳي آهي. اڄ
جي ڪري ڪاڪڙو سڪي
ويندو آهي، سينهڙا!

سينهڙو: بيشڪ، بيشڪ.

(پري ڏانهن گهوريندي.) راڻو: اسين سڀ، برابر ازل جا اڄاڻ

آهيون، پر آئون پري کان
ڪنهن سوجهري ڏانهن سوير
کان ڏسي رهيو آهيان، جيڪو
هيڏانهن اچي رهيو آهي.

(سڀ اوڏانهن ڏسن ٿا.)

همير : دئو نه برابر ڏسجي ٿو. ڇا تو
ٻانئيين، رائا، ڪهڙي شيءِ
ٿيندي اها؟

سيهڙو : جهڙو سچ! جهڙو چنڊ!

رائو : برابر. پر آئون ٻانيان ٿو ڪو
ماڻهو آهي، تمام سهڻيءَ
صورت وارو.

ڏونئر : ”ماڻهو سڀ نه سهڻا، پکي سڀ
نه هنج“... ماڻهو نه هوندو ته
ٻيو ڪا سان ڪو هنج هوندو.
سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري
آهي.

(جوڳيءَ ڏي ويجهو
ايندو ڏسي)

همير : رائي جو خيال صحيح آهي.

سيهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

همير : ڪير ٿي سگهي ٿو، رائا! هن
برپٽ ۾ جهڙو جوان!

رائو : پوشاڪ ته جوڳين واري اٿس.

سيهڙو : ڪو رمتو فقير ٿو ڏسجي.

همير : ويجهو اچي ته احوال وٺونس.
ويجهيءَ چڪ ۾ ڪو ڳوٺ
مجي ته هلي جيڪر آرامي ٿيون.
صبح جي ڳالهه صبح سان.

ڏمبرا جوڳيءَ کي ايندو ڏيکاري ٿي. ڪيس گيڙوءَ رنا ڪپڙا پهريل آهن، ڳلي ۾ مالها پيل اٿس ۽ ڪُلهي ۾ ساڻي رنگ جـي شال ويڙهيل اٿس. هو ڏکاريءَ حالت ۾ ڪنڌ هيٺ لاڙي هلندو رهـي ٿـو ۽ ٻٽڪ ڳرائوند ۾ بيت ڳائجي ٿو.

جي ڪاڪ ڪکوريا ڪاپڙي،
تن لهي نه لاڻي،
ڪڙي ڪيف خماريا،
مـي پي موالي،
ڪري حاصل هليا،
ڪيفيت ڪمالي،
وتن وصالي، لڏوٺان لوڏي ٿيا.

سينهڙو: ڀلي ڪري آئين، جوڳي! اسان توکي پري، ڪانَ ڏٺو پئي.

جوڳي ويجهو اچي ٿـو. هو سمورو وقت گنڀير ۽ خاموش آهي. هو چپ چاپ اچي بيهي ٿو رهي.

ڏونٽر : واه واه، جهڙو ديوتما ! ڪيڏو نه سهڻو ۽ سڀاجهڙو جوان آهي! سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهـــي.

رائـو : ڪير آهين جـو هن رنگ ۾ رليو پيو وتين؟ شڪل ته شهزادن جهڙي اٿئي.

سينهڙو: بيشڪ، بيشڪ.

رائو اُٺـي جوڳيءَ کـي ٻانهن کان وٺي ويهاري ٿو.

رائـو : ويهه جوڳي، ٿڪل ٿوندين.

سينهڙو : هن برپٽ ۾، شامويلي، ڪيڏانهن نڪري پيو آهين؟ ڪير آهين؟ ڪٿي جو آهين؟

جوڳي ويهي ٿو. ڳودڙي ۽ پاڻيءَ جـي ساندارڪي لاهـي رکي ٿـو. ڏونٽر ساڻداريءَ ڏانهن اکيون ناڙي ڏسي ٿو.

جوڳي : جيڪي ڏسجان ٿو سوئي آهيان. ڪشمير جو ڪاپڙي آهيان.

همير : نالو ڇا اٿئي؟

ڏنو ساهه ڀري ٿو

جوڳي : ڪاپڙين جا کھڙا نالا، بس، رمتو جوڳي آهيان. هاڻي ته هن بيابان ۾ جيئڻو ۽ مرڻو آهي.

سينھڙو : بيشڪ، بيشڪ.

ڏونئر : سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

همير : مٺ وڏاءِ، ڪجھ ڪاڻ، بکيو هوندين.

جوڳي : طلب ڪانهي.

سينھڙو : هي اسان جو حاڪم، عمرڪوٽ جو بادشاهه، همير سومرو آهي. هي سوڍن جو سردار راڻو مينڌرو آهي.

ڏونئر : آئون ڏونئر آهيان. ذات جو ٻٽي آهيان.

سينھڙو : ۽ منھنجو نالو سينھڙو آهي، پاڻ ڌماچاڻي آهيان. اسين ٽيئي همير جا رفيق ۽ وزير آهيون.

ساندارياءَ ڏانھن اشارو ڪندي، جوڳيءَ کي.

ڏونئر : اسين چار ئي هتي اڄ ۾ مري وڃون ها.. هن سانداريءَ ۾ تو وٽ پاڻي آهي نه ؟

جوڳي : ها، اڇي. جام پاڻي آهي.

سانداري ڏئي ٿو.

ڏونئر سانداري وٺي ٿو ۽ جوڳي گودڙيءَ مان وٺو ڪڍي ڪيس ڏئي ٿو.
ڏونئر پاڻي وٺيءَ ۾ ڀري ٿو، جنھن جو رنگ ڳاڙهو آهي.

رڙ ڪري

ڏونئر : اڙي، پاڻي آهي يا رت؟ ميان،

ڏکاريءَ ٻرڪ سان،
ڪنڌ ڌوڻيندي، ٽڏو
ساهه کڻي ٿو.
جوڳيءَ جي اکين مان
ڳوڙها وهڻ لڳن ٿا.
ڪئميرا هن کي ڳوڙها
ڳاڙيندي ۽ ٽڏا ساهه ڀريندي
ڏيکاري ٿي ۽ بئڪگرائونڊ
۾ هي بيت تحت اللفظ پڙهجي
ٿو.
ان وچ ۾ ڏونئر وٽي مان
پاڻي ڀڪ ۾ ڀري چکي ٿو
۽ وٽو مينڌري کي ڏئي
ٿو، جيڪو همير ڏانهن
وڌائي ٿو.
هڪ ڀيرندي سڀ واري
واري سان پاڻي پيئندا
رهن ٿا.

تون ته ڪو خوني ٿو ڏسجين!
مينڌرا، تون ڏس، سنگت سان
صلاح ڪرڻ ضروري آهي.
جوڳي: ”ڪڪوري ڪاڪ وهي،
راتا پاڻيءَ ۾ رت،
سوڍا اِي شربت،
نسورو ئي نينهن جو.“
رت ڪونهي، پاڻي آهي.
هي ڪاڪ جو ڪڪوريل پاڻي
آهي. پي ڏس.

”بيکاريءَ کي بر ۾،
ويو ڪيف چڙهي،
ڳالهيون ڪندي ڪاڪ جون،
ڳوڙها پيس ڳڙي،
ڪا جا انگ اڙي،
جيئن چڻنا ڦٽ چڙي پيا.“
ڏونئر: هي ته شربت آهي! سنگت
سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.
همير: هي رت ورنو پاڻي ڪيڏو نه
مٺو آهي!
راڻو: تنهنجي سرير مان عجب سڳند
پئي اچي، جوڳي!
سينهڙو: بيشڪ، بيشڪ.
جوڳي: اِها ڪاڪ نگر جي مٽيءَ جي
سڳند آهي.
سينهڙو: ڪٿي آهي اهو ڪاڪ نگر؟

ٽڏو ساهه ڀريندي

ڌنو ساهه پرينديءَ

همير : جتي جي پاڻيءَ ۾ ايڏو مٺاس
آهي، جتي جي مٽيءَ ۾ ايڏي
سڳنڌ آهي!
رائو : تنهنجي ڳوڙهن ۾ ضرور ڪا
وڏي وارتا سمايل آهي. ڪجهه
نه سل، توسان ڪنهن ايڏو
قهر ڪيو آهي؟
جوڳي : ”گَجر ڪي گجمير جون،
تارن ۾ تبرون،
هٿي حاڪمين ڪي،
زور پريون زبرون،
ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون،
پسو پرڏيهين جون.“
آف! سوين ڪُسجي ويا، سوين
ڦرجي فقير ٿي ويا....
ڪاڪ نديءَ جي ڪناري تي،
ماڻيلي جي راجڪماريءَ سومل
هڪ جادوئي محل جوڙيو آهي.
ان جي چوڌاري جهنگ ۾
هيبتناڪ جانور آهن. هڪڙو
وڏو تلاءُ آهي، جنهن جي
غضبناڪ ڇولين ۾ واڳون وات
ڦاڙي پيا گهمن. عجيب ورو ڪڙ
پيچرا آهن، جن ۾ جيڪو ڦاٿو
سو وري نه وريو. ڪئين مري
کپي ويا آهن!....
ڏونئر : پوءِ چاهي .... ماڻهو ايڏانهن
وڃيئي ڇو؟

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

جوڳي: پوءِ به ڪئين شاهه شاهزادا،
امير وزير، ڪاڪ محل ڏانهن
وڃڻ لاءِ راجڪماري سومل
اعلان ڪيو آهي ته سندس
ندي پيڻ مومل ان سان شادي
ڪندي، جيڪو سيئي خطرا
پار ڪري، ڪاڪ محل اندر
پهچندو!....

ڏونئر : سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري
آهي.

سينهڙو: بيشڪ، بيشڪ.

جوڳي: آه، ڪاڪ محل!.... جتي گجريون
رهن ٿيون، جن جون اکيون
اُتر مينهن جي وڄڻ وانگر
تجليدار آهن، جيڪي رڳو
ڪِلندي ڪئين خون ڪريو
ڇڏين!

”جهڙا گل گلاب جا،
تهڙا متن ويس،
چوٽا تيل چنبيليا،
ها ها هو هميش،
لالن جي لبيس،
آتڻ اکر نه آڇهي!

ٽڏو ساهه پري، گهوڙها .... ۽ انهن ۾ مومل!.... آه،
گاڏي ٿوه مومل!

سينهڙو: ايڏي سهڻي آهي مومل؟

تڏو ٺوڪارو. — جوڳي : آه !....

”مومل کي مجاز جا،
اکين ۾ الماس،
نہ ڪا عام نہ خاص،
جي ويا سي وڍيا.“
اڻون بہ هڪڙو بادشاهہ هوس،
نوَ لک ناٿي ۽ پنج هزار پيادن
سان مومل ماڻڻ هليو هوس.
سڀڪجهہ وڃائي، هاڻي فقير
بڻجي هن بيابان ۾ اڪيلو رلندو
وتان. هاڻي ڪهڙي منهن ملڪ
موٽي وينداس !

اٿي ٿو.

آه ، مومل جي هڪ جهلڪ
مون کي متوالو ڪري ڇڏيو
آهي !.... بس، الله واهي.
”جهڙا گل گلاب جا،
تهڙا مٿن ويس،
تهڙا مٿن ويس....“

آهستي آهستي هلندو، جوڳي نڪري وڃي ٿو.

همير : جوڳيءَ اندر ۾ آڳ لڳائي ڇڏي آهي. اِها مومل اسين بہ پسنداسين. اسين هينئر ئي ڪاڪ نگر هلنداسين.

سڀ اٿن ٿا.

ڏونئر : چو نہ، سيئي مرد مٿير آهيون. هن ڪان پوءِ موٽي هلڻ ميهڻو آهي. هـا، سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

همير : هلو. گهوڙن تي لانگ ورايو. صبح ساجهر ئي اسين مومل جا

گهوڙن ڏانهن هلن ٿا.

مهمان ٿيندا سين.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ .

انهن مثـان هـي بيت تحت اللفظ اوورلئپ ٿئي ٿو.

”هنو هنو ڪاڪ تڙين،
جتي ڳهڙجي نينهن،
تڪا رات نہ ڏينهن،
سيڪو پسي پرينءَ کي،“

—ڪٽ—

## سين : ٨

آئوٽ ڊور. وقت : چاندوڪي رات.

چار ني چٺا گهوڙا ڊوڙائيندا وڃن ٿا. ڪئميرا جهنگ ۽ پٽن مان هلندي سندن مختلف شاٽ ڏيکاري ٿـي. بئڪ گرائونڊ ۾ هـيءُ وائي پڙجي ٿي :

راڻـا جي رجپوت، مومل سهي پسندا.
پڙهيا پٽ پير، توني مير همير مرندا...
اصل لکيو انگ ۾، ٿيندو تان پہ ادا...

— ڊزالـــوـــ

## سين : ٩

آئوٽ ڊور. وقت: صبح سوير.

ڍهندڙ سج ني ڊزالو سان رات جو منظر صبح ۾ بدلجي ٿو، ۽ سج ڪني ڪيندي ڏيکارجي ٿو . گهوڙن جي هلڻ جا ڪجهہ شاٽ ڏيکارڻ کان پوءِ انهن کي هڪ کلئي ميدان ۾ بيهندي ڏيکارجي ٿو، جتي پري تائين ڪجهہ بہ ڪونهي؛ رڳو واري ۽ ڊيون آهن.

واڳ ڇڪيندي ۽ بـري نهاريندي .

همير : اسين شايد وڃائجي ويا آهيون؛
شايد رات حـو سفر ڪندي ،
رستو ڀلجي ويا آهيون.

سينهڙو : ڪٿي آهـي ڪاڪ نـدي ؟

ڪٿي آهي ڪاڪ محل،
جنهن جو جوڳيءَ ڏس ڏنو هو؟

ڏونئر : اهو جوڳي وڏو نوڳي هو.
سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري
آهي.

سينهڙو : بيشڪ بيشڪ.

همير : ڇا صلاح آهي، راڻا ؟ مومل
ڏانهن ڪهڙيءَ وات هلجي؟

ڏونئر : مون ڪي ۽ منهنجي گهوڙي ڪي
ڏاڍي اَڃ لڳي آهي، اسان ٻنهي
ڪي هتي ٿي ڇڏي وڃو. ها،
سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري
آهي.

سينهڙو : پاڻ ڪيئي نہ ؟

راڻو : اوهين اِتي ترسو.

همير : ڇا ڏٺو اٿئي، راڻا ؟

راڻو : ڪاڪ جي ڪڪوريل مٿي.

همير : ها. جهڙي جوڳيءَ جي ٻت تي
لڳل هئي.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

راڻو : ڪاڪ جي ڪنهن پانڌيءَ جا
پير آئي جي مٿيءَ ڪي هيستائين
ڪٿي آيا آهن.

همير : اسان ڪي اِهائي وات هلڻ کپي.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

راڻو ان وچ ۾ چوڌاري
ڏيان سان نهاري رهيو
آهي. پوءِ گهوڙي ڪي
هڪ پاسي هڪلي ٿو.

راڻو پريرو وڃي، زمين تي
پيرن جا نشان جاچي ٿو
۽ پاڻهن لوڏي ساٿين ڪي
سڏي ٿو.

ٿيئي ڇڻا راڻي وٽ اچن ٿا.

پيرن جي نشانن ڏانهن
چتائيندي.

سڀ پيرن جي نشانن
ڏانهن ڏسن ٿا.

همير گهوڙي ڪي اڙي
هٿي ٿو ۽ سيئي انهيءَ
پاسي هلن ٿا.

ـــــ ڪٽ ـــــ

## سين : ١٠

آئوٺ ٻور. وقت : ڏينهن.

هڪ ننڍڙيءَ ڀونگيءَ ٻاهران هڪڙو تمام ضعيف پوڙهو کٽ تي ويهي ٺڪر جي ڀونگري ٻي رهيو آهي. پري کان گهوڙن جي ٽاپن جو آواز ٻڌي، هو اوڏانهن نهاري ٿو ۽ آٿي بيهي ٿو.

پٽ کي اندران سڏ ڪندي.

پوڙهو : منـو!

منو : آيو، بابا.

پوڙهو : تـوواري کٽ ٻاهر ڪڍيو اچ. مزمان پيا اچن. ٻنهي کٽن تي وڇاڻ ڪري وٺ. جهٽ ڪر.

منو کٽ ڪڍي ٻاهر رکي ٿو ۽ گهوڙن ڏانهن نهاري ٿو. منو ٺڪرن اندران رليون ۽ وهاڻا ڪڍي کٽن تي رکي ٿو. گهوڙا ڀونگيءَ ويجهو اچي بيهن ٿا. هميرءَ سنڌس ساٿي لهن ٿا ۽ گهوڙا ٻڌي ڀونگيءَ وٽ اچن ٿا.

پوڙهو : ڀلي ڪري آيا. ڀلي ڪري آيا.

سينهڙو: پريا مڙس، ڪاڪ نگر اجا ڳچ پنڌ ٿيندو هتان؟

پوڙهو : ڪاڪ نگر! جتي سومل جي ماڙي آهي؟

حيرت جو تاثر ڏيندي.

سينهڙو: بيشڪ، بيشڪ.

پوڙهو : گهوڙن تان لهو، پاڻيءَ ڍڪ پيئو، ڪجهه ٿڪ ڀڃو. ڪاڪ هتان گهڻو پري ڪانهي.

پنهنجن همراهن کي.

همير : لهي پئو ته ڪجهه ٿڪ ڀڄون. پيرمرد ڪان ڪي خبرون چارون به وٺون.

ڏونئر : هــا، سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

سڀ ڪٽن تي ويهن ٿا.

همير : ڪراڙي کي تڪليف ۾ وجهي ڇڏيوسين. ڏاڍو نيڪ مرد ٿو ڏسجي.

پوڙهو ۽ سندس پُٽ پـٽ تي ويهن ٿا.

راڻــو : چڱو تـه پنهنجي ملڪ ۾ آهيون. مهمانن جو آدرڀاءُ هتي به ساڳيو آهــــي.

سينهڙو: بيشڪ، بيشڪ .

همير : شابس هجيس. هن بيابان ۾ منڊلي مچايو ويٺو آهي. ڪيترو نــه ٿڪجي پيا هئاسين.

راڻــو : پوڙهي چيو ٿي ته ڪاڪ هتان گهڻو پري ڪانهي.

همير : پري هجي يا ويجهي. پنهنجو ملڪ ته ڇڏي آياسين، هاڻي ته ڪاڪ تي چڙهائي ڪرڻي ٿي آهي.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

ڏونئر : سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي، ها.

پوڙهو : جيڪو ايرو سيرو حــال آهــي اسان جو.... غريباڻي پونکي آهي. اوهين امير ماڙهو آهيو. مسافر ٿي آيا آهيو. جــي ترسو تــه جيڪو حال حبيبان، سو پيش پِريان. رب جو ڏنو سيڪي آهي

سينھڙو : سڙئي خير آهي . تون ڪاٻه تڪليف نه ڪر. بس پاڻيءَ ڍڪ پيار اسان کي.

منوءَ کي

پوڙهو : ابا، پاڻي ته پيار مهمانن کي.

منو پاڻي پري سيني کي پياري ٿو. پهرين همير، پوءِ سڀ پاڻي پيئن ٿا ۽ ڳالهائيندا رهن ٿا.

ڏونئر : اَڄ تہ ڏاڍي لڳي آهي، پر ڪاڪ جو ڪڪوريل، ٺڏڙو منڙو پاڻي ڪٿان لڀي !

سينھڙو : بيشڪ، بيشڪ. پڇئون تہ سهي پوءِ تو کي ڪاڪ نديءَ جي ٺڏڙي منڙي پاڻيءَ ۾ ٽٻيون ڏياريندا سين.

سڀ کلن ٿا.

ڏونئر : هائو، سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

پوڙهو : ابا، ڪاڪ جي ڳالھ ٿا ڪريو، سچي چمار مون بہ هن پٽ ۾ ڏني آهي، پر هڙو ڪريب ڪڏهن ڪونہ ٻڌوسون. ڪيہ ڪين هو هتي. او.. . ٻنھ پينگ لڳي پئي هئي. اوچتوئي اوچتو، الائي ڇا ٿي ويو. ڌرتي ڦاٽي پيئي، ڪ آپ ڌري پيو .... راتئون رات محل ماڙيون نهي ويا ! اسين ڪو گريباٺو گهر ناهيون تہ بہ بہ-ئي ڏينهن لڳي وڃن .

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

پوڙهو : پر هتي ته جادون ٿي ويو! ابا، سچو جادون جو ڪم آهي. متان ايڏانهن ويا آهيو !

(سوپاريءَ جي ڪتر ڪندي)

سينهڙو : پر اسان ڪيٰ ته وڻو آهي، ڪاڪا. گس ته اِهو آهي نه ؟

پوڙهو : هائو. گس ته اِهوئي آهي. هيءَ سڌي وات وٺي ويندا ته اڳيان ڪاڪ نديءَ تي پڄي ويندا. بس، ان جي ڪنڌيءَ تي ئـي ڪاڪ محل آهي.

.... ابا منو! بابـا، گهوڙن کي پاڻي پيار. ويچارا پسون اڇيا هونـدا .

(منو گهوڙن کي پاڻي پيارڻ لاءِ اٿي وڃي ٿو.)

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

ڏونئر : منهنجو گهوڙو ڪچي نٿو، پر اَڄ ڏاڍي لڳي هونديس.

پوڙهو : ڪاڪ ڏانهن سنيريا آهيو. پر اوهان ڪان ڪبر ڪانہ پڇيم .... ڪير آهيو؟ ڪٿان ان پاسی نڪري پيا آهيو؟

عمير : بس، زماني جـا ماٺهو آهيون، عمرڪوٽ ڪان هليا آهيون.

سينهڙو : بڌو اٿئون، ڪاڪ جي شهزادي سومل ڏاڍي سهڻي آهـي، سو .... اٿين ٿي، انهيءَ خيال سان نڪتا آهيون.

(ڪنڌ لوڏيندي ڳالهہ سمجهندي.)

پوڙهو : انهيءَ ڪيال سان نڪتا آهيو...

سون اڳيئي سمجهيو هو، اوهين
انهي ڪيال سان نڪتا آهيو.

ڏونئر : سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري
آهـــي.

پوڙهو : صلاح تي ڪير ٿو هلي ، ابا.
سونهٽي نه ڏاڍي آهـي. ڏاڍي
ڪا ملوڪ آهي. شاهه شاهزادا،
راجا مهاراجا، سڀ ڪنڌ ڪري
پيا اوڏانهن وڃن....

ڏونئر : تڏهن چئبو، تو به ڏٺـو آهـي
مومل کي، چاچا؟

پوڙهو : نه ڙي ابا. ڪهڙيون ٿو ڳالهيون
ڪرئين. هـن چـمار ۾ ٿيون
موملون ڏسجن!

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

پوڙهو : پر، ابا! اوهين نه وڃجو اوڏانهن!
جيڪي ويـا ، تن مـان هڪڙا
مري ويا ، پيا رلي مٺا. ڪئين
جهڳا جهڙ ٿـي ويا. ڪنانداڻيون
تباهه ٿي ويون.

ڏونئر : سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري
آهـــي.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

رائـو : ڇا ڳالهه آهي جو مومل کـو به
ماڻي نٿو سگهي؟

پوڙهو : مومل جو ته نالو آهي ، ابـا.
ست ڀيڻون آهن— سڀ هڪڙيءَ
صلاح ۾ آهـن. مومل سيني ۾
سونهٽي آهـي. پـر اصل آفت

جيڪا آهي، سا سومل آهي—
سيني ۾ وڏي.

ڏونئر : ڇئبو تہ مومل سان گڏ سومل بہ آهي. سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

پوڙهو : سڄو ماڻداڻ سومل جو منديل آهي. جيتري مومل سهڻي آهي، اوتري سومل سياڻي آهي.

ڏونئر : پوءِ تہ سنگت سان صلاح ڪرڻ تمام ضروري آهي.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

پوڙهو : هن مائيءَ سان پڇڻ جي پيٽي ڪانهي، بابا. وڏي جادونگرڻ آهي، وڏي ڪريبڻ آهي! جادونءَ جي زور تي طلسمي محلات سومل جوڙيو آهي. مومل انهيءَ ڪاڪ محلات ۾، مٿي ماڙيءَ تي ويٺي آهي. رڳو ڏاڙا پئي هٽي، ماڻهو پيئي ماري. ڪاڪ نديءَ جي ڪنڌيءَ تي قبرن جون قطارون لڳي ويون آهن.

ڪجهه دير سڀ ماٺ ڪري هڪبئي کي ڏسن ٿا. همير مشڪي ٿو ۽ اٿي ٿو. سڀ اٿن ٿا.

همير : اسين ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون بہ ڏسنداسين، سومل جي ماڻداڻ کي بہ پڇنداسين، ۽ مومل بہ ماڻينداسين.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

همير : چڱو، چاچا، الله بيلي. دعا ڪج.

پوڙهو : ابا، الله بيلي. رب ڪي پرتا.

سڀ هلڻ لڳن ٿا.

— ڪٽ —

عمير ۽ سندس ساٿين جا
گهوڙا ديواني ۽ مستاني
وٽ اچي بيهن ٿا. ٻنهي
جون نظرون هيٺ آهن ۽
با ادب خاموش بيٺا آهن.

ديوانو بادشاه: هشيار، خبردار!
مستانو بادشاه: نظر هيٺ، خاموش!
سينهڙو: ابا، ڪير مڙس آهيو؟

ديوانو ۽ مستانو گهبرائجي
ڪنڌ مٿي ڪڻن ٿا ۽ پوءِ
چرين وانگر ڪلن ٿا.

ديوانو بادشاه: قيئندا جبلا!....
مستانو بادشاه: اون هون.... جيئندا قبلا.
ديوانو بادشاه: ها،جيئندا قبلا، آئون مومل جو ديوانو بادشاهه آهيان، ۽ هي جيئندو قبلو مومل جو مستانو بادشاهه آهي.
مستانو بادشاه: اوهين ڪير آهيو ، قيئندا جبلا ؟
ديوانو بادشاه: اون هون .... جيئندا قبلا.
مستانو بادشاه: هـا ، جيئندا قبلا، اوهين ڪير آهيو؟
ڏونگر : اسين ٻه اوهان جا ڀائر آهيون، جيئندا قبلا.
سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.
مستانو بادشاه: مومل ڪي ڏسڻ آيا آهيو؟

ديوانو ۽ مستانو ٽهڪ
ڏين ٿا.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ .
ديوانو بادشاه: ڀلي ڪري آيا، ڀلي ڪري آيا، جيئندا قبلا.
مستانو بادشاه: مومل ته ٿوريءَ دير ۾ پاڻ هتي اچڻ واري آهي.

ديوانو بادشاه: اسان سان ملڪ جـو انجام
اٿس.
ڏونٿر : سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري
آهـــي.
مستانو بادشاه: تيستائين اوهين اسان سان
گڏ هلي پلا ماريو.
ڏونٿر : پلا ماريون ؟
مستانو بادشاه: ها، قيئندا جبلا !
ديوانو بادشاه: اون هون، جيئندا قبلا.
مستانو بادشاه: ها، جيئندا قبلا، اوهين به
اسان سان گڏ هلي پلا ماريو.
سينهڙو : ڇو پلا، پلا ڇو هلي ماريون؟
مستانو بادشاه: بس، مومل کي پلا وڻندا
آهـــن.
ڏونٿر : پلي جي نه موسم ئي ڪانهي،
جيئندا قبلا! سو به هن پاڻيءَ ۾
پلو ڪيئن مرندو ؟
ديوانو بادشاه: ڏسو نه ڪيئن ٿو مري،
جيئندا قبلا! مومل جي حڪم
سان تـه ماڻهو به مريو پـون،
پلن جي ڇـا مجال آهي جو
نه مرن !
سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.
مستانو بادشاه: مال ملڪيت اسان اکيءَ ئي
مومل وٽ جمع ڪرائي ڇـڏي
آهي. اهو ڪم پڪو آهي.
ديوانو بادشاه: ها، باقي پلي جي سو ڪڙي
مومل کي پهچائڻي آهـــي. بس،

اهتري دير آهي.

ٻئي ڄڻا هڪٻئي جي ڪلهن تي ٻانهون رکي چريـن وانگر ٺهڪ ڏيندا وڃڻ لڳن ٿا.

مستانو بادشاه: ڦيٺندا جبلا، دير ٿئي ٿئي.

ديوانو بادشاه : اون هون.... جيئندا قبلا.

مستانو بادشاه: هـا . جيئندا قبلا، جلدي هلو، متان پلا هيڏانهن هوڏانهن نه ٿي وڃن.

چار ئي ڄڻا کين ويندي ڏسندا رهن ٿا.

همير : ديوانو بادشاه، مستانو بادشاه....

ٻنهي کـي ويـندو ڏسي گنيير لهجي ۾.

سينهڙو : ويچارن جي چمار ئي، وئي !

راڻـو : پلا ماريندي پاڻ مري کپي ويندا!

ڏونئر : حـال اسان جا به اهڙائي ٿيندا، مون کي ۽ منهنجي گهوڙي کي هتي ئي ڇڏي وڃو. ها، سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

ديوانو ۽ مستانو بادشاهه وري به پاڻـيءَ ۾ وڃـي ڪنديون هڻن ٿا.

ڪلندي

سينهڙو : پان ڪيئي نه ؟

راڻـو : حال ڪهڙا بـه ٿين ، حاڪم همير سان گڏ آهيون.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

ڏونئر : سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهـــي.

همير : جنهن ڪامٺيءَ هيڏا دانا ديوانا ڪيا آهن، تنهن‌جي سونهن سوپيا نه الائي ڇا هوندي !

نهراءَ سان، پنهنجي منهن ٽڏو ساهه پري.

همير گهـوڙي کي اڙي هٺي ٽو ۽ سپ هلن ٿا.

## سين ۽ ۱۳

اِن دور. وقت: شام. هنڌ: ڪاڪ محل.

ڪاڪ محل جي ٻاهرئين ڪوٽ جي وڏي دروازي اڳيان، مهمانن لاءِ ٺهيل ڪشادي ايوان ۾، هڪ وڏي ٿلهي تي ڪلم غاليچا وڇايل آهن ۽ طول وهاڻا رکيل آهن. دروازي وٽ هڪ وڏي پير ۽ آن مٿان ڏونڪا رکيل آهن. هڪ پاسي پاڻيءَ جا مٽ پيل آهن. ٿلهي تي وچ ۾ همير بادشاهه طول وهاڻي ڪي ٽيڪ ڏيئي ويٺو آهي، ۽ سندس ٻنهي پاسن کان راڻو ۽ سينهڙو ويٺل آهن. سينهڙو سوڙيءَ سان سوپاريءَ جي ڪُتر ڪري، همير ۽ راڻي کي ڏئي ٿو. ڏونٽر پاڻيءَ جي مٽن وٽ ٻڪڻي پنيان گرڙيون بيو ڪري.

ڪوٽ جي دروازي ڏانهن نهاريندي.

همير: هن ڪوٽ اندر الائي ڪهڙو ڪِر آهي؟

سينهڙو: الائي مومل جو ليڪ ڪنهن سان لکيل آهي؟

راڻو ڪوٽ جي دروازي ڏانهن نهاري رهيو آهي.

راڻو: حاڪم همير مومل ماڻيندو ته سيني ولايتن ۾ هاڪ پئجي ويندي. اسان جي سچي راڄ جو مان مٿي ٿي ويندو.

سينهڙو: بيشڪ، بيشڪ.

همير: اسان مان ڪو به مومل ماڻيندو ته ٻين ٽنهي سنگتين کي خوشي ٿيندي.

سينهڙو: بيشڪ، بيشڪ. اسين ان کي پنهنجي لڄ ڪري سمجهنداسين.

راڻو: هاڻي حڪم ٿئي ته بخت جي بازيءَ کي آزمائجي.

ڏونٽر ويجھو اچي ٿو.

ڏونٽر : ها، سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

همير : مسافريءَ جو ٽڪ ته اجها لٿو ڪونهي، پر جنهن ڪم لاءِ هيڏي هلاڪي ڪئي اٿون، سو ته ڪرڻو ئي آهي.

رائو : ڏونٽر، تون پير تي ڏونڪو هڻي اچ.

ڏونٽر : اڪيلو؟ متان جادوءَ جو ڪو جن ڀوت هليو اچي.

ڪلندي

همير : متان مومل پاڻ هاڻي اچي!

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

دروازي ڏانهن ويندي پنهنجي منهن.
ڏونٽر هيڪندي ڏونڪا ڪڍي ٿو ۽ پير وڃائي ٿو.
ڪجھه دير رکي، دروازي ڏانهن نهاريندي، پنهنجي منهن.

ڏونٽر : هائو، سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

ڏونٽر : ڪوبه ڪونهي. نه جن نه ڀوت، نه مومل نه سومل.... ڇشبو نه اسان جي اچڻ جي خبر اکواٽ پئجي وئي اٿن.
.... مومل ڪي نند مسان آثارڻ ته نيڪ ناهي....پر سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

سنگتين ڏانهن نهاري، پنهنجي منهن.
سنگتين ڏانهن هلڻ جو خيال ڪري ٿو ته ايتري ۾ دروازو کلي ٿو ۽ ناتر ٿهڪ ڏيندي، ڦيرون پائيندي، ڇير ڇمڪائيندي،

ڏونٽر وٺ اچي ٻيهي ٿي.

عجب ۽ ڊپ جي گڏيل تاثرات سان .

ڏونٽر: اڙي.... مومل! تون مومل آهين نہ؟ جن تہ ڪونہ آهين؟.... ايڏي سهڻي ! تون پڪ سان مومل آهين. منهنجيون تہ اکيون چرخ تي ويون آهن.

ٻنهي هٿن سان منهن ڍڪي ٿو.
ناتر ٽهڪ ڏيندي رهي ٿي.
ٿورو اڳتي هلي ٿو.

سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

هٿ منهن تان هٽائي، سنگتين ڏانهن اشارو ڪري ٿو.

.. . هل، هوڏانهن هل.... توسان احوال ڪريون ٿا.

ناتر ڦيريون پائيندي، پڙي کي لمڪائيندي، ٽهڪ ڏيندي، ٿلهي ڏانهن وڌي ٿي ۽ ويجهو اچي، آهستي آهستي ٽلندي ، ٻانهون ٻڌي، نازڪ انداز سان ٻيهي رهي ٿي.
ڏونٽر بہ پويان اچي ٿو.

.... سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

ناتر پهرين همير، راڻي ۽ سينهڙي کي چتائي ڏسي ٿي ۽ پوءِ چنچلتا سان ٽهڪ ڏئي ٿي.
همير، راڻو ۽ سينهڙو ناتر کي ڏسندا رهن ٿا.

ڏونٽر : همير سائين.... مومل ! مومل

(ويجهو اچي.) پاڻ آئي آهي! پهرئين ٿي ڏونگي سان مومل پاڻ هلي آئي آهي! تنهنجي ڳالهه سچي ٿي. سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

(ناتر کي) راڻو : تون ڪير آهين؟ مومل ڪٿي آهي؟

(ڪنڌ کي جهڪائيندي.) ناتر : آئون راجڪماري مومل جي ٻانهي آهيان. سانئڻ ته اندر ماڙيءَ تي ويٺي آهي.

ڏونئر : اڙي اڙي، تون مومل نه آهين؟ .... ترپوءِ مومل ته الائي ڇا هوندي! مون تي ته هينئر ئي جادو ٿي ويو آهي.

(ناتر ٺهڪ ڏئي ٿي.)

(ناتر کي) راڻو : خاموش! ٻانهي ٿي ڪري بادشاهن اڳيان ناٽ نه ڪيا آهن.

(ناتر نخري سان منهن ۾ گهنڊ وجهي ٿي.) ڏونئر : مون کي ته هن جا اهي نٽ ناٽ ڏاڍا وڻن ٿا.

(نخري سان مرڪندي.) ناتر : نالو به ته ناتر اٿم....!

ڏونئر : ناتر؟ نالو به ڏاڍو پيارو آهي. سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

(راڻي کي) همير : هن کي چؤ ته مومل کي اسان جي اچڻ جو اطلاع ڪري.

(ناتر کي) راڻو : پنهنجيءَ سانئڻ کي وڃي ٻڌاءِ ته عمرڪوٽ جا سورما تو سان ملڻ لاءِ آيا آهن.... ۽ اهو به ٻڌاءِ ته اسين منڌس ٽڳيءَ جي

نـاهه ڪـي ڊاهڻ جـو ارادو رکون ٿا !

ناٿر راڻي کي گهوري ڏسي ٿي ۽ پوءِ چلولائيءَ سان ٽهڪ ڏيئي هڪدم ڪنيپير ٿي وڃي ٿي.

ناٿـر : راجڪماري سومل تائين پهچڻ لاءِ، راجڪماري‌سومل‌جي‌جادوئي چڪر مان لنگهڻو پوندو آهي !

سينهڙو : ها، ها، اسان کي سڀ خبر آهي.

ناٿـر : تہ پوءِ پنهنجين جوانين تي رحم ڪريو. منهنجي صلاح اٿـو تہ مان ميٺ ۾ هتان نڪري وڃو.

راڻـو : خاموش! تـو اسان کي بزدل سمجهيو آهي !

ناٿر هيسجي وڃي ٿي.

ناٿـر : مـون کي معاف ڪريـو. چڱا ماڻهو ڏسي، دل ۾ آيم تہ چڱي صلاح ڏيان.

ناٿر کي پنهنجاپ جي‌نموني

ڏونئر : سنگت سان صلاح ڪرڻ‌ضروري آهي. پر تو کي جيئن چون ٿـا تيئن چـو نٿي ڪرين ؟ منهنجي ڳالهہ تہ مڃيندئين نہ ؟

ناٿـر : آئون تہ حڪم جي بندي آهيان.

وڃڻ لاءِ مڙي ٿي، وري ترسي ٿي.

.... پـر هيءَ عمرڪوٽ جـي ولايت ڪٿي آهي؟

راڻـو : ڪٿي بہ آهي، توڻ وڃي اطلاع ڪر !

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

ناٿـر : پلا، سانئڻ‌سومل‌لاءِ سو ڪٿڙي پا ڪٿڙي بہ آندي اٿو؟ ڪي هيرا، ڪي جـواهـر ، ڪو سـون ، ڪا چاندي....؟

راڻو : اسان سان هرڪو هن لاءِ سوڪڙي آهي. نون وڃي اطلاع ڪر.

*ناٿر هيسجي وڃي ٿي ۽ ڇرڇڙ ڪندي تڪڙي تڪڙي هلي وڃي ٿي.*

ڏونگر: مون کي ته ناٿر ڏاڍي وڻي ٿي. آئون ۽ سهڻجو گهوڙو هتي ئي رهنداسين.

سيهڙو : پهرئين ئي ٽپ تي هيرڪ هاري ويٺين !

*راڻي ڏانهن*

همير : پير ٽي پهرئين ئي ڏونڪي هٿ سان همراه کي ته پنهنجي مومل ملي وئي آهي . باقي اسان جي قسمت اسان سان. ڪيئن، مينڌرا ؟

*سڀ ٽهڪ ڏين ٿا.*

راڻو : ها، اسان جي قسمت اسان سان.

— ڪٽ —

سين : ۱۴

آئوٽ ڊور. وقت : ڏينهن.

سومل ۽ مومل ڪان سواءِ، بيون پيڙون ۽ ٻانهيون باغ ۾ لڪلڪوٽي راند کيڏي رهيون آهن. ٻه پيڙون لوڏ لڏي رهيون آهن. ڪلي ۽ ٽهڪ ڏيني رهيون آهن. ايتري ۾ ناٿر اتان لنگهي ٿي. پريشانيءَ وچان ٻنهي هٿن سان پڙي کي لمڪائيندي اهڙيءَ طرح تڪڙي ڊوڙندي محل ڏانهن وڃي ٿي. جو سيني کي محسوس ٿئي ٿو ته ڪا خاص ڳالهه آهي. سڀ پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي رڪجي وڃن ٿيون ۽ ڪبس ويندي ڏسڻ لڳن ٿيون.

هڪڙي پيڙ: هي ناٿر کي ڇا ٿي ويو آهي ؟

سپ ڪپڙي کي ويجهيون اچن ٿيون.

ٻي ڀيڻ: ڪي مهمان آيا هوندا.

ٽي ڀيڻ: مهمان ته ايندا ئي رهن ٿا. پر اڄ ڪا خاص ڳالهه آهي. تسو ڏٺو ڪونه، ناٿر ڪجهه پريشان هئي .

پهرين ڀيڻ: ها، ضرور ڪا خاص ڳالهه آهـــي .

چوٿين ڀيڻ: نه ته ناٿر اسان کي ضرور ٻڌائي ها .

ٻي ڀيڻ: پر هن ته اسان ڏانهن نهاريو به ڪونه !

ٽي ڀيڻ: بيٺي ئي ڪانه !

پهرين ڀيڻ: اڳي ته ناٿر کي ڪڏهن به ائين ڪونه ڏٺو اٿئون .

چوٿين ڀيڻ: هلو ته اندر هلون.

پهرين ڀيڻ: ها ها، هلو ته اندر هلون. ڏسون ته ڪهڙي ماجرا آهي.

سپ ڊوڙنديون اندر ڏانهن وڃن ٿيون .

—— ڪٽ ——

## سين : ١٥

ان ڊور. وقت: ڏينهن. جڳهه : ڪاڪ محل اندر بيٺڪ جو وڏو ۽ ڪشادو، سينگاريل ڪمرو.

مومل ڪنهن خيال ۾ گم ويٺي آهي. سومل اچي ٿي.

سومل : مومل !

مومل : جـــي.

سومل : ڇا پئي سوچين؟

مومل : سوچيان پيئي، تو مون لاءِ ڇاڇا
نه ڪيو آهي، ادي سومل.

ويهي ٿي.

سومل : ڇري، اِها به ڪا سوچڻ جي
ڳالهه آهي. تون اِهو ڇو نٿي
سوچين ته اڄ تائين ڪو به
سورمو اسان جي منتر جنتر مان
آڪري نه سگهيو آهي.

مومل : انهيءَ ئي ڳالهه ته مون کي
ڳڻتيءَ ۾ وجهي ڇڏيو آهي،
ادي ! ڇا آئون ڪنهن جي به
لائق نه آهيان؟ ڇا، آئون رڳو
مايا ميڙڻ جو وسيلو ئي رهنديس؟

سومل : تون ائين ڇو نٿي سوچين ته
هرڪو اچڻ وارو تنهنجي لائق
ڪونهي. تون اِهو ڇو نٿي وسارين
ته اسين هتي انهيءَ خاص ڪم
سان آيون آهيون ته بابا سائينءَ
جي وڃايل خزاني جي پورائي
ڪريون.

مومل : پر اِهو ڪيستائين؟ اهو سڀڪجهه،
ڪيستائين ؟

سومل : جيستائين بابا سائين زنده آهي.
هو سڄي ڄمار ڪرامتي هڏيءَ
جو ۽ وڃايل خزاني جو ڏک
نه وساريندو.

مومل : پر اسان ته ڪيترين راڄڌانيون
برباد ڪري بابا سائينءَ کي
ايتري دولت پهچائي آهي،

جيڪا سندس وڃايل خزاني کان
ڪٿين پيرا وڌيڪ ٿيندي.

سومل : ڪيئن به هجي، اڳ سو پوءِ ان
جون وارث ته اسين ئي آهيون.
تو کي اِها ڳالهه نه ڪرڻ گهرجي،
مومل.

سومل : تہ پـوءِ هاڻي ئي چـونہ وڃي
مولـي هلون ۽ سندس خدمت
ڪريون.... الا، هو ويچارو ڏاڍو
اڪيلو هوندو!

سومل : مومل، تـون سمجهين ٿـي تہ
آئـون ان ڳالهہ کان غافـل
آهيان. سڀني کـي خبر آهي تہ
بابا سائينءَ کـي اسان ستن ئي
ڀيڻن ۾ وڌيڪ پياري تون هئينءَ.
پوءِ سڀ کان وڌيڪ نفرت جو
نشانو بہ تون ئي ٿئين....مومل،
منهنجي مٺڙي ڀيڻ، مون هي
سچو ڏڪسات تنهنجيءَ انهيءَ
ساک کي موٽائڻ لاءِ ئي تـہ
ڪيو آهي.

سومل : پر ادي ، تون ڪجهہ پنهنجي
لاءِ بـہ تـہ سـوچيندي ڪر.
ڏينهون ڏينهن تنهنجي مٿـي ۾
وڌندڙ چانديءَ جون تارون ڏسي
مون کي سچ تہ ڏاڍو ڏک ٿيندو
آهــي.

ڦڪي مٿرڪ مُرڪندي سومل : توکي ڪهڙي خبر تہ منهنجو
سورو موهہ تو ۾ آهي، مومل!
مومل : الائي ڇو، مون کي ائين محسوس
ٿيندو آهي تہ مون الڳاٿائي ۾
ڪنين ڪوندر ڪُهي ڇڏيا
آهن، ۽ .... اهو سوچي تہ ان
جو انت الائي ڪڏهن ٿيندو،
منهنجي اندر جو آرام ڦِٽي
ويو آهي.
سومل : ڏاڍي نرم آهي تنهنجي دل!
شال ڪو سخت دل نہ مليئي!
.... تنهنجي سڀ پيڙا مون پاڻ
تي کنئي، آهي، مومل.
آئون توکي ڏکوئل ڏسڻ نٿي
گهران. بس، هاڻي جلدئي اسين
پنهنجي ماڳ موٽي هلنديونسين.
اسان کي پنهنجي ڀاڳ کان
وڌيڪ ملي چڪو آهي. هاڻي
اسان کي ڪنهن جو بہ انتظار
ڪونهي، ڪو بہ اسان جي واٽ
نہ جهليندو.

—ڪٽ—

سين : ١٦

اِن ڊور. وقت: ڏينهن. هنڌ : ڪاڪ محل.

ناتر مهمانخاني کان موٽندي، محل جي هڪ وراندي مان لنگهي
ٿي. هوءَ تکڙي ڊوڙي رهي آهي.

—ڪٽ—

ناتر ڏاڪڻ چڙهي مٿي اچي ٿي، جتي مومل جي مٿوءَ جو پهرو ٺنگيل آهي. پهري پرسان هڪ ڪليل دري آهي، جنهن مان مٿو ٻاهر ڏسي سگهي ٿو.

ناتر کي ايندو ڏسي.

مٿو : آئون مومل جو مٿو آهيان !

ناتر جواب نٿي ڏئي.

هون.... ناتر، ناتر، ڇو پهرا مون سان ڳالهائين به نٿي ؟

ناتر بنا ڳالهائڻ جي، مٿوءَ ڏانهن ڪهند وجهي نهاريندي هلي وڃي ٿي.

.... وڏي افسوس جي ڳالهه آهي.
وڏي افسوس جي ڳالهه آهي !

---

## سين ۱۷

ناتر بينڪ اندر داخل ٿئي ٿي، جتي سومل ۽ مومل وينل آهن. هوءَ تيزيءَ سان اندراڇي دروازي تي آتڙجي ڪري پوي ٿي ۽ هڪدم اُٿي، سنڀالي، پير پير ۾ پائي، ڪنڌ هيٺ جهڪائي، ٻه-چار قدم ڪٽي بيهي رهي ٿي، ۽ سهڪي رهي آهي.

سومل : ناترا

ناتر ڪنڌ جهڪائيندي، آهستگيءَ سان اڳتي وڌي ٿي. ۽ پوءِ اوچتو اوڇنگار ڏيئي، ٻنهي هٿن سان اکيون اکڻ لڳي ٿي.

مومل : ڇاهي، ناترا اوري اچ.

ٻــون ڀيڻون ۽ ٻانهيون داخل ٿين ٿيون ۽ ناتر کي اوچنڪارون ڏينــدي ڏسن ٿيون.

ڪڙي ڀيڻ: اڄ هن ڇوريءَ کي الائي ڇا ٿي ويو آهي.

پڻرون ويهن ٿيون ۽ ٻانهيون مناسب هنڌن تــي بيهي رهن ٿيون.

ٻي ڀيڻ: مٿان منوءَ نہ ڇيڙايو هجيس.

ٽي ڀيڻ: منوءَ سان تہ هن جي گتمٽ سدائين پئي هلندي آهي.

چوٿين ڀيڻ: نہ نہ، هيءَ تہ ٻاهران ٿي ڦوساٽجي آئي آهي.

اوچتو ٺاٺ ڪاٺيندي، پريل آواز ۾.

ناتــر : مون کي ڌڙڪا مليا آهن!

پہ چــار ڇٺيون گــڏجي، حيرت سان

گڏجي: ڌڙڪا مليا آهن؟

سومل: ڪنهن ڏنا آهن تو کي ڌڙڪا؟

ناتــر جواب نٿــي ڏئــي. سڏڪندي، اکيون آگهندي رهي ٿي.

.... ٻڌاءِ، ڪنهن ڏنا آهن ڌڙڪا تو کي؟

سومــل ڏانهن نهاري سڀ کلن ٿيون.

ناتــر : سانئڻ مومل جي مهمانن.

کلندي.

مومل : ڇا ٿا چون منهنجا مهمان؟

ڪڙي ڀيڻ: ڪٿان آيا آهن اِهي مهمان؟

ساکيءَ ريت، روئنهار کي انداز ۾

ناتــر : چون ٿا، اسين عمرڪوٽ ولايت جا سورما آهيون.

سومل : هــون، عمرڪوٽ ولايت جا سورما آهن!

ناتــر : چون ٿا، اسين راجڪماري سومل جي جادوئي محل کي ڏاهڻ آيا آهيون!

سومل : بس؟ ايتري چوڻ تي روئي پئي
آهين! هتي وڏا وڏا وير آيا
آهن. سڀني ائين ئي چيو آهي..
سڀ سورما اهائي سڌ کڻي آيا
آهن... تو کين اهو نه ٻڌايو
ته اڄ تائين ڪوبہ انهيءَ مقصد
۾ ڪامياب نه ٿيو آهي؟

نخر سان

ناتر : انهيءَ تي تہ مون کي ڏڪا
ڏنا اٿن.

سومل : ڇا ڇا چون؟

پيار سان

ناتر : مون کي ڪلهہ بہ ٽنا ڏين، چڙهيون
تا ڏين.

...ارن واري معصوم انداز ۾

سومل : عجيب ماڻهو آهن! اسان جي ناتر
کي ڪلهہ بہ ٽنا ڏين!

سومل : چڱو، ڏس تہ آئون انهن کي
ڪهڙي سيکت ٿي ڏيان. هاڻ
ٽلي ڏيکار پلا!

سڀ کلن ٿيون. ناتر
ڪلي ٿي.

— ڪٽ —

## سين : ۱۸

اِن ڊور. وقت : ڏينهن. جڳهہ : مهمانخانو.

همير، راڻو ۽ سينهڙو ٽلهي تي ويٺا آهن. سينهڙو سوڍڙيءَ سان
سوپاري ڪتري همير ۽ راڻي کي ڏئي تو ۽ پاڻ بہ کائي ٿو.
ڏونئر ڪوٽ جي دروازي ويجهو، مٽ مان پاڻي پيري، گرڙيون
ڀو ڪري. ڪوٽ جي دروازي مان ناتر نڪري ٿي. هوءَ نٽ
...ي سان جهومندي، ڇم ڇم ڪندي، ڏونئر وٽ اچي بيهي ٿي
۽ نهڪ ڏئي ٿي. سندس هٿن ۾ وڏو ٿالهہ ڪپڙي سان ڍڪيل آهي.

ناٽر : سانئڻ هي منجهيل سٽ موڪليو آهي ۽ چيو اٿس ته جيستائين ساني تيار ٿئي، تيستائين اِهو سلجهائي ڏيو.

*ڪاوڙ سان رائي ڏانهن نهاريندي.*

همير : منجهيل سٽ موڪليو اٿس، اسان کي، سلجهائڻ لاءِ؟

سينهڙو : ڄڻ ته اسين ڪي سندس نوڪر آهيون !

ناٽر : اَوهين ته حڪم جي ٻندي آهيان.

سينهڙو: توهين حڪم جي ٻندي آهين، پر اسين پاڻ حاڪم آهيون. ڪنهن هي ڪتراڪ هتان !

*سٽ جو ڪڙو ڦورو ڪئي سلجهائڻ لڳي ٿو.*

ڏونگر : ترس ترس، سنگت ساز، صلاح ڪرڻ ضروري آهي. ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي، اَوهين ٿو سٽ سلجهائي وٺان.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

ڏونگر : موهن کي سچي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي آهي. مومل اسان جي هشياريءَ جو امتحان ٿي وٺي. سمجهي ٿي، اسين ان ۾ ڪامياب نه ٿينداسين ۽ پوءِ هوءَ اسان سان ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندي. ائين نه؟ توهان به ڪا صلاح ته ڏي، حڪم جي ٻندي! سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي....

*ناٽر کي، جيڪا دل روڪي ويٺي آهي.*

ڏونئر هٿن ۾ چرڪن سان
ست سلجهائڻ تي مشغول
ٿو، پر ڪيس ڪوبه چيڙو
نٿو هٿ اچي. انهيءَ تي
همير، راڻو ۽ سينهڙو کلن ٿا.
ناٽر ڪان به کِل نڪري
وڃي ٿي، پر ٻري راڻي
جي اکين کي ڏسي ڪنبير
ٿي وڃي ٿي.

راڻو ڪمرپٽي مان خنجر
ڪڍي ڏونئر کي ڏئي ٿو.
ڏونئرست ۾ خنجر ڪٽي ٿو.
ناٽر عجب ۽ گهٻراهٽ جا
مناسب تاثر ڏئي ٿي.

راڻو : ڏونئر، هاڻي چڏ ان کي. اچي
هي خنجر وٺ. ست کي وڍي،
ٽوُنر ڪري وجهي گهوڙن جي
ڳچين ۾ ٻڌي اچ.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ. ڏونئر، اِهي
ٽوُنر گهوڙن جي ڳچين ۾ ٻڌج،
متان ٻُچن ۾ ٻڌي اچين!

سڀ کلن ٿا.

ڏونئر : چڱو آهئين، سينهڙا! سنگت
سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

ناٽر کي

راڻو : وڃ، پنهنجيءَ سانئڻ کي وچي
چؤ ته اسان سمورو ست سلجهائي
ڇڏيو آهي.... ۽ کيس چؤ ته
اِهي ڪم زنانا آهن، اسان ڏانهن
نه موڪلي!

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

ڏونئر : ڀلا تون هاڻي اسان کي ماني
جلدي پهچاءِ. راڻي جي ڳالهه
دل ۾ نه ڪجئين. سنگت سان
صلاح ڪرڻ ته ضروري آهي نه.

ناٽر هيسيل ۽ گهٻرايل
حالت ۾ تڪڙي تڪڙي
هلي وڃي ٿي.

ــــڪٽــــ

## سين : ١٩

ان ٻور. وقت : ڏينهن. هنڌ : منوءَ جو ورانڊو.

ناتر منوءَ وٽان تڪڙي تڪڙي لنگهي ٿي، هوءَ روئڻهارڪي آهي ۽ منوءَ کي ڪوبه جواب نٿي ڏئي.

ناتر کي ايندو ڏسي. منو : آئون مومل جو منُو آهيان.

.... ناتر، ناتر ، مون سان نٿي ڳالهائين؟ ڇو؟ مون کي سڀ خبر آهي، مون کي سڀ خبر آهي....

هلڪو سڏڪو ڀريندي ناتر : نه ڳالهائي مون سان !

منو : وڏي افسوس جي ڳالهه آهي. وڏي افسوس جي ڳالهه آهي.... ناتر روئڻي رب! ناتر روئڻي رب!

ناتر وڃي ٿي.

ڪٽ

## سين : ٢٠

ان ٻور. وقت : ڏينهن. جڳهه: ڀينرن جي بيٺڪ.

ست ئي ڀيڻون ويٺيون آهن. پاڻهيون با ادب بيٺيون آهن. ڪي پاڻهيون مورڇل سان هوا ڪري رهيون آهن. سڀ ٺهڪ ڏيئي رهيون آهن ته اوچتو ناتر اوچنگار سان داخل ٿئي ٿي.

هڪڙي ڀيڻ: وري الائي ڇا ٿيو ڇوريءَ کي !

ٻي ڀيڻ : وري مهمانن ڏڙڪا ڏنا هوندس.

ٽي ڀيڻ : اهي مهمان به عجيب آهن.

چوٿين ڀيڻ: هڙيءَ سدا ڪلٺيءَ کي رڻاڙيو ڪدن.

سومل : ڇوري، تون ته سٽ ڪٿي وئي هئين نه، ان جو ڇا ٿيو؟

ٻارن جيان روئي دانهن ڏيندي....

ناتر : راڻي مينڌري ان جا ٽوڻر ڪرائي گهوڙن جي ڳچين ۾ ٻڌرائي ڇڏيا....

سڀ کلن ٿيون.
سومل جي منهن تي شرارت ڀري مرڪ تري ٿي اچي.

مرڪندي، داد ڏيڻ جي انداز ۾، پنهنجي منهن

مومل : راڻو مينڌرو؟ گهوڙن جي ڳچيءَ ٽوڻرا!

ناتر : تمام عجيب ماڻهو آهي، سائڻ! ڏاڍو چالاڪ آهي. مون کي ته ان جي اکين ڪان ڊپ ٿو ٿئي. چيائين، اهي زنانا ڪم آهن، پنهنجيءَ سائڻ کي چؤ ته اڳتي اهي اسان ڏانهن نه موڪلي.

مومل : راڻو.... سياڻو ٿو ڏسجي.

گهريءَ سوچ ۾، فخر ۽ عزم سان.

سومل : هونهه ! هوندو.... خير، ڪيڏو به ڪير سياڻو هجي، دل ڏوئي دکيءَ ۾ رکي ڇڏي. ڪاڪ جي ڪنوارين جي سونگهه به نه ملنديس.... مومل ماڻ، رڪ جا ڇٽا ڇٽا آهن !

— ڪٽ —

## سين : ٢١

اِن ڊور. وقت: ڏينهن. جڳهه: منوءَ جو ورانڊو.

ناٽر منوءَ وٽان لنگهي ٿي. سندس هٿن ۾ ڪپڙي سان ڍڪيل ٿالهه آهي.

اينڊي — ناٽر : منو....!

منو : آئون سومل جو منو آهيان.

ناٽر ويجهو اچي بيهي ٿي — ان ۾ ڇاهي ؟

ناٽر : ان ۾؟ ڪيلا آهن، زيتون آهن، کائيندين ؟

منو : ڪاراءِ، ڪاراءِ.

ناٽر شرارت وچان ٺهڪ ڏيندي هلي وڃي ٿي. — ناٽر : هل هل.... هي ته مهمانن جو طعام آهي .

منوءِ ناٽر جي اهل ڪندي ٺهڪ ڏئي ٿو . — منو : هه هه هه.... ڪنجوس،مکي چوس!
وڏي افسوس جي ڳالهه آهي ،
وڏي افسوس جي ڳالهه آهي.
ناٽر ڪني ڇوڪري آهي ....
ناٽر ڪني ڇوڪري آهي....
هه هه هه ....

— ڪٽ —

## سين : ٢٢

اِن ڊور. وقت : ڏينهن. جڳهه : مهمانسراءِ.

ناٽر ڇير ڇمڪائيندي، ٺلندي مٽڪندي، ڪوٽ جي دروازي مان نڪري، مهمانن جي ٿلهي ڏانهن اچي ٿي. سندس هٿن ۾ ڍڪيل ٿالهه آهي. همير، راڻو، سينهڙو ۽ ڏونٺر ٿلهي تي ويٺا آهن. سينهڙو سوپاريءَ جي ڪتر پيو ڪري. ڇم ڇم جو آواز ٻڌي، ڏونٺر ناٽر ڏانهن هلي ٿو. ناٽر ڪان ٿالهه وٺي ٿلهي ڏانهن هلي ٿو.

ناٽر منلس پويان اچي ٿي. ناٽر ڳل کي روڪيندي هڪي هڪي راڻي ڏانهن نهاري ٿي.

ڏونٽر : ڳڻي آئين نه، ماني؟ مون ان ڪري وات پٽي ڏوتو. مون کي ڏي، مون کي ڏي.... ماني اچي وٺي آهي — ڪاٿجي، نه ڪاٿجي.... سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

ناٽر جي چهري تي شرارت کي پرکيندي

راڻو : وري ڇا ڳڻي آئي آهين ؟

سينهڙو : ڏونٽر لاءِ ڊاڪون ڊڪي آئي آهي.

ناٽر هيسجي وڃي ٿي

راڻو : ڪول نه ڏسئون.

ڏونٽر کي هڪندي

ناٽر : سانڍ چيو آهي، جيستائين طعام تيار ٿين، تيستائين ٽوري نيرن ڪري وٺو.

ان وچ ۾ ڏونٽر ٿالهه تان ڪپڙو هٽائي ٿو. ٿالهه ۾ ڪچا ڇٽا پيل آهن. سيني جي منهن تي ڪاوڙ اچي ٿي، هڪبئي ڏانهن ڏسن ٿا ۽ پوءِ ناٽر ڏانهن گهورين ٿا.

ناٽر راڻي جي نظر بچائيندي ڳل کي روڪي بيٺي آهي.

ناٽر کي

سينهڙو : نيرن لاءِ تنهنجي سانڍ وٽ ٻي ڪابه چڱي شي ڪانه هئي جو هي ڇٽا ڏياري موڪليا اٿس؟

همير ڏانهن نهاريندي

راڻــو : سومل جو اشارو شايد . ڪ ها
چٽا ڇپاڙڻ ڏانهن آهي.

همير : رڪ جا چٽا ڏياري موڪلي ها
ته اسين ڪُرڻي ڇڏيون ها.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

ناٽر کي

ڏونئر : تنهنجي هٿان چٽا به چڱا هئا،
پر رڏي ته اٿين ها !

ناٽــر : آئون ته حڪم جي بندي آهيان.

راڻــو : ڏونئر، اِهو ڪم به تو کي ڪرڻو
پوندو.

ڏونئر : هائو، سنگت سان صلاح ڪرڻ
ضروري آهي.

راڻــو : هي ٿالهه کڻ، ۽ اهي چٽا تورا
تورا ڪري گهوڙن جي کونڊين
۾ وجهي اچ .

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.... ڏونئر، اهي
چٽا گهوڙن کي ڏج، متان پاڻ
کائي ڇڏين !

ڏونئر : چٽو آهئين. سنگت سان صلاح
ڪرڻ ضروري آهي.

ناٽر خار کائيندي، هلي
وڃي ٿي.

راڻــو : پنهنجيءَ سائڻ کي چئج تــه
اسانجن گهوڙن نيرن ڪري ورتي،
هاڻي پنهنجو شان سڃاڻ ۽ اجايو
ادمبر ڇڏي ڏي.

سڀ کلن ٿا.

ـــ ڪٽ ـــ

## سين : ٢٣

اِن ڊور. وقت: شام. هنڌ: مهمانسراء.

دسترخوان وڇايل آهي، جنهن تي گهڻا طعام رکيل آهن. همير، سينهڙو، راڻو ۽ ڏونئر ڪلندي ڳالهائيندي کائي رهيا آهن.

سينهڙو: ڇٻبو ته مومل واه واه ڪري ڇڏي. ڏاڍيون مهمانيون ڪيون اٿس، ڪيڏا طعام تيار ڪرايا اٿس.

همير: پنهنجو شان سڃاتو اٿس.

ڏونئر کي ڇيڙڻ لاء

راڻو: اِهو سڀ ناتر جي سفارش سان ٿيو آهي. ڏونئر، ڪيئن؟

ڏونئر کائڻ ۾ مست آهي. وات جي آوازسان مختصر جواب ڏئي ٿو.

ڏونئر: هئون....

راڻي کي اک پيچندي

همير: اها سفارش به ڏونئر جي مهابي ٿي آهي، راڻا.

راڻو: هائو، مجڻ مراد آهي. ڏونئر نه هجي ها ته بنهه بک مري وڃون ها.

سينهڙو: بيشڪ، بيشڪ. سچو آهئين. نه ته پاڻ به جيڪر ديواني ۽ مستاني بادشاهه وانگر پيا مومل لاء پلا ماريون ها.

سڀ کلن ٿا.

ڏونئر کي ڪباب ڏئي ٿو

....اڇي، ڏونئر، هي ڪباب کاءُ.

ڏونئر: ڪباب به ڪي قسمت وارا ڪائين. هتي ته ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون آهن، يا وري پلن جا

شڪار ٿيا ٿين. قدرت جو نظام
آهي. سنگت سان صلاح ڪرڻ
ضروري آهي.

-- ڊزالـــو —

## سين : ۲۴

اِن ڊور. وقت: چانڊوڪي رات. هنڌ : مهمانسراءِ.

ٿلهي جي ٻنهي پاسن فانوس روشن آهن. سامهون ڪوٽ جي وڏي دروازي جي ٻنهي پاسن ٻه فانوس ٻرن ٿا.

همير، راڻو، سينهڙو ۽ ڏونگر ٿلهي تي ويٺا آهن. سينهڙو سوپاري ڪتري سيني کي ڏئي ٿو ۽ پاڻ ٻه کائي ٿو.

سينهڙو : چوندا آهن ته جنهن جو کائجي، تنهن جو ڳائجي. سو .... سومل کي بيشڪ مُزرابون هجن.

همير : هائو، سومل کي بيشڪ مزرابون هجن. باقي سومل ته ٻنهه ڪا ڏنگي آهي، سينهڙا !

سينهڙو : ڏنگي....! ٻهرين ڏنان، ڪهڙا وٽ وڌئين.

همير : (کلندي.) تنهن ۾ ڏونگر ته ٻهرينءَ تي سَٽ، منجهيل سٽ کي سلجهائڻ ۾ اهڙو سَڪ تي ويو هو جو ....

ڏونگر : (کلندي.) سون چيو، ڳوماڻي ٿو وڻانس. پر ڏاڪو ڏاڪي سان نه جڙي، ڪو چيڙو ٿي هٿ نــ اچي ته ڇا ڪريان؟ جي راڻو ڳل نه ڪري ها ته آئون ياعمر قابو هــوس.

سڀ کلن ٿا.

رائـو : ڀلا، هاڻي اچو . اصل ڳالهہ تي.
هاڻي ڳڻ اِها ڪريو تہ جيترو
ڪاڏو اٿئون، اوترو اوڳارڻو بہ
آهـي.
سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.
ڏونگر : هائو، سنگت سان صلاح ڪرڻ
ضروري آهي.
رائـو : صلاح اِها آهي تہ هاڻـي اصل
مارڪو شروع ٿيڻو آهي. اسين
هتي سومل کي ماڻڻ لاءِ ڪهي
آيا آهيون ـــ ۽ هاڻي سومل جو
سڏ ٿيڻ وارو آهي.
سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ. اِجها تي حڪم
جي ٻندي حاضر ٿئي.
همير : پاڻيهي ڏونگر منهن ڏيندس.
سينهڙو : ڏونگر تہ اڳي ئي چمڪي تي
چڪن ٿيـو پيو آهـي .... پر
مون کي ڏاڍي دوکيباز ٿي نظر
اچي اِها ناتر!
ڏونگر : (سنجيدگيءَ سان) ناتر جي ڳالهين کي ڇڏي ڏي
سينهڙا ! اصل ڳالهہ سومل کي
مات ڏيڻ جي، سومل تي سوپ
پائڻ جي آهي. ها، سنگت سان
صلاح ڪرڻ ضروري آهي.
سينهڙو : تہ پوءِ ڪا اهڙي صلاح ڪريون
جو نانگ بہ مري، لٺ بہ بچي.
سومل بہ هٿ اچي ۽ سر بہ
سلامت رهن.

هميـر : ڪاڪ محل جي اندر جي احوال جي خبر اسان مان ڪنهن کي ڪانهي. تنهنڪري هاريون يا جيتيون، پر هرحال ۾ چار ئي ڄڻا هڪٻئي سان ٻڌل رهڻ کپنون.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ. جيئن هيترو وقت پاڻ ۾ هم صلاح رهيا آهيون، تيئن هاڻي به رهنداسين.

هميـر : منهنجي دل چوي ٿي، اسان مان ڪو نه ڪو مومل ضرور مائيندو.

ڏونئر : ته پوءِ سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

راڻـو : صلاح هيءَ آهي ته ناتـر هاڻي ايندي ته اسان کي هڪڙو هڪڙو ڪري ڪوٽ اندر وٺي ويندي. سڀني کان پهرين حاڪم همير ويندو، ۽ سڀني کان پوءِ آئون ويندس.

هميـر : اسان مان ڪو به پهرين يا پوءِ وڃي سگهي ٿو. پهرين تون وڃ، راڻا. آئون توکان پوءِ ويندس.

راڻـو : پهرين امير، پوءِ وزير.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ. اها ڳالهه تـو بلڪل صحيح ڪئي آهي ميندرا! مومل جهڙي شهزادي همير حاڪم کي ئي سونهي ٿي

ڏونگر : جيڪڏهن حاڪم هيپر مومل نه مڃي، ته پوءِ اسين ٻئي ڪنهن سان پلاند ڪنداسين.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

رائو : واه جي ڳالهه ڪئي اٿئي، ڏونگرا

ڏونگر : بيو وري! سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

-- ڪٽ --

## سين : ٢٥

اِن ڊور. وقت : رات. جڳهه : منوءَ جو ورانڊو.

| | |
|---|---|
| ناتر کي ايندو ڏسي | منو : آئون مومل جو منو آهيان ! |
| ويجهو ايندي | ناتر : اِها ته سڀني کي خبر آهي. |
| ناتر جي اهل ڪري ٿو | منو : هون، اِها ته سڀني کي خبر آهي. |
| | ناتر : هــا . |
| | منو : تون ڪير آهين ؟ |
| | ناتر : آئون مومل جي مِٺي آهيان! |
| ناتر ٽهڪ ڏئي ٿي، منو به اهل ڪري ٽهڪ ڏئي ٿو. | منو : اِها ته سڀني کي خبر آهي. |
| ناتر ڪيلو منوءَ کي ڪارائي ٿي. | ناتر : اچي، تولاءِ ڪيلو آندو اٿم. |
| ڪيلي ۾ چڪ هڻندي | منو : اڄ تون خوش آهين. ها نه ؟ |
| | ناتر : ڪيئن ؟ |
| | منو : مون کي سڀ خبر آهي. مون کي سڀ خبر آهي. |
| مون کي چڪ هڻندي | ناتر : تو کي ڪهڙي خبر آهي ؟ |
| | منو : آئون دريءَ مان سڀ ڏسان پيو. |
| | ناتر : هون.... وڏو ڪو جاچوس آهين! |

منو ٺهڪ ڏئي ٿو. ناٽـــر
منوءَ جي اهل ڪندي
ٺهڪ ڏئي ٿي.
ٻئي ٺهڪ ڏيندا رهن ٿا.
ناٽر ٻوڙندي هلي وڃي
ٿـــي.
— ڪٽ —

## سين ۽ ٢٦

اِن ڊور. وقت: رات. هنڌ: مهمانسراءِ.

ناٽـــر چم-چم ڪندي، نخري سان صوف کائيندي، ٺهڪ ڏيندي، تلهي ڏانهن اچي ٿي، جتي همير، راڻو، سينهڙو ۽ ڏونٽر ويٺا آهن.

ڏونٽر : اچي وٺي بختاور، اچي وٺي!
سينهڙو : حڪم جي ٻندي الائي ڪهڙو حڪم کڻي آئي آهي.
ويجهو اچي نخري سان صوف ۾ چڪ هڻندي.
ناٽـــر : سائنءَ اوهان کي سڏايو آهي.
ڪلندي
ڏونٽر : اسان چئني کي؟
ناٽـــر : اونهون.
همير ڏانهن اشارو ڪندي
ڏونٽر : هن کي؟
ناٽـــر : اونهون.
سينهڙي ڏانهن اشـــارو ڪندي.
ڏونٽر : هن کي؟
ڪلندي
ناٽـــر : اونهون.
راڻي ڏانهن اشارو ڪندي
ڏونٽر : پلا هن کي؟
ڪلندي
ناٽـــر اون....هون.
ڏونٽر : ته پوءِ ائين چؤ نه، ته مون کي گهرايو اٿس.

ٺهڪ ڏيئي ناٿــر : اونهون. اوهان ۾ان ڪوبہ هڪڙو
مون سان گڏجي هلي.

همـير : جيڪڏهن آئون مولي نہ اچان تہ اوهين سومل سان پلانـد ڪجو.... ۽ اوهان مان جيڪو بہ سومل ماڻي، سو منهنجو راڄ ۽ پاڳ، تخت ۽ تاج سنڀالي.

سڀ همير ڏانهن نهارين ٿا. همير آهستگيءَ سان آتي ٿو، مٿي تي تاج رکي ٿو ۽ تلوار چيلهہ جي ٻڌي بہ هٿي ٿو.

سڀ خاموش رهن ٿا.
همير ناٿر جي پويان وڃي ٿــو.
بئڪگرائونڊ ۾ موسيقي وڄي ٿي.

---

## سين : ٢٧

اِنڊور. وقت : رات، چانڊوڪي. هنڌ: جنتر منتر.

ڪاڪ محل جي ڪوٽ اندر، سومل جي ماڙيءَ تائين، سومل جي تيار ڪيل جادو نگري آهي، جنهن ۾ جهنگ اندر منجهيل ۽ وروڪڙ پيچرا آهن ۽ شينهن، پولڙا، نانگ بلائون، چبرا ۽ چمڙا، واڳون ۽ ٻيا خوفناڪ جانور موجود آهن. اهي گهربل موقعن تي ”ڪروما“ وسيلي ڏيکارجن ٿا.

جادو نگريءَ جي پرئين چيڙي تي ڪاڪ محل جي وڏيءَ بالڪنيءَ ۾ مومل، سومل ۽ ٻيون پيلون پري کان همير جو حال ڏسي کلي رهيون آهن.

بئڪگرائونڊ ۾ خوفائتي ۽ پُر اسرار موسيقي آهي، جنهن ۾ جانورن جي ڀيچاربندڙ آوازن جا پڙاڏا شامل آهن.

همير ۽ ناتر ڪوٽ جي دروازي مان داخل ٿيندي ڏيکارجن ٿا، جتان جادوئي جهنگ شروع ٿئي ٿو.

همير پوپان آهي ۽ ناتر ڇير ڇمڪائيندي، پڙو لمڪائيندي، ڦيريون پائيندي، ٽلندي، اڳيان هلي رهي آهي.

همير اندر داخل ٿئي ٿو ته اول پيانڪ خاموشي آهي. همير چوڌاري ڊنل اکين سان نهاري ٿو ۽ پوءِ ٻه چار قدم کڻي ٿو ته ڇيري جو آواز ٻڌجي ٿو. ڪجهه قدم اڳتي هلي ٿو ته اوچتو شينهن جي گجگوڙ ٿئي ٿي ۽ شينهن همير کي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هو گهٻرائجي بيهي رهي ٿو.

ناتر نهڪ ڏئي ٿي.

ناتر : اچو، اچو.... ڊڄي ويا آهيو ڇا؟

ناتر ڪجهه اڳتي آهي.

همير : تون مون کان پري نه ٿي، هن شينهن کي پري ڪر.

ناتر : هي هڪڙو شينهن آهي ڇا.... هتي ته ڪيترا شينهن ۽ ٻيا جانور آهن. اهي سڀ راجڪماري سومل جي حڪم ۾ آهن. آئون انهن کي ڪجهه به نٿي ڪري سگهان.

همير ڪجهه قدم کڻي بيهي رهي ٿو ۽ چئني پاسن نهاري ٿو. ڪيترائي خوفناڪ جانور نظر اچن ٿا.

پوائنٽي موسيقي هلندي رهي ٿي. مختلف جانورن جا آواز ٻڌجن ٿا.

ناتر ان وچ ۾ هڪ پهاڻي گوهي ڏيئي ڪم تي وڃي ٿي،

گذوگڏ پڙاڏي سان سنلس ٺهڪ
پڌڻ ۾ اچن ٿا.

ناٽر مسلسل ٺهڪ ڏيندي
رهي ٿي ۽ ان سان گڏ هوءَ
جادوئي ناچ نچي ٿي، جيڪو
ڏسڻ ۾ نٿو اچي، پر چير جي
ڇمڪي سان انجو تاثر پراسرار
موسيقيءَ ۾ جانورن جي آوازن
سان شامل آهي. سنلس ٺهڪ
۽ چير سان نچڻ جا پڙاڏا پري
ٿيندا وڃن ٿا.

ڪئميرا زوم ان ڪري
محل جي ماڙيءَ تي بالڪنيءَ
۾ بيٺل سومل، سومل ۽ ٻين
پيٺن کي ٺهڪ ڏيندي ڏيکاري
ٿي. اهي همير جي حالت تي
کلي رهيون آهن. ان دوران،
همير ناٽر کي گم ڏسي
ڪهرائجي وڃي ٿو.

هو مختلف پيچرن ڏانهن
ڊوڙندي، دانهون ڪري ٿو.
ناٽر جي ٺهڪن جو پڙاڏو
سنلس ويجهو گونجي ٿو.

همير : ناٽرا.... ناٽر! تون ڪٿي آهين؟
آئون توکي نٿو ڏسان! منهنجي
سامهون اچ .... هي جانور
سون کي ڪاٿي ڇڏيندا ! ....
ناٽر!.... ناٽرا....

سير کي جنني پاسن کان
خوفناڪ جانور دانهون
ڪندا نظر اچن ٿا. پر هو
همت ڪري هڪ هنڌ
بيهي رهي ٿو، ۽ خنجر
ڪڍي هٿ ۾ جهلي ٿو.
اوچتو سندس نظر سامهون
ماڙيءَ ڏانهن ڪجهي وڃي
ٿي، جني پري ڪان بالڪنيءَ
۾ مومل، سومل ۽ سندن
پيئون چانڊوڪيءَ ۾ تجلا
ڪنديون نظر اچن ٿيون.

پنهنجي منهن، گسر سر حالت ۾.

همير : ڇن نه نارن جو ڪو جهرمٽ آهي!.... ڇن نه ڪئين چنڊ آيري پيا آهن!.... پريون آهن يا اپڇرائون ؟.... الائي ڪير مومل آهي، ڪير سومل ؟.... سهڻين صورتن جي يڪي ڪيرڊارا آهـــي !

پري ڪان سنهڙا سنهڙا ٽهڪ اڀندا رهن ٿا.
جانورن جـا ڀيانڪ آواز آيرن ٿا.

آهي سڀ جادوئي مخلوق تہ نہ آهن؟.... آف، منهنجن حواسن کي الائي ڇا ٿي ويو آهي.

چرڪي
واڻڙن جيان هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ٿو . کيس سامهون هڪڙو نانگ نظر اچي ٿو.
هو پکهرجي پوي ٿــو ۽ ڪجهه گهڙين لاءِ سراپجي بيهي رهي ٿو، ۽ پوءِ ڊپ

وچان رڙيون ڪري ٿو.
بئڪگرائونڊ ۾ سنلس
اندر جو آواز اُڀري ٿو.

ناتر ! ناتر....
”هتي نه ڪوئي ڪونهي....رات،
جهنگ، منجهيل واٽون، قدم قدم
تي موتمار جانور....ڪاڪ محل
جي ڪنوارين تائين پهچڻ
ناممڪن آهي .... آف، همت
جواب ڏيندي وڃي !.... پوئتي
موٽجي.... ها.... پر منگت کي
ڇا جواب ڏيو؟

پوئتي موسيقيءَ سان گڏ
جانورن جون دانهون پڙاڏا
ڪن ٿيون.

.... عقل کان ڪم وٺ، همير!
ڏسي وائسي موت جي منهن ۾
نه وڃ... ڇريو نه ٿي ، موٽـي
هل !.... ڇريو نه ٿي! ....ڇريو
نه ٿي !“

ڇرين جيان ! ڪيون ڦاڙي
ٽهڪ ڏئي ٿو.
ڪجهه ياد اچڻ جي انداز ۾،
جانـورن جـا آواز وري
اُڀرن ٿا.
همير واٺـڙن جيان پوئتي
موٽي ٿو .
بئڪ گرائونڊ ۾ ناتر جي
ٽهڪن جو پڙاڏو گونجي
ٿـو. جانورن جـا آواز
اُڀرن ٿا ۽ خوفناڪ موسيقي
ٻلندي رهي ٿي.
ــ ڪٽ ــ

ديوانو بادشاهه.... مستانو بادشاهه!
نه نه، آئون ڇريو نـه آهيان !
آئون ڇريو نه آهيان !

موٽي هل.... موٽي هل، همير!
موٽي هل!....

## سين : ٢٨

ان ڊور. وقت : رات. هنڌ : مهمانسراءِ.

همير، رائو، سينهڙو ۽ ڏونٽر تلهي تي ويٺا آهن. سوپاري ڪائيندي ڳالهيون ڪري رهيا آهن.

سينهڙو : ڇنبو تہ مومل سچ پچ ايڏي سهڻي آهي!

همير : بس ، قدرت جو شان آهي. ماڻهو پاڻئي تہ ويٺو ڏسجيس.

ڏونٽر : ڀلا طبيعت جي ڪيئن آهي؟ سهڻا تہ ڍوهہ بہ آهن، پر انهن‌تي پٽ تي پيا رلن.

همير : ڏاڍي رلڻي‌ملڻي، ڏاڍي مهمان‌نواز .... ڳالهہ ڪرڻ ڪان ٻاهر آهي.

سينهڙو : ڀلا ، حاڪم سائين ، توسان ڪهڙيون خبرون چارون ڪيئين؟

همير : خبرن چارن ڪي ڇڏي ڏي. بس، اڻين ويجها ويٺا هئاسين ، جيئن تون ۽ آئون ويٺا آهيون. مڙئي سندس مزماني ڪائي آياسين .

ڏونٽر : ڀلا، طعام ڪهڙا هئا؟ سنگت سان صلاح ڪرڻ تہ ضروري آهي .

همير : طعامن جا ڍير هئا. ڏسڻ سان ڏي ڏہ ٿي ويو. قيما ، ڪوفتا، زردا، پلاهون.... تنهن ۾ هرڻ ۽ تتر جا گوشت هڪ پاسي، ڪلندي

---

ڪاڪ محل

ککڙ ۽ حلوانُ ٻئي پاسي،
تازا ۽ سُڪا ميوا ٽئي پاسي،
۽ مٺاڻ وري قسمين قسمين
شربت ۽ ٺاڌلون.... مکڻ ۽
ماکيون ته ري حساب هيون.

ڏونئر : برابر، بادشاهي ٻار آهن.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ. ڀلا سومل جي
خبرچار ؟

همير : ڏاڍي فضيلت واري ! آهـا به
گڏ ويٺي هئي. پر اهڙي بيمروت
ڪانهي، جهڙي پاڻ سمجهي
هئي.

ڏونئر : ڀلا، ناتر ڪيئن هئي ؟

همير : ان جا آئي به اِهي ٽي ساٿيا
پرڪار هئا. پيون به پانهيون
اِلاهي هيون. سڀ ڏاڍيون
سهڻيون.

رائو : ڀلا هاڻ اصل ڳالهه تي اچون
.... همير سائين، تون سومل ۽
سومل سان ڪهڙو فيصلو ڪري
آئين ؟

همير : فيصلا وري ڪهڙا، اهڙا ڪي
شرط وڌائون جو پنهنجي مجي
ڪان ٻاهر هئا.

رائو : ڪهڙا شرط وڌائون ؟

همير : بس هاڻي آهي منهنجي دل ۾
آهن. ڏاڍا ڏکيا شرط هئا.

سينهڙو : اسين به ٻڌون ته چڱو، همير سائين.

ڏونئر : ها، سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

هميـر : سنگت جي ڪري ئي ته مون اهي شرط قبول نه ڪيا.

سينهڙو: سنگت جو ته سر به حاضر هو ترلاء. تون پنهنجو مطلب ته ماڻهن ها، همير سائين.

ڦڪي ڪـِل ڪلندي

هميـر : سڀ موملون هجن، ته به راڻو، سينهڙو ۽ ڏونـئـر منهنجـي لاء وڏيڪ ڳرا آهن.... بس، هـانءُ ان ڳالهه کي ڇڏيو. اوهين پاڻ وڃي مومل جو منهن ڏسندا ته سڄي ڳالهه ڇڻي ٿي پوندي.

سينهڙو: هائي وري اسان جي وڃڻ جـو ڪهڙو ضرور. سنجهي ئي موٽي چونه هلجي.

هميـر : اون هون.... ٿي سکهي ٿو، اوهان سان ڪي بيا شرط ٿين . ٿـي سگهي ٿو، اوهان‌مان ڪو مومل کي مچائي وجهي.

سينهڙو: بيشڪ، بيشڪ .

ڏونئر : ها، سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

راڻـو : سنگت کي اهي شرط ٻڌڻ کپن. تيستائين موٽڻ ميهڻو آهي.

سينهڙو: بيشڪ، بيشڪ. اِها تـو ٻلي ڳالهه ڪئي آهي، راڻا.

هميـر : هائو. اوهان جي به دل ۾ اِهـا

گهاله نه رهي نه مومل جي ماڙي
نه ڏنيسين.

ڏونٽر : پلا، حاڪم سائين، واٽ جي خبر ڏي— ڪو جهنگ، ڪي جناور ؟

کلندي

همير : جهنگ به آهي، جناور به آهن. پر.... بس، وچ تي تورو گس اولو آهي، پوءِ سامهون ئي مومل جي ماڙي آهي. باقي رات وڪڙو آهي، سو چنڊ جي سهائيءَ ۾ سيڪي ڏسجي پيو.

ڏونٽر کي

سينهڙو : پوءِ پلا، ڪيئن تو پاٿئين، ڏونٽر، هلبو مومل جي ماڙيءَ تي ؟

ڏونٽر : ها، ها، سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

—ڪٽ—

## سين : ٢٩

ان ڊور. وقت : چانڊوڪي رات. هنڌ : ڪاڪ محل جو باغ.

مومل پينرن سان گڏ پينگهه لڏي رهي آهي. ٻانهيون به موجود آهن. سين سندن ٽهڪن سان شروع ٿئي ٿي. ٽهڪ جهڪا ٿين ٿا ۽ بئڪگرائونڊ ۾ بيت تحت اللفظ پڙجي ٿو.

”جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٿن ويس،
چوٽا تيل چنبيلئا، ها ها سو هميش،
پسيو سونهن سيد چيءِ، نينهن اچن نيش،
لالن جي لبيس، آتڻ اڪر نه آڇهي“.

بيت ختم ٿئي ٿو ۽ وري
لهڪ اُيرن ٿا.
ناتر تڪڙي تڪڙي لنگهي
ٿــــي.

هڪڙي پيڻ: ناتر وڃي پئي جنگ تي.

ٻي پيڻ: سدا سوڀاري آهي. عمرڪوٽ ولايت جي بادشاهه همير سومري کي مات ڏيئي ڇڏيئين!

ناتر کي سڏيندي
پري کان
پينگهه تان اُٿندي

مومل : ناتر!

ناتــر : جي، سائڻ!

مومل : هيڏانهن اچ.

ناتــر : جي سائڻ!

ناتر ويجهي اچي ٿي

مومل : ڏاڍي خوش پئي ڏسجين؟

ناتر مومل جي اکين ۾ گهوري
ڏسي ٿي. ڪجهه دير
ترسي ڳالهائي ٿي.
مرڪندي

ناتــر : توکي ڏسي، خوش نه ٿيان، سائڻ!

مومل : سومل ادي ڇا پئي ڪري؟

ناتــر : دريءَ ۾ وڃي بيٺي آهي، سائڻ.

هڪڙي پيڻ: هون!.... هلو نه سڀ دريءَ تي هلون. ناتر جي جنگ ڏسون.

مومل : تون وڃ، ناتــر.... جيئن ادي سومل چيو اٿئي، تيئن ڪر.

ناتر ڇم-ڇم ڪندي هلي
وڃي ٿي.
مومل هاڻي ٿــي ۽ سڀ
ان جي پويان هلن ٿيون.

ـــ ڪٽ ـــ

## سين ۽ ٣٠

ان ڊور. وقت: چانڊوڪي رات. هنڌ: جادونگريءَ جو ڪروما-سيٽ. بئڪ گرائونڊ ۾ جادونگريءَ جي خوفائتي موسيقي ۽ جانورن جا آواز. سينهڙو جادونگريءَ ۾ پريشان آهي. ناٽر ڪم تي ويٺي آهي.
ناٽــر جا ٺهڪ اڀرن ٿاـــ ڪڏهن ساڄي پاسي تہ ڪڏهن کاٻي پاسي کان.

سينهڙو: وڏي ڪا چنڊي آهي هــيءَ
چوري !.... او چوري، ناٽر !
ڪٿي آهين ؟
همير حاڪم چيو هو، توري واٽ
ڏکيري آهي.... بيشڪ، بيشڪ.

سندس اندر جو آواز
ٻــٽي قدم هلي ٿو.
سامهون شينهن ڏسجي ٿو.
شينهن جي گجگوڙ پڌجي
ٿي. پاسي واري ڪس ڏانهن
ڀڄي ٿو.

ڪا هڪڙي واٽ تہ آهي ڪانہ!
.... او چــوري ! نياڻــي !....
ڪيڏانهن ويئين ؟.... ڪهڙيءَ
هڇا ۾ ڦاسايو اٿئي!

پنهنجي منهن
ناٽر جو ٺهڪ اڀري ٿـو ۽
وٽن تي سندس چهرو سپر
امپوز ٿئي ٿو.
سامهـون مختلف جانــور
ڏسي ٿو. وري ڪس بدلائي
ٿـــو.

...."جهنگ بہ آهي، جناور بہ
آهن. پر.... بس ، وچ ني تورو
ڪس اولو آهي، پوءِ سامهون ٿي
مومل جي ماڙي آهي".....
بيشڪ، بيشڪ.

همير جو آواز يـاد اچيس
ٿو. همير جي آواز جو پڙاڏو
پڌي ٿو.
ماڙيءَ جي بالڪنيءَ مان
ٺهڪ اڀرن ٿا.

سينهڙو ڇتيءَ پاسن کهپرائڻ جي
ڏسي ٿو.
لهڪ وري آيرن ٿا.
سينهڙي جي نظر بالڪنيءَ
تي بيٺل سومل ۽ سنڌس
پيرن جي ميڙ تي پوي ٿي.

اڙي، ڪنوڻ پٺي ٿئي ڇا؟....
مينهن پوو ته پوءِ ڪيڏانهن
وڃبو!.... نه نه .... اوه، هي ته
ڪي محبوبن جا مهاندا آهن....
بيشڪ، بيشڪ. پر انهن ۾
سومل ڪهڙي آهي؟.... ڪيئن
سڃاڻبو ايڏانهن؟

جانورن جي گجگوڙ ٿئي
ٿي. چرڪي پئي ٿو.
سنڌس اندر جو آواز.

پيلي سينهڙا، تون ته شينهن تو
سڏائين، پر هتي پڃرن جي پيٺي
ڪانهي.... هائي ته ڪس جي ته
خبر نه ٿي پوي.... ڪا هڪري
وات ته آهي ئي ڪانه!

مختلف پاسن ڏانهن گهتون
ڏئي ٿو. جانورن جا آواز
۽ لهڪ تيز ٿين ٿا.

— بزالسو —

## سين : ٣١

اڻ پورو. وقت : چانڊوڪي رات. هنڌ جادونگري.

ڊونٽر ۽ ناٽر هڪ هنڌ بيٺا آهن. ناٽر لهڪ ڏيئي رهي آهي.

ڊونٽر : سچ ٿو چوانءِ ناٽر، منهنجو
هي ڪنهن سان ٺڪهڙو واسطو
.... منهنجي سومل ٻه ٿون، تہ
سومل ٻه ٿون. هل تہ هتي چڱا
هتان نڪري هلون!

ڪلن تي هٿ هڻي، نخري سان

ناٽر : اون هون.... سومل راڻي ڪٿل
لامي ڇڏيندي!

ڊونٽر : منهنجي ڳالهہ مڃ....سنڪت سان
صلاح ڪرڻ ضروري آهي، پر
هل تہ ملڪ ميٽ ۾ هتان نڪ
هلون!

جانورن جا آواز اڀرن ٿا ۽ ڊونٽر ڇرڪ ڀري ٻہ قدم پوئتي هٽي ٿو.
ناٽر لهڪ ڏئي ٿي.
ٻچنــدي، شينهن ڏانهن اشارو ڪندي.

ڊونٽر : انهن ڪتن کي جهل.
ناٽر : ڪتا ناهن، شينهن آهن!
ڊونٽر : شينهن آهن ؟ تہ پوءِ ڇا ٿيو؟
آئون ڪو انهن کان ٻچــان
ڪونہ ٿو.

ناٽر جي پويان ٻہ قدم هٽي وري بيهي ٿو.

ناٽر : تہ پوءِ اڄ نہ اڳتي !
ڊونٽر : ترس، ترس. اڳتي جــي ڳالهہ
اڳتي سان.... پهرين اهو ٻــڌاءِ
تہ شينهن ڪهڙا آهن. ڏهن جو
ٽمٽ تہ آئون آهيان. پوءِ ٻہ....

ٿهڪ ڏيئي

ناٿـر : رڳو شينهن آهن ڇا؟.... چيتا، بگهڙ، واڳون، رڇ، نانگ، بلائون، سوين آهن.

جانورن جا آواز اڀرن ٿا.... ڏونٽر سامهون هڪ نانگ کي ڏسي، اکيون ان ۾ کپائي ڳالهائي ٿو.

ڏونٽر : ناٿر، هاڻ ڳالهه پـــ.... تون سچائي ڏيکار، پوءِ ڀلي بلائون ڀلي پيون ايڏانهن گهمن ڦرن. ها، سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

کلندي

ناٿـر : تو ۾ ته پنهنجن يـارن جهڙي همت به ڪانهي. آهي به اڌ ٿان وري ويا هئا، پر هتان ڪجهه اڳيرو تـه هليا هئا. تـون ته ڇـرين ئي ڪونه ٿو!

بئڪ گرائونڊ ۾ خوفائتي موسيقيءَ سان گڏ جانورن جا آواز هلندا رهن ٿا.

ڏونٽر : هـي تـون ڇـا پيو چوين؟ منهنجن يارن کي حرف ٿي ڏين! آهي ته مومل جـون مزمانيون ڪاٿي آيا آهن.

ناٿـر : بلي....! مومل جـون مزمانيون ڪاٿي آيا آهن! منهن اٿن اهڙو؟

ڏونٽر : ڏس، ناٿـر، منهنجن يارن جـي ڳلا نه ڪر ـــ نه ته آئون ڏڪ هٿي پورو ڪندوسان ها!

نخري سان

ناٿـر : هٿي به ڏس ڏڪ ا باقي ڳالهه جيڪا هوندي، سا ڪبي. آهي ته پئي چئا، تنهنجا بهادر يار، هتان بزدل ٿي پڳا آهن. شڪر ڪن جو ڪنهن جانور جو ڪاڄ نه ٿيا.

ڏونئر : حاڪم همير به مومل ڏانهن نه پهتو هو؟

ناتر جواب بدران ٽهڪ ڏئي ٿي ۔

پنهنجي منهن

هن ته سربستيون خبرون اچي ڪيون هيون، پر ٽڏهن شرطن جي ڳالهه ڪيئن هئي؟
ڪهڙا شرط آهن تنهنجي مومل جا ؟

ناتر کي۔

ناتر : شرط ؟ هڪڙوئي ته شرط آهي۔

ڏونئر : ها، ڪهڙو شرط آهي، ٻڌاءِ؟

ناتر : بس، اهوئي ته هتان هلي وڃي مومل ڏانئين پهچڻو آهي۔

پنهنجي منهن، بيخياليءَ ۾

ڏونئر : هون.... ته اهو شرط همير ۾ سنهڙو پورو نه ڪري سگهيا آهن۔ پر ڏونئرڙي تي ڪهڙي ميار آهي؟.... هاڻي ته سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي۔

ناتر ان وچ ۾ ڪمر ٽپي وڃي ٿي۔
ڏونئر ناتر سان ڳالهائڻ لاءِ منهن ورائي ٿو ۽ کيس ڪمر ڏسي رڙيون ڪري ٿو۔

.. . يلا هاڻ تنهنجي ڇا صلاح آهي، ناتر! هل ته....
اڙي ڪيڏانهن هاي وئينءَ؟
ناتر! ناتر!.... مون کي ڇڏي وئينءَ ڇا ؟ اڙي، آئون ڇا پڇو ڇوان، ٻڌ ته ....

ناتر جا ٽهڪ اچن ٿا۔

جانورن جا آواز اڀرن ٿا.
ڏونگر ٻپ ۾ هيڏانهن هوڏانهن
ڏسي پوئتي موٽي ٿــو.
ڪلندو رهــو. ٿــو ۽ هلندو
رهي ٿو.

پوڪ تي ڪرين موں سان ؟
چگو، تون اڄ نہ سهي ....
چگو، تون پلي نہ اچ ، آئــون
بہ اڪيلي نہ ايندس !
.... يار ڏونگرڙا، ڪهڙتو جانورن
جي پيٽ ۾ وڃي. مومل هجي
يا سومل، هرڪا پنهنجي گهر
خوش هجي. هل تہ هلي سنگت
کي سلامي ڏيون. سنگت سان
صلاح ڪرڻ ضروري آهي، ها !

پوئتي مــوٽندي، پنهنجي
منهن ڳالهائيندو رهي ٿو.

.... ناتر کي الائي ڇا ٿي ويو؟
ڪم تہ ڪيئن ٿــي وڃــي !....
خير، سر تہ سنگت وٽ سلامت
ڪٿيو ٿا هلون .... سنگت سان
صلاح ڪرڻ تمام ضروري آهي.

— ڪٽ —

## سين : ۳۳

ان ڊور. وقت: ڏينهن. هنڌ : منوءَ جو ورانڊو.

منو جهونگاري رهيو آهي — مــنو : روهه راڻي جي ناهه ڪو....
روهه راڻي جي ناهه ڪو....
روهه راڻي جي ناهه ڪو....

سومل لنگهي ٿي. منــو
سومل کي ڏسي مٺ ڪري
ٿــو.

ويجهو ايندي — سومل : منو....

مــنو : آئون مومل جو منو آهيان !

سومل : سومل جا منو، نائٽر اڄ توکي ڪجهه ڪارايو آهي ؟

منو : هـــا .

سومل : ڇا ڪارايو ائس ؟

منو : بسري.... بسري،

سومل : بسري؟ واه واه !

ڪلي ٿي. سومل هلي ٿي. ٿورو پري وڃي ٿي ته منو وري جهونگاري ٿو.

منو : روه راڻي جي ناه ڪو.... روه راڻي جي ناه ڪو....

سومل بيهي ٿي ۽ مڙي منوءَ ڏانهن نهاري ٿي. منو چپ ٿي وڃي ٿو. سومل آهستي قدم ڪنندي منوءَ ڏانهن اچي ٿي.

سومل : ڇا پيو چوين، منو؟

منو : آئون سومل جو منو آهيان !

سومل : تو ڇا پئي چيو؟ اهو ٿي پڇان؟

منو : ڪجهه نه.... ڪجهه نه..... ڪجهه نه.

سومل : هون، ته هاڻي تون ڪوڙ ڳالهائڻ سکيو آهين !

منو ٽهڪ ڏئي ٿو.

تون تمام بي‌ادب ٿي پيو آهين، نائٽر تنهنجو دماغ خراب ڪري ڇڏيو آهي.

نائٽر پري ڪان لڏندي لمندي اچي ٿي. سومل کي ڏسي ۽ پنهنجو نالو ٻڌي هڪدم بدلجي بيهي رهي ٿي.

سومل : اڙي هيڏانهن اچ، ڇوري !....

ناٿر ويجهو اچي ٿي. | مٿي، هي ڪهڙا راڳ سڪلريا اٿئي سئوءَ کي ؟
---|---
هيڪندي سئوءَ ڏانهن نهاريندي. | ناٿر : جي سائنش، مون تہ.....
| سومل : توکان سواءِ ٻيو ڪير آهي هن کي چورڻ وارو ؟....
ڏک هڻندي | ڇا ٿي ڙي تنهنجو راڻو ؟
| اچي تہ ڏيکاري هيڏانهن !.....
| خبردار، جي اڳتي سئوءَ کي اهي اجايون سجايون ڳالهيون ٻڌايون اٿئي !
سئوءَ کي | .... سومل جو سئو نہ هجين ها تہ هينئر ئي ڇيري ٻہ اڌ ڪري ڇڏيئين ها !
ناٿر کي | هل ڙي، ڇوري !
ناٿر تڪڙي تڪڙي هلي وڃي ٿي. |
سومل خمار سان سئوءَ ڏانهن نهاري ٿي. | سئو : آئون سومل جو سئو آهيان !
سومل مرڪي پوي ٿي. |

— ڪٽ —

## سين : ٣٤

اِن ڊور. وقت: چانڊوڪي رات. هنڌ : مهمانسراءِ.

همير، سينهڙو ۽ ڏونئر تلهي تي ويٺا آهن. راڻو پسار پيو ڪري. همير مُڇ پيو وٽي ۽ ڪرسر آهي. سينهڙو رکي رکي ٽڏو شوڪارو پري ٿو.

ڏونئر نهڪ ڏيندي پنهنجي
منهن ڪڇائي ٿي.

ڏونئر : ڏس ته سهي، ڪيئن ڪر ٿي وٺي !
.... آهي اصل ۾ ڪا نانگڻ ،
ڪ سان ، جيڪا بيٺي بيٺي
وٺن ۾ الوپ ٿي وئي!....

ڪنڌ لوڏي پنهنجي منهن
ڪلندو رهي ٿو.
ناٿر ڪوٽ جي دروازي
مان نڪري ، چم - چم
ڪندي ٿلهي ڏانهن اچي
ٿـــي.
چير جي آواز تي ڇرڪي
ناٿر ڏانهن نهاريندي

ڏونئر : اچي وئـــي شيش نانگڻ !....
هونئن ته جهڙي ڪڏي، پر
جنتر منتر ۾ چوريءَ جا پنڌ
ٿي پيا ٿيو پون !

سڀ اوڏانهن نهارين ٿا.
ناٿر ويجهو اچي ادب سان
ڪنڌ جهڪائي ٿي.

ناتـــر : بانهي حاضر آهي. ساتڻ سومل
جا سلام کڻي آئي آهيان.

ڪجهه وقت سڀ مــاٺ
رهن ٿا ۽ ناٿر ڏانهن نهارين
ٿا. ڪئمرا سندن چهرن
جا تاثرات ڏيکاري ٿي.
ناٿر وري چوي ٿي

.... اڄ رات ساتڻ سومل راڻي
مينڌري کي مزمانيءَ لاءِ ماڙيءَ
تي گهرايو آهي.

سڀ راڻي ڏانهن ڏسن ٿا.
راڻو پهرين ناٿر ڏانهن، ۽
پوءِ هميرَ ڏانهن نهاري ٿو.

| | |
|---|---|
| نمرتا سان | راڻو : ڪهڙو حڪم آهي، همير سائين؟ |
| ساڳيءَ طرح ڪلندي ۽ ڪنڌ لوڏيندي | ڏونئر : سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي. |
| ڪنپيرتا سان | همير : تون وڃ، ميندرا ! سوچ آخر تائين ڪتي سگهجي ٿي. |

راڻو همير جي اکين ۾ نهاري ٿو. همير هاڪار سان ڪنڌ لوڏي ٿو.

سينهڙو شوڪارو پري ٿو. — سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

راڻو تلوار ڪٺي چيلهه سان ٻڌي ٿو. لڪن ڪٺي ٿو ۽ ٿنهي سنگتين ڏانهن نهاري هاڻ لڳي ٿو.
ناٽر سندس پويان هلي ٿي.

— ڪٽ —

## سين : ۳۵

اِن ڊور. وقت : چانڊوڪي رات. هنڌ: مٿوءَ جو ورانڊو.

مومل مٿوءَ ڏي اچي ٿي.

| | |
|---|---|
| مومل کي ايندو ڏسي ڪلندي | مٿو : اڙون مومل جو مٿو آهيان ! |
| | مومل : آڙون ڪير آهيان؟ |
| | مٿو : تون؟.. تون مٿوءَ جي مومل آهين. |
| | مومل : ڇا، ڇا، ڇا چيئي ؟ |
| | مٿو : ڇو، ڇو، ڇو... ڇا چيم ؟ |

مومل ٽهڪ ڏئي ٿي.
مٿو به ٽهڪ ڏئي ٿو.

مومل – منو، ٻاهر ڇا پيوڏسين؟

منو : ٻاهر ڇا پيوڏسان؟.... ڏسان پيو ته ناتر راڻي کي وٺي پٺي اچي.

پنهنجي منهن

مومل : ته هاڻي راڻو ٻه اچي پيو. ناتر ڇوي ٿي، وڏو عقل جو اڙٻنگ آهي..... هُنهہ!.......

پانمرادو شرماڻجي، مرڪي ٿي

هوندو! ماڙيءَ تـي پهچي ته ميانس.... ۽ پڇانس تـه مومل ماڻهو کيڏي ڏکي آهي!

مومل ۽ ٻيون پٺون لهڪ ڏينديون اچن ٿيون.

ٻڪڙي پيڙهن: مومل، تون هتي آهين؟

ٻي پيڙهن: هلو ته ناتر جي جنگ ڏسون!

مومل کي ساڻ ڪري، سڀ ٿلنديون ۽ ٽهڪ ڏينديون نڪري وڃن ٿيون.

منو لهڪ ڏيئي، اهـل ڪري ٿو.

منو : هلو ته ناتر جي جنگ ڏسون!

ڪٽ.

## سين : ٣٦

اِندور. وقت : رات، چانڊوڪي. هنڌ: جنتر منتر.

راڻو ۽ ناتر ڪوٽ جي دروازي مان جادونگريءَ ۾ داخل ٿيندي ڏيکارجن ٿا. ناتر راڻي جي پويان آهي. ان وقت ڀڻڪرائيندڙ ۽ پراسرار خاموشي آهي. راڻو ٻه قدم کڻي بيهي ٿـو ۽ چوڌاري خبرداريءَ سان نظر ڦيرائي، آسپاس جو جائزو وٺي ٿو ۽ پوءِ اڳتي وڌي ٿو. اوچتو سنلس ويجهو ڪنهن پکيءَ جـي ڦڙ ڦڙ ڪري

نرڌ ۽ ان جي چيٽ جو آواز ٿئي ٿو ۽ راڻي کان چرڪ نڪري وڃي ٿو. بئنڪ سان گڏ بئنڪ گرائونڊ ۾ خوفائتي موسيقي شروع ٿئي ٿي.

ناتر نهڪ ڏيئي، راڻي جي اڳيان تئي ٿي ۽ پنهي هٿن سان وات ڏانهن اشارو ڪري اڳتي هلڻ جي دعوت ڏئي ٿي.

هوء اڳتي هلڻ لڳي ٿي ته راڻو هڪدم لڪڻ جو وڪڙ سندس ڳچيء ۾ وجهي روڪيس ٿو ۽ آهستگيء سان ڪيس پنهنجي پوئتان هٽائي ٿو.

راڻو : خسيس پانهي ٿي ڪري حاڪمن جي اڳيان ٿي هلين!.... پوئتي ٿي هل !

ناتر جي ڪل بند ٿي وڃي ٿي ۽ منهن ڦٽائي پوئتي هلڻ لڳي ٿي.

راڻو اڳتي وڌي ٿو ۽ ڪئميرا ناتر جي منهن تي راڻيءَ لاء تعريفي مرڪ ڏيکاري ٿي.

اوچتو شينهن جي گجگوڙ ٿئي ٿي. راڻو هڪدم بيهي ٿو ۽ شينهن ڏانهن نهاري ٿو. پوء پاسي واريء وات ڏانهن مڙي ٿو.

.... خبردار جو ڪا شرارت
ڪئي اٿئي!.... چپ چاپ
سهنجي پوڻان هاں اچ.

ڪيترن ئي جانورن جا گڏيل
آواز اچن ٿا. خوفناڪ موسيقي
هلندڙ آهي.

راڻو ڪجهه قدم ڪئي پيهي ٿو.
سامهون ڪيس هڪڙو پولڙو ۽
چيرو نظر اچن ٿا ۽ چيري جو
آواز پڌجي ٿــو. ڪيس هڪڙي
ٻوڙي وٽ نانگ نظر اچي ٿو.
هو انهن سڀني جانورن کي
ڏسندو رهي ٿو. پراسرار خوفائتي
موسيقيءَ سان گڏ، ڪيترن ئي
جانورن جا ڊيڄاريندڙ آواز اچن
ٿا. ناتر راڻي جـي مونجهاري
کي محسوس ڪري ٽهڪ ڏئي
ٿــي.

راڻــو : خاموش !.... بي ادب !

ناتر خاموش ٿئي ٿي.

راڻو زمين تـان ننڍڙو پٿر کڻي
پولڙي ڏانهن آڇلائي ٿو. پولڙو
ڪوبه رد عمل نٿو ڏيکاري.
راڻــو پولڙي ڏانهن همٿ سان
اڳرون ڪري ٿو. پولڙو ڪوبه
ردعمل نٿو ڏيکاري.
راڻو اڳتي وڌي پولڙي جـي

ڀيجهو ڀيهي ٿو. هو واري سان
پولڙي، ڇبري ۽ نانگ ڏانهن
نهاري ٿو.
تنهن جي ڪجڪوڙ ٿئي ٿي ۽
راٺو سامهون هڪڙي وڏي
شينهن کي ڏسي ٿو.
راٺو ڪجهه دير خبرداري سان
آسپاس ڏسي ٿو، ڏيان ڏيئي آواز
ٻڌي ٿو ۽ پوءِ آهستگي سان
قدم وڌائي پولڙي جي مٿي تي
لڪي سان ڌونڪو هڻي ٿو.
پولڙو ڪاٻه چرپر نٿو ڪري.
راٺو پولڙي جي کچي ۾
لڪڻ جو وڪڙ وجهي، چڪ
ڏئي ٿو. پولڙي جي سسي پڇي
پوي ٿي.
ناٽر جون اکيون حيرت ۽
گهٻراهٽ سان ڦاٽي وڃن ٿيون
۽ ڪئميرا سندس تاثرات ڏيکاري
ٿي.
راٺو ڪنپير لهڪ ڏئي ٿو.
خوفائتي موسيقي ۽ جانورن جا
پڙاڏا تيز ٿين ٿا.
هن ڪانپوءِ ڪئميرا تيزيءَ سان
جهنگ جي مختلف ور وڪڙ
پيچرن سان اکيتي هلي ٿي،
جتي آسپاس خوفناڪ جانور
آهن ۽ راٺي کي سپر امپوز

کري ڏيکاري ٿـي، جيڪو
ڪنهن مهل ٺهڪ ڏيئي رهيو
آهي تــه ڪنهن مهل سندس
چهري تي فتح جـي خوشي ۽
غرور جي مـرڪ آهي، ۽ هـو
ٻنهي پاسـن سندس اڳيان ايندڙ
جانورن کي لڪڻ سان ٺوڪيندو
۽ ڊاهيندو، نانگن کي لڪڻ ۾
ڦٽي ڦيرائيندو ۽ اڇلائيندو، ۽
ڪنهن مهل، مزي وٺـڻ خاطـر
لڪڻ ناٽر جي ڳچيءَ ۾ وجهي
کيس پنهنجي پويـان گهليندو،
اڳتي هلندو تــو رهي. انهن
منظرن تي موسيقي خوفناڪ مان
بدلجي پر جوش ۽ خوشيءَ واري
ٿئي ٿي.

—- ڪٽ —

## سين : ٣٧

ان ڊور. وقت: چانڊوڪي رات. هنڌ: ڪاڪ محل.

بالڪنيءَ ۾ سومل، مومل، سندن پينرون ۽ خـاص ٻانهيون ٻيٺل آهن. سيئي جادونگريءَ ۾ راڻي جي عقل ۽ بهادريءَ جو مشاهدو ڪري رهيون آهن. ڪئميرا سڀني جا تاثرات ڏيکاري ٿي.

— سومل جي چهري تي چڙ ۽ شڪست جو تاثر آهي.
— مومل جي چهري تي حيرت ۽ تعريف جو تاثر آهي.
— ٻانهين جا وات ڦاٽي ويا آهن.
— پينرون پاڻ ۾ سس ڦس ڪري رهيون آهن.

ڪاڪ محل

## سين ۽ ٣٨

ان ڊور. وقت: چانڊوڪي رات. هنڌ: جادوئي تلاءُ.

راڻو ۽ ناتر جادونگري آڪري، جادوئي تلاءُ تي اچن ٿا، جنهن جي ڀِرِ ۾ مومل جي ماڙي آهي.

راڻو : تنهنجيءَ سانئڻ پنهنجن مهمانن لاءِ ٻيڙيءَ جو بندوبست ڇو نہ ڪيو آهي ؟

ناتر ٺهڪ ڏئي ٿو ۽ ڪنڌ سان ناڪار ڪري ٿو. ساڳئي وقت راڻي ڏانهن اهڙيءَ طرح نهاري ٿو، ڄڻ تہ ڪيس ائين چوندو هجي تہ هاڻي اهو معاملو بہ حل ڪري ڏيکار.

نرميءَ سان

راڻو : ڪِل نہ پڏاهہ، تو کي ترڻ ايندو آهي ؟

نخري سان مرڪندي

ناتر : اون....هون.

سوچڻ جي انداز ۾

راڻو : ڪو ٻيو رستو آهي اڳتي وڃڻ لاءِ ؟

مرڪندي

ناتر : اون....هون.

راڻو ڪيسي مان سوپاري ڪڍي ٿو ۽ ان کي ڏسندي چوي ٿو

راڻو : هون.... تہ پوءِ ضرور ان ۾ بہ ڪا حرفت آهي.

لڪن اڳتي وڌائي ٿو

.... مون کي ترڻ اچي ٿو. آئون پاڻيءَ ۾ گهڙان ٿو، تون هن

لڪڻ کي جهلي سنهنجي پويان
هلي اچ.

چلولائيءَ سان

ناٽر : نه نه ! آئون ٻڏي پونديس !
.... هي نه تمام اونهو تلاءُ آهي!

راڻو سوپاري پاڻيءَ جي
مٿاڇري تي اڇلائي ٿو.
سوپاري پاڻيءَ تي رڙهندي
ترندي، پري هلي وڃي
ٿي.
راڻو ٽهڪ ڏئي ٿو.

راڻو : ڪيترو اونهون آهي اهو تلاءُ
.... ماپ نه ڪري ڏسون.

ماپ ڪرڻ جي انداز ۾
لڪڻ پاڻيءَ تي رکي،
ڪنڌ مٿي ڪري، راڻو
نوابي شان سان تلاءَ جي
پاڻيءَ مٿان قدم رکندو،
مومل جي ماڙي ڏانهن
هلڻ لڳي ٿو.
اهو سڀڪجهه راڻو ايڏو
تيزيءَ سان ڪري ٿو جو
ناٽر وائڙي ٿي وڃي ٿي
۽ منڊس وات ڦاٽي وڃي
ٿو.

ناٽر : اڙي....!

ڪجهه گهڙيون اکيون ۽
وات ڦاڙي بيهڻ بعد ناٽر
اوچتو تمام تيزيءَ سان
ڊوڙ پائي ماڙيءَ ڏانهن
وڃي ٿي.

ناتر جيِ ويندي، پويان زور سان

راڻــو : هاڻي وڃي پنهنجيءَ سانئڻ کي سلام ڏي ـــ ۽ چوينس تہ اسان جي آڌرڀاءَ لاءِ تيار ٿئي !

ڪئميرا راڻي کي تــلاءَ مٿان فاتحاڻي انــداز سان مومل جــي ماڙيءَ ڏانهن وڌندو ڏيکاري ٿي.

ـــ ڪٽ ـــ

## سين : ۳۹

اِن ڊور. وقت : چانڊوڪي رات. هنڌ : ڪاڪ محل جي بالڪني

مومل بالڪنيءَ ۾ اڪيلي ويٺي آهي. سندس منهن تي مرڪ آهي. ۽ هوءَ گم سم حالت ۾ سامهون راڻي کي جادوئي تلاءَ پار ڪري ايندو ڏسي رهي آهي.

هوءَ انهيءَ ڪيفيت ۾ ڪنهن مهل بيخياليءَ سان وات ۾ آڱــر ڏئي ٿي، تہ ڪنهن مهل اٿلڪي ڪل نڪريو وڃيس.

ناتر سهڪندي مومل وٽ اچي ٿي.

ناتــر : سانئڻ!....

ناتر وڌيڪ چوڻ بــدران اکيون ڦاڙي سامهون ڏسڻ لڳي وڃي ٿي، جتي راڻو تلاءَ پار ڪري اچي رهيو آهي. مومل بہ اوڏانهن ڏسڻ ۾ اهڙي ريت گم آهي جو ناتر جي اچڻ ۽ سڏڻ جي سمڪ نٿي پويس، ۽ ناتر کي ڪوبہ جواب ڏيڻ

بدران هوءَ راڻي جي اچڻ
کي چـڻ اڪيلائـيءَ ۾
ڏسي خوش ٿي رهي آهي.
اوچتو ناٽر ڪان خوشيءَ جي
ڪل نڪري وڃي ٿي.
چرڪي

مومل : ناٽر....!

ناٽــر : جي سائڻ.... سائڻ، هو ڏس،
راڻو ٽلاءَ آڪري ميڏانهن اچي
رهيو آهي !

مومل : نہ پوءِ تون هتي ڇو آئي آهين؟
وڃ، ڪيس عزت سان ستن سيجن
واري ڪوٺيءَ ۾ وٺي وڃي
ويهار....

سوچيندي، سخت چنتا سان

.... پر، ناٽر، هاڻ ڇا ٿيندو؟

ناٽــر : هـا ، سائڻ، منهنجي بہ صلاح
آهي تہ راڻي کي هاڻ وڌيڪ
پرکا ۾ نہ وجهجي.... تون ڪٿي
راڻي سان وهانءَ ڪر، سائڻ !

ناٽر کي آهستي مٿي تـي
ڌڪ هڻي، آهستي آواز ۾

مومل : چپ .... ادي سومل ٻڌي ورتو
تہ مصيبت ٿي پوندي ....
هل هتان، .... هل !

ناٽر وڃي ٿي.
مومل ٺڏو ساهہ کڻي ٿي.
-- ڪٽ --

## سين : ۴٠

اِن ڊور. وقت : رات. هنڌ : ڪاڪ محل.

راڻو ڪاڪ محل جي مختلف حصن مان هلندو ڏيکارجي ٿو.

هو شاهي انداز سان مختلف وراندن مان لنگهي ٿو. مختلف هنڌن
تي پانهيون ادب سان بيٺل آهن. مناسب هنڌن تي فانوس ۽ ڏيئا
ٻريل آهن.

راڻو ڏاڪڻ چڙهي ماڙيءَ تي پهچي ٿو.

راڻي جي اندر داخل ٿيڻ سان، ٻه پانهيون ادب سان سندس پويان
هلڻ لڳن ٿيون.

— ڪٽ —

## سين : ٤١

اِن ڊور. وقت: رات. هنڌ: مٺوءَ جو وراندو.

راڻو مٺوءَ واري وراندي ۾ اچي ٿو. ٻه پانهيون سندس پويان هلي
رهيون آهن.

راڻي کي ايندو ڏسي

مٺو : آئون مومل جو مٺو آهيان !

راڻو بيهي هيڏانهن هوڏانهن
نهاري ٿو. مٺوءَ کي ڏسي
وٽس اچي ٿو. مٺو خاموش
آهي. راڻو آهستگيءَ سان
لڪڻ جي نوڪ پيڃري ۾
لنگهائي، مٺوءَ جي ڇهنب
کي ڇهي ٿو. مٺو هڪدم
هٽي وڃي ٿـــو ۽ ٺهڪ
ڏئي ٿو.

راڻو : اڙي، تون ته سچو پچو مٺو آهين!

مٺو : آئون مومل جو مٺو آهيان !

کلندي

راڻو : تون ئي هڪڙو سچو آهين.
هتي ته شينهن به ڪوڙا آهن !

ڇم-ڇم ڪندي ، ناتر
اچي ٿي.

ناٽر کي

.... ڪٿي آهين تون، ناٽر!

ناٽر ويجهي اچي ٿي تہ راڻو
پيار مان سندس ڳچيءَ ۾
لڪڻ جو وڪڙ وجهي ٿو.

ناٽــر : ٻانهي حاضر آهي.
راڻــو : ٻانهيءَ جي سانئڻ ڪٿي آهي؟
ناٽــر : آها بہ حاضر آهــي . اوهان جو انتظار ڪري رهي آهي.
راڻــو : هل، ٿي اڳتي.
ناٽــر : خسوس ٻانهيءَ جي ڇــا مجال، آهي جو حاڪمن جي اڳيان هــلـــي !

ڪلنڊي

راڻــو : اِها اسان جي مرضي آهي.

ناٽر اڳيان ٿــي هلي ٿــي.
ٻئي ٻانهيون راڻــي جـــي
پويان هلن ٿيون.
سيني جي وچئن ڪان پوءِ
منــو اهل ڪري ٿــو ۽
ٽهڪ ڏئي ٿو.

مــنــو : اها اسان جي مرضي آهي!

— ڪٽ —

## سين : ۴۲

اِن ڊور. وقت: رات. هنڌ : ستن سيجن واري ڪوٺي.

ناٽر ۽ راڻــو ستن سيجن واري ڪوٺيءَ ۾ داخل ٿين ٿــا. سندن پويان ايندڙ ٻئي ٻانهيون بہ انــدر اچن ٿيون ۽ ادب سان مناسب هنڌن تي بيهي رهن ٿيون.

ڪوٺيءَ جي دروازي تي ٻہ ٻانهيون بيٺل آهن، جيڪي راڻي جي اچڻ تي ادب جو اظهار ڪن ٿيون.

بئڪ گرائونڊ ۾ مناسب موسيقي آهي.

ڪونيءَ ۾ ست سيجون پيل آهن، جن تي عمدا بسترا ٿيل آهن، جيڪي ڏسڻ ۾ سڀ هڪجهڙا آهن.

ڪونيءَ ۾ داخل ٿيڻ سان ناٿر جي چهري تي گهٻراهٽ آهي ۽ ڪئميرا آها ڏيکاري ٿي. هوءَ اها گهٻراهٽ سيڄن، ٻانهين ۽ راڻي ڏانهن نهاربندي ظاهر ڪري ٿي.

ناٿر سيڄن ڏانهن اشارو ڪري گهبرايل لهجي ۾ چوي ٿي ۽ انهيءَ دوران اکين ۾ گهنڊ وجهي راڻي کي خطري جو چتاءُ ڏئي ٿي. راڻو ٿوريءَ دير لاءِ اشاري جي مطلب تي ويچارڻ جي انداز ۾ ناٿر جي منهن ۾ نهاري ٿو ۽ پوءِ ڪڙيءَ سيج ڏانهن وڌي ٿو ۽ لڪ ان تي رکي ٿو. ناٿر ويندي ويندي رڪجي پوي ٿي. راڻو اوچتو تلوار مياڻ مان ڪڍي ايڏيءَ تيزيءَ سان مُڙي ٿو جو تلوار جي چنڪي سان ناٿر ۽ ٻانهيون ڇرڪي وڃن ٿيون.

راڻو سيني ڏانهن نهاري ڳنڀيرتا سان کلي ٿو ۽ پوئتي مڙي ڪڙيءَ سيج

ناٿر : اوهين هتي ويهو، سائين، ته آئون سانئڻ سومل کي چتاءُ ڪري اچان ٿي.

راڻو : آئون راجڪماري سومل سان ملڻ لاءِ بيچين آهيان.

ناٿر : آئون سانئڻ سومل کي چتاءُ ڪريان ٿي.

تي تلوار جو ڏک هڻي ٿو. سيج جي پانٺت چڃي پوي ٿي ۽ هنڌ هيٺ هليو وڃي ٿو. هو ساڳيءَ طرح ٻيءَ سيج ۽ پوءِ ٽينءَ سيج تي به تلوارسان ڏک هڻي ٿو ۽ انهن جا هنڌ به هيٺ هليا وڃن ٿا.

هڪ دريءَ جي چاريءَ پويان سومل اهو منظر ڏسي ٿي.

ڪشميرا ٻانهين جا تاثرات ڏيکاري ٿي، جيڪي حيرت ۾ آهن. ڪشميرا ناتر جا تاثرات ڏيکاري ٿي، جيڪا خوش آهي ۽ مُرڪي رهي آهي.

راڻو چوٿينءَ سيج تي ڏک هڻي ٿو، جنهن جي ڇانٺت مضبوط آهي ۽ هنڌ هيٺ نٿو ڪري. راڻو انهيءَ سيج تي ٻالم ٻڌجي ويهي رهي ٿو ۽ مُرڪندو رهي ٿو.

سومل دريءَ پويان تيزي سان هٽي وڃي ٿي. انهي دوران ٻانهين ۽ ناتر جا ڪنڌ ادب ۽ تابعداريءَ جي احساس وچان جهڪي ويا آهن.

ٻيءَ ۾ ڇڪڙي ٻانهي
ٿالهه تي رکيل ڪٽوري ۾
شربت آڻي راڻي کي پيش
ڪري ٿي.

ٻانهي : هي شربت سانئڻ سومل خاص
ڪري اوهان لاءِ موڪليو آهي.

ناتر وينديءَ وينديءَ رڪجي
پوي ٿي.

خوش مزاجي سان

راڻو : خاص ڪري مون لاءِ موڪليو
آهي؟ تہ پوءِ .... شربت بہ ڪو
خاص هوندو!

راڻو خاص انداز سان ناتر
ڏانهن نهاري ٿو. ناتـــر
ڪنڌ مٿـي ڪئي، اڻ لکي
انداز ۾، ڪنڌ کي ناڪار
سان لوڏي ٿي.

ٻانهيءَ کي

.... هي شربت موڪلائـي وڃ ۽
پنهنجيءَ سانئڻ کـي چئہ تـہ
اسان کي سومل جي ديدار جي
شربت بنا ڪنهن بہ شيءِ جي
طلب ڪانهي.

ٻانهي راڻي ڏانهن نهاري
ٿـي ۽ ادب سان ڪنڌ
جهڪائي هلي وڃي ٿي.
ناتر راڻـي ڏانهن نهاري
مرڪي ٿـي ۽ ٿڌو ساهہ
کڻي ٿي.

راڻـو : ناتر....!

ناتر جواب نٿي ڏئي، رڳو
ڪنڌ مٿي ڪئي راڻـي
ڏانهن ڏسي ٿي.

.... شربت موڪلڻ جو مقصد

آئون سمجهي ويس، پر هن
ستن سيڄن جي ڪهڙي ضرورت
هئـــي ؟

ناتـر : سائين، هائي جڏهن اوهين سڀ
ڳالهيون سر ڪري آيا آهيو،
تـڏهن ٻڌائـڻ ۾ ڪو به حرج
ڪونهي .... اِهـا هڪڙي ئي
سيڄ سلامتيءَ واري آهي، جنهن
تي اوهين ويٺا آهيو، ٻيون سڀ
ڪَچي سُٽ سان مڙهيل آهن
۽ انهن جي هيٺان کوهه آهـن،
جن ۾ زهري نانگ ۽ وڇـون
سُري رهيا آهن !

رائـو : اوه !.... ناتر، تون ڪيڏي نہ
سيالي آهين !

ناتر ڪنڌ جهڪائـي،
مرڪندي نڪري وڃـي
ٿـــي.

ڪٽ.

## سين : ۴۳

اِن ڊور. وقت : رات. هنڌ : ڪاڪ محل ۾ ٻينرن جي بيٺڪ.
سومل، مـومل ۽ ٻيون ٻينرون تخت نما ٿلهي تـي ويٺيون آهن.
ٻانهيون ادب سان اُڀيون آهن.

هڪڙي ٻين : هيءَ ناتر الائي ڪيڏانهن
مري ويئي ؟

سوچيندي، ڪنپيرتا سان

سومل : مهندري شايد شربت ٻي ڇڏيو
آهـــي .

| | |
|---|---|
| سومل جرڪ پري ٿي ۽ سومل کي چتائي ڏسي ٿي. منڊس چهري تي سخت بيچينيءَ جا آثار آهن. | ٻي پين: شربت؟.... کهڙو شربت ؟<br>سومل : ٻرڪا جو شربت.... هونئن ته هو ٻين سيني ٻر ڪائن مان پار اکري آيو هو. |
| | ٽي پين: ته پوءِ ڪنهن وڏيڪ ٻرڪا جي ڪهڙي ضرورت هئي ، ادي سومل ؟ |
| ساڳيءَ ڪنپيرتا سان | سومل : مهمان جو آڌرياءُ ته ڪرڻو ئي آهي. |
| | ٻهرين پين: اهو ڪو انصاف ته نه ٿيو، ادي ! |
| | مومل : هي تو ڇا ڪيو.... ڇا ڪيو، سومل ادي ! |
| مومل ڏانهن نهاري ، ڏکاري انداز ۾ | سومل : بس، هاڻي وڌيڪ ويچار نه ڪر. مون کي پاڻ ڏک پيو ٿئي. |
| شربت واري ٻانهي اچي ٿي. سومل جو منهن ٻهڪي پوي ٿو. ٻه-ٽي پينرون ڳڏجي چون ٿيون. | ٻانهي : راڻي شربت وراڻي ڇڏيو، سائڻ! |
| پينرون خوش ٿين ٿيون | پينرون : راڻي شربت وراڻي ڇڏيو؟ |
| ڪجهه دير سوچي | ٻانهي : ها، سائڻ.... ۽ چوي ٿو، مومل کي ملڻ بنا ڪو به ڪاڏو پيتو نه ڪبي. |
| مومل، سومل جي اکين ۾ نهاري ٿي. سومل مرڪي ٿي ۽ مومل به مرڪي پوي ٿي. | سومل : هون....<br>.... سومل، مون پنهنجي هار مڃي. هاڻ تون پاڻ وس واري آهين . |

— ٻزالو —

## سين : ۴۴

اِن ڊور. وقت: رات. هنڌ: پيٽرن جي بيٺڪ.

سڀ پيٽرون تخت نما
ٿلهي تي ويٺيون آهن ۽
ٽهڪ ڏيئي رهيون آهن.
ناٽر ڇم-ڇم ڪندي اچي
ٿي ۽ ڪو به جواب
ڏيڻ بدران نخري سان
ڪنڌ ڦيريندي، سومل ۽
ٻين جي موڊ معلوم ڪرڻ
لڳي ٿي. پوءِ فرش تي
ويهي، ٻانهن ڪاڏيءَ هيٺان
ڏيئي، سومل ۽ سومل
ڏانهن نهاريندي مرڪڻ
لڳي ٿي.

سومل : ڪيڏانهن ڪم ٿي وڃين، ڇوري!

ناٽر آٿي ٿي
سومل ڪانو ناٽر کي ڏئي ٿي

سومل : اٿي اٿي مٺي ! هيڏانهن اچ.
ناٽر : جي سائڻ !
سومل : اچي، هي ڪانو وٺ— وڃي
راڻي جي ٻانهن ۾ ٻڌ .... ۽
چوينس ته اِهو تنهنجيءَ ڀيڻ
سومل موڪليو آهي.

ناٽر خوشيءَ جا تاثرات
ڏئي ٿي ۽ لوڏ سان ٿلندي
ڇم-ڇم ڪندي هلڻ لڳي
ٿي. بئڪ گرائونڊ ۾ موسيقي
وڄي ٿي.

— ڊزالو —

## سين : ۴۵

ان ڊور. وقت : رات. هنڌ: ستن سيڄن وارو ڪمرو.

راڻو بيچينيءَ سان ٻسار پيو ڪري. ٻه ٻانهيون ادب سان حاضريءَ ۾ بيٺيون آهن. ناتر ڪلندي، خوش ٿيندي، انـدر داخل ٿئي ٿي. سنڌس ٻنهي هٿ ٻويان آهن، جن ۾ هوءَ سومل جـو ڏنل ڳانـو لڪائي رهي آهي. راڻو ڪيس ڏسي بيهي رهي ٿـو. ناتـر سندس اڳيان اچي بيهي ٿي، ۽ چلولائيءَ سان سندس منهن ۾ ڏسندي ۽ مرڪندي رهي ٿي.

راڻـو : چتاءُ ڏيئي آئينءَ پنهنجيءَ سائڻ ڪــي ؟

(ساڳيءَ ريت مرڪنديءَ ڪنڌ سان هاڪار ڪندي)

ناتــر : هون ....

راڻـو : ڇاهي تنهنجن هٿن ۾؟ ڇا ٿي لڪائين؟.... هون، مٿائي آندي اٿـئي ؟

(ناتــر ڪان ٺهڪ نڪري وڃي ٿو، ۽ ڳانو ڪڍي ڏيکاري ٿي.)

ناتــر : هون .... سائڻ موڪلي آهــي هيءَ مٿائي.

راڻـو : هيءَ مٿائي آهــي؟ چرچا ٿـي ڪرين مون سان !

ناتــر : نه، سائين، هي ڳانو سائڻ سومل موڪليو آهي اوهان لاءِ. چيو اٿس، منهنجي ياءُ مهنڌري جي ٻانهن ۾ وجي ٻڌ.

راڻـو : هون....

راڻو ٻانهن سڏي ڪري ٿو
ناٽر ڪيس گهانو ٻڌي ٿي.

.... ته سومل مون ڪي پاڻ ٻڌايو
آهي.... ڇڦبوته نيٺ آءُ مڃيائين.
.... پهلا هاڻي مون ڪي سومل
وٽ ته وٺي هل نه.

اکيتي هلڻ جو اشارو ڪندي

ناٽر : هلو سائين، اوهان ڪي سائڻ
سومل وٽ وٺي هلان.
راڻو : هل، تيءُ اکيتي.
ناٽر : نه سائين، خسيس ٻانهيءَ جي
ڇا مجال آهي جو حاڪمن جي
اکيان هلي !

لڪڻ آلاريندي

راڻو : ڏاڍي شرير آهين ! هل ، هل
اکتي !

راڻو ۽ ناٽر وڃن ٿا.

—ڪٽ—

## سين : ۴٦

اِندور. وقت: رات. هنڌ: ٻينرن جي ٻينڪ.

سومل، سومل ۽ ٻيون سيڻي ٻينرون ۽ ٻانهيون موجود آهن.

سومل : اوهان مان ڪا به چپ نه چوري
.... راڻي ڪان هيءَ پر ڪا آئون
پيڻ ٻڌجي وٺان ٿي.... هو ٻيشڪ
ڏاڍو سياڻو آهي، پر هاڻي سنڌس
اک جي سياڻپ ڏسڻي آهي....
ڏسون ته هو سومل کي ڪيئن
ٿو سڃاڻي.

ناتر ڇم-ڇم ڪندي اچي
ٿي، سندس پويان راڻو
آهي.
سومل ڇپن تي آڱر رکي
سيني کي چپ رهڻ جو
اشارو ڪري ٿي. سڀ
خاموشيءَ سان مرڪنديون
رهن ٿيون. راڻو هڪ هنڌ
اچي بيهي رهي ٿو. حيران
ٿي سيني کي ڏسي ٿو.
ناتر ٽهڪ ڏئي ٿي. سيئي
مرڪنديون رهن ٿيون.
اندر جو آواز

راڻو : انهن ۾ سومل ڪهڙي آهي؟ هي ته سڀ هڪبئي کان سرس آهن!

ناتر : پنهنجي لڪڻ کان پڇو.

ناتر ٽهڪ ڏئي ٿي
راڻو ناتر جي مٿي تي
آهستگيءَ سان لڪڻ
هڻي ٿو.

راڻو : تمام شرير آهين تون!

بئڪگرائونڊ ۾ موسيقي
جاري آهي. راڻي جي نظر
پونئر تي پوي ٿي، جيڪو
سومل مٿان گهمي رهيو
آهي.
اندر جو آواز

راڻو : ها... اهائي سومل آهي، جنهن جي لڱن جي سرهاڻ تي پونئر ڀنڀولجي آيو آهي. اهائي سومل آهي، ها.... جنهن ايڏا

ميرَ ماريا آهن، جنهن لاءِ سون
ايڏا ڪشالا ڪيا آهن. آه،
ڪيڏي نه سهڻي آهي !....

راڻي جي منهن تي مرڪ
ڇڪڙجي وڃي ٿي ۽ هو
ڪجهه دير مومل ڏانهن
تڪڻ بعد اڳتي وڌي
لڪن جو وڪڙ مومل
جي ٻانهن ۾ وجهي ٿو.
مومل شرمائجي وڃي ٿي.
پيرن جا سنهڙا ٺهڪڙا
آيرن تاءِ ٻيءِ ڪهڙيءَ
مومل ۽ راڻي جون اکيون
هڪٻئي سان ملن ٿيون .
ڪئميرا ڪٽ شاٽس ۾
ٻنهي جا تاثرات ڏيکاري
ٿي — ۽ لانگ شاٽ تي
سين ٻڙالو ٿئي ٿي.

سين ۲۷

اِن ڊور. وقت: رات. هنڌ: مومل جو خاص ڪمرو

ڪاڪ محل ۾، مومل ۽ راڻي جي وهانءَ جي خوشيءَ ۾ آتشبازيءَ
۽ ڏيئن جي، چمڪن جا ڏيک. ٻنڪ گرائونڊ ۾ خوشيءَ جي موسيقي .
— ٻڙالو —
مومل ڪنوار جي ويس ۾ سينگاريل سيج تي ويٺي آهي .
ٻه پيرون آسپلس وٺيون آهن. ٻانهيون مورڇل سان هوا پيون ڪن .
مومل، پيون پيرون ۽ ٻانهيون راڻي کي وٺي اچن ٿيون. سڀ خوشيءَ ۾
ٽهڪ ڏيئي رهيون آهن.

بئڪگرائونڊ ۾ خوشيءَ جــي موسيقي هلندڙ آهي.
پيئرون راڻي کي سيج تي ويهارين ٿيون. ڪئميرا راڻي، مومل، سومل ۽ پيئرن جــي تاثرات جــا مختلف شاٽ ڏئي ٿــي. سومل راڻي ۽ مومل کي قيمتي هار پهرائي ٿي. راڻــو پنهنجي کيسيءَ مــان هيرن جي مالها لاهي ذاتــر کي ڏئــي ٿو. ناتر ڪنڌ جهڪائي، مهربانيءَ جو اظهار ڪري ٿي.

— ڪٽ —

سين : ۴۸.

اِن ڊور. وقت: ڏينهن. هنڌ: مومل جو خاص ڪمرو.

مومل ۽ راڻو سينگاريل سيج تي ويٺا آهن. ٻه ٻانهيون ٻنهي کي مورڇلن سان هوا ڏيون ڪن. پرسان صندليءَ تــي، شربت ۽ ميوا رکيا آهن.

راڻــو : مومل، جيسين تو کي نه ڏٺو هوم
تيسين رکــو ڏسڻ جــي سڪ
هيم. سچ پڇين ته تنهنجي حسن
جــي هاڪ ٻڌي ۽ مومل جي
جادوئي ماڙيءَ کي پرکڻ جو
خيال رکي، سون ڀــڙ ۾ پير
پاتو هو. پر هاڻي جڏهن جادوئي
ڪرشمات کي مون سدا لاءِ پٺي
پورا ڪري ڇڏيو آهي ۽ تو کي
روبرو ڏٺو اٿم، تڏهن سوچيان ٿو،
تون ڪيڏي پياري، ڪيڏي
نياري آهين.... منهنجي ته دنيا
ئي بدلجي وئي آهي، مومل!
مومل : راڻا، آئون ته تولاءِ پنهنجي اندر
جي آڇل جو بيان به نٿي ڪري
سگهان. هتي ڪيئين سورما ۽

سرويچ آهيان، پر تون پنهنجي
سياڻپ ۽ جان جي جوکي سان
سوين ڪٿي آهي. . آئون ته
پاڻ کي تنهنجي ملڪ سمجهان ٿي.
رائسا !

ناٽر : اڙي .... سائين، هي شربت ته
ائين ئي پيو آهي. اوهان ته
ڪو ڦل به نه کاڌو آهي. آئون
ته هاڻي ڪير به ڪٿي آئي آهيان.

ناٽر ڇم-ڇم ڪندي اچي
ٿي، لڏندي، لمندي، نخري
سان ڪنڌ لڏو ڪندي
سومل ۽ راڻي ڏانهن ڏسي
ٿي ۽ ڪير جا ڪٽورا
رکي ٿي.

سومل : ناٽر، تون پنهنجو ڪم وڃي ڪر،
جڏهن به ڪا شي وٺندي ته
اسين پاڻهي ڪٺي وٺنداسين ....
تون هل هاڻي.

ناٽر منهن ڦٽائي ٿي.
ناٽر وڃڻ لڳي ٿي ته سومل
اچي ٿي. ناٽر ترسي بيهي
رهي ٿي.

سومل : بنهه ڪي بيهوش آهيو ٻئي ڄڻا!
نه کائڻ جو هوش، نه پيئڻ جو.
واه !

ويجهو ايندي

.... هوڏانهن منو مومل جي
وهان ۽ جي خوشيءَ ۾ ڪاڻي ڪاڻي
ڦاٽي پيو آهي، ۽ هتي اوهان کي
ڪا شي وٽي ئي نٿي.
.... پينرون ويچاريون ڌار

سومل ڪي ايندو ڏسي،
مومل ۽ راڻو اٿي بيهن ٿا.

آباڻڪيون وينيون آهن. آٺ پهر ٿيا آهن تہ نہ مومل کي ڏنو اٿن نہ راڻي کي !

ناتر کي

.... چوري، تون وڃ، وڃي ماڻي نہ ڪرائي، سڀ ڳالهيون ڄاڻي ڪائيندا سين.

پانهين کي

.... اوهين مومل ۽ مينڌري کي وٺي اچو.

مومل وڃي ٿي.
مومل ۽ راڻو هڪبئي ڏانهن مرڪي نهارين ٿا. پانهيون هڪبئي ڏانهن مرڪي نهارين ٿيون.

—ڪٽ—

## سين : ۴۹

اِندور. وقت : ڏينهن. هنڌ: منوءَ جو ورانڊو.

ناتر ٽالهي ۾ ڪٽي کڻي منوءَ وٽ اچي ٿي.

منو : آئون مومل جو منو آهيان !
ناتر : مومل جا منو، آئون ڪير آهيان؟
منو : تون مومل جي مٽي آهين.
ناتر : اچي، مومل تولاءِ هيءَ ڪٽي موڪلي آهي.
منو : ڪٽي؟ جڏهن کان مومل راڻي جو وهانءُ ٿيو آهي، ڏينهن رات ڪٽيون ۽ ٻسريون کائي کائي منهنجو تہ پيٽ خراب ٿي پيو آهي.

کلندي

ناٽــر : اڙي، تــون سانئڻ مومل جي وهاڻ ۾ جي ڪٿي به نه ڪائيندين!

مــنــو : جڏهن کان وهــاڻ ۾ ٿيو آهــي، مون ته مومل راڻي ۾ جي شڪل تي کاڻه ڏني آهي.... آئون ته بيمار ٿي پيو آهيان.

ناٽــر : چڱو، هاڻي ڪٿي نه ڪاهه.... مون کي بيو نه ڪم آهي.

مــنــو : ڪٿي ته ڪانبندس، پر مون کي ساوا مرچ نه کارائيندئين؟

ٿهڪ ڏئي ٿي .

ناٽــر : چو؟ ساوا مرچ چو کائيندين ؟

مــنــو : بيمار ٿي پيو آهيان. ٿائي کائي.... هاڻ کا دوا کپي.

ناٽر وڃي ٿي.

ناٽــر : چڱو، هاڻ تون ڪٿي ڪاهه. آئون وڃان ٿي، ڪم آهي، پوءِ وري اچان ٿي.

مــنــو : چڱــو ، پــر منهنجي دوا ســـ وسار جئين !

— ڪٽ —

## سين : ٥٠

اِن ڊور. وقت : ڏينهن. هنڌ : مهمانسراءِ.

همير، سينهڙو ۽ ڏونٽر ماني کائي رهيا آهن. سندن اڳيان طرحين طرحين طعام، ميوا ۽ شربت رکيا آهن.

سينهڙو : جڏهن کان مينڌرو ڪاڪ محل ڏانهن ويو آهي، ڏاڍا تر طعام اچڻ شروع ٿيا آهن .

ڏونئر : جڏهن کان مينڊرو ڪاڪ محل
ڏانهن ويو آهي، ناٿر به اڇڻ
ڇڏي ڏنو آهي.

سينهڙو: اڄ چار ڏينهن ٿيا آهن، راڻو
اڃا نه موٽيو آهي.

همير – الائي اسان جو يار ڪهڙي حال
۾ آهي. هن مومل ماڻي آهي
نه ڏاڍي چڱي ڳالهه آهي. اڄ
نه سياڻي اچي ويندو.

سينهڙو: ڀيشڪ، بيشڪ. پر جيڪڏهن
هو ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسي
پيو آهي ته پوءِ.... اسين هن لاءِ
ڇا ٿا ڪري سگهون؟

ڏونئر : هائو، سنگت سان صلاح ڪرڻ
ضروري آهي.

همير : منهنجي خيال ۾، اسان ٿنهي کي (سوچيندي)
گڏجي ڪاڪ محل تي ڪاهه
ڪرڻي پوندي.

سينهڙو: منهنجي خيال ۾، اسين ٽيئي
هارايل آهيون.... ۽ مينڌرو به
ہوتو نه ٻاري ها ته اسان جون
ڀهڙيون مهمانيون ڪين ٿين ها،
هتي نه ماڻهو ڦرجيو، لٽجيو،
ڪسجيو وڃن.

همير : ها، اِها ڳالهه سوچڻ جهڙي آهي.

ڏونئر : پڪ سان اِئين آهي، همير سائين!
ٻي مال مليدا اسان کي مينڌري
۽ ناٿر وٽان پيا اچن.

سينهڙو: بيشڪ، بيشڪ. پر سو،
ڪيترا ڏينهن؟ ڪيترا ڏينهن
انهن مال مليدن تي ويٺا رهندا سين.
نيٺ ته موتي به هلڻو آهي

همير : ها، راڻو جيڪڏهن مومل جي
موهه ۾ يارن کي وساري ويٺو
آهي ته پوءِ سدا خوش هجي،
اسان کي هاڻ پونتي جي ڪرڻ
ڪرڻ کپي.

ڏونئر : بلڪل، سنگت سان صلاح ڪرڻ
ضروري آهي.

همير : ڇا صلاح آهي، سينهڙا؟

سينهڙو: تنهنجي ڳالهه صحيح آهي،
همير سائين. منهنجو خيال آهي،
اڄوڪي رات مينڌري جو انتظار
ڪجي. اڄا به نه اچي ته پوءِ
سياڻي آسرو لاهي نڪري هلجي.

همير : هون، اها صلاح ٺيڪ آهي——
ٺيڪ آهي اها صلاح. هاڻي
وڏيڪ وقت ترسڻ اجايو آهي.

-- ڪٽ --

## سين : ۵۱

ڪاڪ محل ۾، مختلف وقتن ۽ هنڌن تي، مومل ۽ راڻي جا
مختلف خاموش سيڪئنس. بئڪگرائونڊ ۾ موسيقي.

※ مومل ۽ راڻو سيڄ تي ويٺا آهن. ٻانهيون مورڇل سان
هوا پيون ڪن. ناتر ڪٽورن ۾ شربت پئي اوتي. مومل
۽ راڻو هڪٻئي کي ڏسي مرڪن پيا. (ٻڌالو)

## سين : ٥٢

اِندور. وقت : ڏينهن. هنڌ: منوءَ جو وراندو.

مومل ۽ راڻو ٽيلار ڪندا، منوءَ ڏانهن اچن ٿا.

مـنـو : آئون مومل جو منو آهيان !

پري کان ڏسي

راڻـو : تون مومل جو منو آهين؟ واه واه!

مـومل ۽ راڻـو ويجهو اچن ٿا.

مـنـو : آئون مومل جو منو آهيان !

مومل : آئون ڪير آهيان، منو؟

مـنـو : تون منوءَ جي مومل آهين.

مومل : آئون ته راڻي جي مومل آهيان.

مـنـو : اِها ته نئين ڳالهه آهي.

ٺهڪ ڏيئي

راڻـو : پوءِ آئون ڪير آهيان ؟

مـنـو : تون ؟.... تون مومل جو راڻو آهين.

مومل : اِها به نئين ڳالهه آهي.

منو ٺهڪ ڏئي ٿو. راڻو ۽ مومل به ٺهڪ ڏين ٿا.

مـنـو : پوءِ ناتر ڪي ته سمجهاءِ.

مومل : ڇا سمجهايانس ؟

مـنـو : هاڻي منهنجو خيال نٿي رکي.

مومل : خيال نٿي رکي ؟ آئون هينئر ڏي وڃي ٿي دٻ پٽيانس.

مـنـو : ها.... جيئن راڻي پنهنجن يارن کي وساري ڇڏيو آهي ، تيئن ناتـر بـه مـون کي وساري ڇڏيو آهـــي .

راڻي کي اوچتو پنهنجن يارن جي يادگيري اچي ٿي ۽ ڪئميرا سنلس اِهـا ڪيفيت ڏيکاري ٿي.

راڻو : آف!.... ڏاڍي ڀري ڳالهه ٿي ،
مومل ! هي مون ڇا ڪيو؟.. .
منهنجا دوست منهنجي اوسيئڙي
۾ هوندا، پر مون ڪان ته اِهــا
ڳالهه ئي وسري وئي !
مـنـو : آهي ته هينئر گهوڙن تي سنج
پيا وجهن.... وڃڻ جي تيارين
۾ آهن .
راڻو : وڃڻ جـي تيارين ۾ آهن ؟....
مومل، مومل، مون کي موڪل
ڏي تـه آئـون ٿوري دير لاءِ
انهن وٽان ٿـي اچان. مــار....
انهن کي ته اِها به خبر نه هوندي
تـه آئون مري ڪـِپـي ويس يــا
جيئرو آهيان !
موومل : يـارن کي ڪو ائين وساريــو
آهي ؟ ترت ئي وڃي ڪين منهن
ڏيکاريو.
راڻو : منو نه پڌائي ها ته يــار سڄي
ڄمار لاءِ رسي وڃن ها !
موومل : پر.... جهٽ ورجو.

راڻو ڪنڌ سان هاڪار
ڪري مرڪي ٿو۽ موومل
به مرڪي ٿي.
ـــ ڪٽ ـــ

## سين : ٥٣

اِن ڊور. وقت : ڏينهن. هنڌ : مهمانسراءِ.

همير، سينهڙو ۽ ڏونئر مهمانن واري ٿلهي تي ويٺا آهن. راڻو کين ڪاڪ محل جو احوال ٻڌائي چڪو آهي، ان بعد ڳالهه پوري ٿي رهي آهي. سيني جي چهرن تي اطمينان جا تاثرات آهن.

سينهڙو سوپاري ڪُتر ڪري سيني کي کارائي ٿو.
ميوا ۽ شربت وچ تي رکيل آهن.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ. تڏهن چئبو ته جوڳي سچو هو. هھڙي سونهن، هھڙو ڪوس، هھڙي طلسمات، اِهي سڀ ڳالهيون جيئن جو تيئن تو ٻڌايون آهن.

راڻي کي

همير : پر ميندري کي شاباس هوءِ جو هيڏين اٽڪلن کي منهن ڏنو ٿس. سچي ۽ سنگت جو منهن مٿي ڪري ڇڏيائين.

ڏونئر : واه واه ڪري ڇڏيائين. نه ته راڄ ۾ ڏاڍي خواري ٿئي ها.

سينهڙو : خواري؟.... موئيون ٿي ڪونه ها پنهنجي ملڪ. هي ڇوريون هتي ٿي خون ڪري ڇڏين ها پاڻ سيني کي !

سڀ ڪلن ٿا.

ڏونئر : سچو آهين. تڏهن ته سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

همير : شڪر ٿيو، شڪر ٿيو ....
پــلا، ميندرا، هاڻي ڪيپ تـ.
ڪٽيسين— پوءِ تو ڪٽي تــ ـه
اسان ڪٽي.

سيهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

عمير : بيلي ، ملڪان نڪتي ٻه ڪجھ ڏينهن ٿياسين. پويان سيني ڪي ڳڻتي هوندي. هاڻي تنهنجي ڇا صلاح آهي هتان هلڻ لاءِ؟

ڏونئر : هـا، سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

راڻو منجهي پوي ٿو ۽ جواب لاءِ سوچي ٿو.

سينهڙو : اسين تـه گهـوڙا سنجي ويـٺا هئاسين. ٿوري دير نه اچين ها ته نڪري وڃون ها .

راڻـو : بس، اِهـو تـه اوهان کي ٻڌايم .... تـه طلسمات ۾ ڦاسي پيو هوس. رات وچي مسين مسين مومل تائين پڳو آهيان، ۽ صبح ساڻ اوهان ڏانهن پهڳو آهيان ، سو چڱو ٿيو جو وقت سر پهچي آيس. پر هاڻ ٻه-چار ڏينهن ته رهڻو ئي پوندو، پوءِ مومل سان پنهنجي ملڪ هلڻ جـي ڳالهه ڇوربـي.

عمير : هون. ڳالهه تـه مناسب آهـي، پـر هاڻـي جيترو جهٽ هلجي، اوترو چڱو.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ. اسـان سيني جون دليون پڇن ڏانهن تنگيون پيون آهن.

ڏونئر : چار ئـي چڱا هيڏانهن نڪري

آيا آهيون، پويان ڪنهن
خبر ئي ڪانهي ته ڪٿي آهيون.

رانو : اها ڳالهه ته آئون به سمجهان ٿو.... آئون پهرين اڄ ٿي مومل جي ڪن تي اها ڳالهه وجهان ٿو، پوءِ اوهان کي ٻڌايان ٿو....
(آئڻ جي ڪري ٿو.)
اوهان کي هتي ڪا به شي کپي ته ٻڌايو.

مينڌرو : وڏيڪ ڪنهن شيءِ جي کپ ڪونهي، تون رڳو ورڻ واري ڪج.

ڏونئر : ميوي ۽ ماني جا ڍير آهن. پر ڪنهن بي باڻهيءَ بدران ناٿر کي موڪلين ته چڱو.
(سڀ کلن ٿا.)
سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

رانو : سو ته ناٿر کي ابوهو پاڻ سان گڏ وٺي هلنداسين ....
(ملڪ جو رخ ڪندي)
پر آئون چوان ٿو، تو کي ڀي به منهن ڏيکاري رهندي.

عمير : ٿورو ويهه ته سهي، ميٺرا! توسان هڪڙي ڳالهه ڪريان.
(ڪجهه سوچيندي ويهندي)

رانو : جي، عمير سائين، ٻڌاءِ، ڪهڙي ڳالهه آهي.

عمير : مومل هاڻي اسان سيني جي اڄ آهي. هتهنجي گهر جي ... آهي....

رانو : هون.

سيھڙو : بيشڪ، بيشڪ.

ھمير : پر چار ڏينھن نہ ترسيو ٿي اھي
ھتي... سو، جيڪڏھن تون
ارھو نہ ٿئين تہ جيڪر...

راڻو : ھا ھا، چئہ، ھمير سائين، آئون
چو ارھو ٿيندس.

ھمير : آئون پانيان تہ ان وچ ۾ جيڪ
مومل کي سندس ڪاڪ محل
۾ ڏسي سگھان تہ چڱو.

راڻو ٿورو ساھہ کڻي ڪجھہ
دير سوچي ٿو.

سينھڙو : حاڪم ھمير جي مرضي ٿي آھي
تہ ان ۾ اھم ڪونھي.

راڻو : اھم تہ ڪونھي، پر....

ھمير : پر ڇا... تون نتو ڏيکارڻ گھرين
تہ پوءِ.... مڙيئي خير آھي.

راڻو : نہ نہ، ھمير سائين، اھا ڳالھہ
ڪانھي....

ھمير : تہ پوءِ ڪھڙي ڳالھہ آھي. ھونئن
بہ آئون ڪو تنھنجو ڌاريو تہ
ڪونہ آھيان. تنھنجي بيبي
منھنجي گھر ۾ آھي.

سينھڙو : مينڌرو شايد مومل جو خيال ٿو
ڪري. ائين نہ، مينڌرا؟

راڻو : ھا... آئون اھوئي پيو خيال
ڪريان تہ مومل متان اھا ڳالھہ
پسند نہ ڪري.

همير : هون.... ته پوءِ ڀلي تون مومل
کان پڇي ڏس.

(ڪجهه دير سوچي)

راڻــو : هڪڙو طريقو مون کي سمجهه ۾
اچي ٿو.

ڏونگر : طريقن جي ته تو وٽ کوٽ ئي
ڪانهي.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

همير : ها، ڀڏاءِ، ڪهڙو طريقو آهي؟

راڻــو : اصـل روپ مٽائـي ڪنهن ٻئي
روپ ۾ تو کي اوڏانهن وڃـي
گهـرجي.

همير : ڪنهن ٻئي روپ ۾؟ ڪهڙي
روپ ۾؟

سينهڙو : يعني همير سائين اُتي حاڪم
جي روپ ۾ نه هلي ـــ ائين نه؟

راڻــو : همير سائين جو مطلب آهي، مومل
کي ڏسڻ. سو اِهو سندس مطلب
پورو ٿيندو، پـوءِ ڪهڙي بـه
روپ ۾ ٿئي.

همير : ها، مطلب ته منهنجو اِهو ئـي
آهي. پر تون ٻـڌاءِ تـه سهي،
ان لاءِ ڇا ڪرڻو پوندو ؟

راڻــو : منهنجو خيال آهي، همير سائين،
تون ميهارڪو ويس ڌاري مون سان
گڏجي هـل.... ان طرح تــون
مومـل کـي ٻنهه ويجهو ڏسي
سگهندين. تـون مومل کي بـه
ڏسندين، ۽ ڪاڪ محل جـي

طلسمات جي،، تو کي خبر پوندي.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ. ڳالهه ته سوچڻ جي آهي.

ڏونئر : ها، پر سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي. — همير ڪجهه سوچي ٿو.

همير : پوءِ ڇا صلاح آهي، سينهڙا ؟ ڏونئر، تون ڇا ٿو ڀانئين؟

سينهڙو : بس، هاڻي محلات جي اندر جو احوال مينڌرو ٿو ڇاڻي. مومل ۽ سومل جي نمونن جي خبر به ڪيس ئي آهي. ضرور هن به ڪا ڳالهه سوچي اِها رٿ ڏني هوندي.

ڏونئر : هائو، مومل جي مـن جي خبر مينڌري کي.

همير : هون.... ته پوءِ ٺيڪ آهي. ڀلا ميهارڪي ويس ۾ ئي وڃي هلينر. — سوچيندي

-- ڪٽ --

## سين : ٥٤

اِن ڊور. وقت : ڏينهن. هنڌ : ڪاڪ محل ۾ باغ جو ڪليل حصو.

مومل، راڻي جي انتظار ۾ بيچينيءَ سان هلي رهي آهي.
راڻو ۽ همير اچن ٿا. همير ميهارڪي ويس ۾ آهـي. سندس مهن تي جهنڊ آهي ۽ ڪلهي تي نوڙي رکيل آهي.
راڻو همير کي اک پيجي ٿو ۽ کيس پنهنجي پويان اچڻ جـو اشارو ڪري ٿو.

راڻو کنگهار ڪري ٿو
۽ مومل منهن ورائي
اوڏانهن ڏسي ٿي.
ميهار کي ڏسي، گهبرائجي

مومل : راڻا، تون اڇي وئين، راڻا!
هي.... هي ڪير آهي، راڻا؟
راڻو : هي.... منهنجو ميهار آهي، مومل.
گهڻا ڏينهن هتي لڳي ويا ته
هن ويچاري کي گهٽي ٿي پئي
سو هيڏانهن هليو آيو.... منهنجو
پنهنجو ماڻهو آهي، مومل.
تنهنڪري هن کي وٺي آيو
آهيان هتي.

همير ميهار کي ويس ۾
جيئن ئي داخل ٿئي ٿو،
عجيب نظرن سان مومل
کي ٽڪ ٻڌي ڏسندو رهي،
ٿو. مومل به ڪنهن ڪنهن
مهل هن ڏانهن نهاري ٿي
۽ گهبراهٽ جو تاثر ڏئي
ٿي. مومل ۽ راڻو وڏي
صندل تي ويهي رهن ٿا.
ميهار (همير) بيٺو رهي ٿو.
همير گهبرائجي راڻي ڏانهن
نهاري ٿو.

مومل : ميهار آهي ته پوءِ ڀلي هتي ئي
رهي .... اسان کي ته ضرورت
آهي اهڙي ماڻهوءَ جي.

گهبرايل انداز ۾

راڻو : جي.... جي ها، جي ها، بلڪل
هي پنهنجي ڪم جو تمام چاڻو
ماڻهو آهي، مومل! هتي اسان
وٽ رهي ته ڏاڍي سٺي ڳالهه
آهي. هونئن.... هي هتي رهندو،
بلڪل رهندو.
مومل : نيڪ آهي.

ناتر کي سڏ ڪندي

.... ناترا....
ناتر : اچان پئي، سائڻ.

ناتر اچي ٿي

مومل : راڻي هي ميهار آندو آهي.
هن کي وٺي وڃ، پنهنجي پورت
تهان، هن کي ڏيکار. ڏهي وٺي

تہ پــوء وري هيڏانهن وٺــي
اچجئينس.

ناتــر : ٺيڪ آهي، سائنڻ.

همير کي — .... اچ، منهنجي پويان اچ.

رائو، همير کي اڪ پيڇي
ٿو. همير ناتر جي پويان
وڃي ٿو.

— ڪٽ —

## سين : ۵۵

ان ڊور. وقت : ڏينهن. هنڌ: وٿاڻ.

همير سيهارڪي روپ ۾ مينهن ڏهــي ٿــو. سندس منهن تــي جهنڊ هنيل آهي. هو اکيون ڦاڙي ڪنهن مهل مينهن جي منهن ۾ ڏسي ٿــو، ڪنهن مهل چونريءَ ڏانهن ۽ ڪنهن مهل ڪنڌ ورائي ناتر ڏانهن نهاري ٿو.
ناتر نخري سان هلي ڦري رهي آهي ۽ پنهنجي منهن ڳالهائيندي رهي ٿي.

ناتــر : سائنڻ وٽ سٺ مينهيون آهــن .... هيءَ پوري ٿهاڻ تــہ تمام ڀلي آهي .... ڏڪ تــي تيرهن سير کير ڏئي ٿي.... ايڏو مٺو کير، جهڙي مصري! .... رائي کي بہ هن ڀتاريءَ جــو کير وڻندو آهي.

همير کي — .... اڙي، تون هيڏانهن هوڏانهن نهارين ڇا پيو.... ڪم ڏهي بہ ٺــہ، جهٽ ڪر!

همير ناٽر جي ٽڙيءَ تي
هڪدم مينهن جي ٽٻن ۾
هٿ وجهي زور ڏئي ٿو
تہ ڪير ڄڻي سيهڙ سندس
منهن تي پوي ٿي. هو
اکيون اگهي ٿو تہ جهنڊ
سندس منهن تان لهي
پوي ٿو.
ٺهڪ ڏيندي

ناٽر : اڙي، توکي تہ ڏهائي ڪرڻ
بہ نٿي اچي ! تون ڪهڙو
ميهار آهين ؟

همير بيخياليءَ ۾ ڇڙ وڇان
منهن ورائي ٿو تہ ناٽر
ڪيس سڄائي وڃي ٿي.

.... اڙي، اڙي، هي ڇا ؟....
همير بادشاهہ !.... همير بادشاهہ!
.... آئون سانڻ کی وڃي ڏي
ٻڌايان تہ هي ميهار ڪونهي،
بادشاهہ آهي !

هڪ گهڙيءَ لاءِ همير
کي ڏسندي ناٽر ڊوڙ پائي
هلي وڃي ٿي.

ـــ ڪٽ ـــ

# سين : ٥٦

اِندور. وقت : ڏينهن. هنڌ: باغ.

مومل ۽ راڻو باغ ۾ ساڳئي هنڌ هڪ سينگاريل چبوتري ۾ ويٺا آهن. ناتر اچي ٿي.

ناتـر : سائنڻ، هو ميهار ڪونهي، هو ته همير بادشاهه آهي، ميهارڪو ويس مٽائي آيو آهي!

مومل راڻي ڏانهن نهاري ٿي. راڻو لڄي ٿي هاڪار سان ڪنڌ لوڏي، اکيون هيٺ ڪري ٿو.

ناتر کي

مومل : وڃ، وڃي همير بادشاهه کي عزت سان هيڏانهن وٺي اچ.

راڻي کي

.... اوهان کي همير بادشاهه کي هتي آڻو هو ته شان سان وٺي اچوس ها. پنهنجو دوست بڻائي وٺي اچوس ها. هن طرح بيعزت نه ڪريوس ها.

راڻـو : مون سوچيو، متان تون ناراض ٿي پوين.

مومل : آئون ڇو ناراض ٿينديس، راڻا! منهنجون ته سموريون مرضيون تنهنجي حوالي آهن. آئـون ته تنهنجي گولـي آهيان، ٻانهي آهيـان.

راڻـو : ائين نه چئه، مومل. تون منهنجن سپنن جي رائـي آهين. بس،

مون کان اِها ڀل ٿي وئي آهي،
سا بہ تنهنجي موهہ ۾.

مومل : همير کي انهيءَ هٺ تي ڏاڍي
ڇڙ آئي هوندي.

راڻو : ها، پر هاڻي تہ ڏڏو ڪير ٿئين
ڪونہ پوندو.

مومل : سندس دل مان اِهو ڪٿر ڪڏهن
بہ نہ ويندو. مون کي تہ پڪ ٿو
ٿئي.... هو حاڪم آهي، ۽ ـــ

ناٿر همير کي وٺي اچي
تـــي.

ڳالهه ڪـــي اڌ ۾ ڪٽي،
آهستي آواز ۾، راڻي کي.

.... اوهين ڪانئس معافي وٺجو.

ٻئي ڄڻـــا همير کي ڏسي
اُٿن ٿا.

هٿ ٻڌي

راڻو : حاڪم سائين، آڏون تنهنجو
ڏوهاري آهيان، مون کي معافي
ڏي.

همير ڦڪي مرڪ مرڪي
تو ۽ راڻـــي ڏانهن تکيءَ
نظر سان ڏسي ٿو.

مومل : ويس کهڙو بہ هجي، حاڪم
حاڪم آهـــي.. . هاڻي اچـــو،
اسان سان گڏجي ويهو.

ٽيئي ڄڻا ويهن ٿا.

راڻو : مومل توکي پاڻ وٽ آيل ڏسي
گهڻو خوش ٿي آهي.

مومل : پلي ڪري آيا آهيو. اوهان کي هتي جيڪو ڏک رسيو آهي، تنهن لاءِ معافي ڏيو.

ظاهري طرح کلندي.

همير : ڏک تہ حياتيءَ ۾ ايندا ئي آهن، پر هتي اچي اسان گهڻو سک ڏٺو آهي. بس، بخت جي بازي آهي.

راڻي ڏانهن نهاريندي

ناتر ميوات کڻي اچي ٿي ۽ سندن اڳيان رکي ٿي. هوءَ همير ڏانهن ڏسي زوريءَ لڙک روکي ٿي ۽ هلي وڃي ٿي.

راڻو : هٿ وڌائي، ڪجھ ڪاءِ.

همير : طلب ڪانهي. مومل جون مهمانيون تہ سدائين ياد رهنديون.

مومل : راڻي پاران آئون اوهان کان معافي ٿي پنان... حاڪم آهيو، پنهنجو وڙ ڪريو، جيڪي دل ۾ اٿو سو ڪري ڇڏيو.

همير : ٿيو ئي ڇا آهي جو معاف ڪريان. مينڌرو منهنجو دوست آهي، عزيز آهي. شال سدا سکي رهي.
.... مون کي ڇڏي نہ ايندين، مينڌرا ؟

ڪجھ دير ترسي، اُٿندي

مومل : وڃو، وڃي ڇڏي اچو.

راڻو مومل ڏانهن نهاري ٿو.
همير ۽ راڻو وڃن ٿا.

ـــ ڪٽ ـــ

## سين : ٥٧

اِن دور، وقت : ڏينهن. هنڌ : ٻيڙون.

همير، سينهڙو، راڻو ۽ ڏونئر گهوڙن تي وڃي رهيا آهن.
راڻو نوڙيءَ سان ٻڌل آهي.

— ڪٽ —

## سين : ٥٨

اِن دور، وقت : رات. هنڌ : شاهي قيدخانو.

ٻن ڪمرن واري سينگاريل جاءِ، جنهن ۾ راڻو قيد آهي. روشنيءَ لاءِ ڏيئا ٻري رهيا آهن. همير راڻي سان ملڻ آيو آهي. هو بيٺو آهي ۽ مڇ پيو وٽي. راڻو دريءَ وٽ بيٺو آهي، جيڪا وراندي ۾ کُلي ٿي ۽ هو ٻاهر ڏانهن نهاري رهيو آهي.

همير : تون پاڻ کي ٻاندي نه سمجهه، ميندرا! مون توکي ڪوٽ ۾ قيد ڪرڻ بدران هن خاص جڳهه ۾ رکيو آهي، جتي نوڪر چاڪر، کاڌا پيتا موجود آهي. تون اڃا به وزير آهين، تنهنجو مان مرتبو قائم آهي.

راڻو : ڇگو آهي اِهو مان مرتبو !.... مون توکان ڏوهه بخشايو هو. سومل پاڻ توکان معافي پني هئي. پر توکي حسد آهي مون سان. مون سومل ماڻي آهي، توکي اِهو حسد آهي مون سان.
(دريءَ وٽان مڙي، طنزيه کلندي)

همير : تون ڪجهه به سمجهين، ميندرا، آئون نٿو گهران ته تون هاڻي

مومل سان ملين !

رائـو : تہ چا، ان جو مطلب اِهو آهي،
حاڪم همير، تہ آئـون سچي
چمار هـن بند ۾ رهـي مري
ويندس ؟

همير : تنهنجي سمجهہ جـو ڦير آهي،
مينڌراءِ ڏس، آئـون توسان هن
رات وڳڙي ۾ ملڻ آيو آهيان.
ڪنهن بہ وزيـر امير کي خبر
ڪانهي.... تون منهنجيءَ ڳالهہ
تي ٿڌيءَ دل سان ويچار ڪج،
آئون وري ايندس.

وڃـڻ لاءِ مڙي ٿـو، ۽
وري بيهي ٿو.
گنڀيرتا ۽ منٿ سان

رائـو : همير سائين، آئــون مـومل جو
ڏيان پنهنجي مـن مان ڪڍي
نہ سگهندس. تون پاڻ سوچ،
هوءَ تہ منهنجو ننگ آهي، آئون
ڪيئن تـو ڇڏي سگهان مومل
کي؟.... تو پاڻ ئي تہ چيو هو،
همير سائين، تہ مومل اسان سڀني
جي لڄ آهي.

تکائيءَ سان

همير : تڏهن تون ان جي اڳيان مون کي
لڄي ڪيو هو؟ تـو پنهنجي
حاڪم کـي زال ذات اڳيان
ڪوجهو ۽ بـي مانو ڪيو ....

هلي ٿو

مون کان ڪڏهن بہ نہ وسرندي
اهـا بيعزتي ـــ ڪڏهن بہ نہ
وسرندي !

راڻو : مون توکان اڳي ئي معافي ورتي آهي، همير سائين، ۽ هاڻي به وٺان ٿو. مون گهڻو پڇتايو آهي. تون مون کي ڇڏ ته وڃي مومل سان ملان.

همير جي اکيان اڇي

همير : مومل جو ڌيان دل مان ڪڍي ڇڏ، مهندرا ! هاڻي تون ڪڏهن به ڪاڪ جا وڻ نه ڏسندين ! .. . چڱو، آئون وري ايندس.

هلڻ لاءِ مڙي ٿو.

همير ڪمري کان نڪري وراندي مان هلي ٿو، جتي پهريدار نيزا کڻي بيٺا آهن.

راڻو : مومل مون کان سواءِ ڏاڍي اٻاڻڪي هوندي، همير سائين ! .... مومل ڏاڍي پريشان هوندي!

راڻو وراندي جي دريءَ تي اچي ڇُهي ٿو.

همير وڃي ٿو.

-- ڪٽ --

## سين : ٥٩

ڪاڪ جي آجڙي وچ جا ڪجهه شاٽ.

* ڪاڪ نديءَ جي ڪناري تي واريءَ جو اڏامڻ.
* مهمانسراءِ واري ٿلهي جي ويراني.
* جادو نگريءَ جون قتل واڻون، وغيره.

بئڪگرائونڊ ۾ بيت تحت اللفظ پڙجي ٿو.

جت راياڻين راڻن ڪي،
چندن چڙڪ ڪري،
هاڻي آنهين پيٽيين،
ورهه وراڪا ڏئي،
سوڍو سڄ ڪري،
مومل ماري هليو.

— ڪٽ —

سين : ٦٠

اِن ڊور. وقت: رات. هنڌ: مومل جو ڪمرو.
مومل چوڌريءَ ۾ راڻي جي اوسيئڙي ۾ ويٺي آهي.
ڪئميرا سندس پويان آهي. پروفائيل ۾ ڏيو ٻري رهيو آهي.
ڪمري ۾ ميوا، شربت ۽ ڪاڏا پيتا رکيل آهن.
بئڪ گرائونڊ ۾ بيت تحت اللفظ ٻڌجي ٿو.

ڪڪر ڳهٽا ڳهائيا،
پاڻان لڳس ڳهاءُ،
مينڌري ملاءِ،
لڳس ڪان ڪپار ۾.

بيت پوري ٿيڻ تـي، مومل دريءَ تان مڙي ٿي، ۽ واڻي ڪاڻجي ٿـي. مومل بيقراريءَ جـا تاثرات ڏيندي ڪنهن مهل اٿي ٿي، ڪنهن مهل ويهي ٿي، ۽ ڪنهن مهل دريءَ وٽ بيهي راڻي جي واٽ ڏسي ٿي.

آءُ راڻا، رهه رات،
تنهنجي چانگي ڪي چندن چاريان..

وانـي ختم ٿيڻ تـي مومل سيج تي
اونڌي منهن ڪِري ٿـي ۽ سڏڪا
ڀري ٿي.

— ڪٽ —

## سين : ٦١

اِن ڊور. وقت: ڏينهن. هنڌ: ڀينرن جي بيٺڪ.

مومل ۽ ڀيون ڀينرون ويٺل آهن. ٻانهيون باادب آيون آهن.
ڪئميرا ناتر کي اندر ايندي ڏيکاري ٿي.
ناتر جي پيرن ۾ ڇير ڪانهي. سندس وار ڪنبريل آهن ۽
صورت مغموم آهي.

روئڻهارڪي انداز ۾ — ناتـر : سانئڻ مومل نه کائي ٿي نه پيئي ٿي. ڳالهايانس ٿي ته، چڙٻيون ٿي ڏئي. چوي ٿي، مون کـي ڇڏي ڏيو ـــ مران يا جيئان، تنهن ۾ اوهان جو ڇا!

ٻئي هٿ مٿي تـي ڏيئي،
فرش تي ويهي ٿي رهي.

هڪڙي ڀيڻ: ٻارهن مهينا ڦري آيا، راڻو نه آيو. مومل جي حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي وڃي.

ٻي ڀيڻ: سڪي ڪنڊا ٿي وئي آهي. نه ڏينهن جو آرام اٿس، نه رات جو. صبح شام راڻي جي تـات اٿس.

ٽي ڀيڻ: ڪنهن جو چوڻ به نه ٿي مڃي.

روڻهارڪي آواز ۾

ناٽــر : منهنجو چوڻ به نٿي مڃي !

چوٿين ڀيڻ: سيني کي چنتا ۾ وجهي ڇڏيو اٿــس .

ٿڌو ساهه ڀري

سومل : قاصد موٽي آيا آهن. راڻي کي همير بادشاهه باندي بڻائي ڇڏيو آهــي. سندس ڇوٽڪاري جـو ٿڪڙو آسرو ڪونهي.

ٻهرين ڀيڻ: تون ڪا نه ڪا ترڪيب ڪڍ، راڻي کي ڇڏائڻ جي ، ادي ! تون ٿي ته اسان ۾ ڏاهي آهين. اٿين ته سومل مري ويندي !

سڏڪي ٿي

ناٽــر : سومل جي اِها حالت اسان کان ڏٺي نٿي ٿئي.

سومل : سومل جـي چنتا سـچ پچ تـه مـون کي جهوري وڌو آهــي. سمجهه ۾ نٿو اچيم ته ڇا ڪريان.

ڪجهه ترسي

هڪڙو ٿي آپاءُ هوـــ ته پنهنجي ملڪ ماٺيلي ڏانهن موٽي هلجي.

ٻي ڀيڻ: ها، شايد ان طرح سومل جي من کي ڪو آرام اچي.

ٽي ڀيڻ: هونئن به ، هاڻي اسان جي هتي رهڻ لاءِ ڪو سبب ڪونهي.

آٿندي

سومل : پر ڇا ڪجي. سومـل ان لاءِ پير ٿي نٿي ڀري. ڪيس آسرو آهي ته راڻو ڪڏهن نه ڪڏهن ڪاڪ ڏانهن موٽي ايندو.

ناٽر به آٿي بيهي ٿي .

ناٽــر : ها، سانڻ ته چوي ٿي، آئون ڪاڪ ڏٺيءَ جو انتظار مرڻ گهڙيءَ

تائين ڪنديس.

سومل : دل ته منهنجي به ائين ئي چوي ته ميندرو موٽي اوس ايندو. پر هينئر ته هو واڳوڻ جي وات ۾ آهي.

ٻونرن کي .... اوهين ڪيس سمجهايو ته جيستائين ميندرو موٽي اچي، تيستائين پاڻ کي اجايو هلاڪ نه ڪري.

ناتر کي .... تون وڃ، ناتر، ڏس، ڪو مانيءَ گراهه کائي ته چڱو. آئون به پويان اچان ٿي.

تڏو ساهه پيري ٿي.

— ڪٽ —

## سين : ٦٢

اِن دور. وقت : ڏينهن. هنڌ : منوءَ جو وراندو.

ناتر کي ايندو ڏسي

منو : آئون مومل جو منو آهيان !

ناتر : ڏس، منو، آئون تڪڙي آهيان. وري اچان ٿي تو وٽ، هان.

منو : ٻڌ ٻڌ.... پلا راڻو آيو آهي ؟

ناتر : نه، منو، هو ايندو ته ٻهرين تو وٽان ٿي لنگهندو نه.

منو : متان ننڊ اچي وڃيم. ٻن راتين جو اوجاڳو اٿم.

ناتر : تون پلي سمهي رهه. آئون

ٻڌائيندي‌س ٽوڪي.

منو : مومل راڻي سڄي رات جاڳي ٿي، مون کي ٻه ننڊ نٿي اچي. آئون سڄي سڄي رات مومل جا سڏڪا ٻڌندو آهيان.

ناتر : بس، منو، تون دعا ڪر ته راڻو جلد موٽي اچي. ڀلا تولاه زيتون ڪٿي اچان، ڪائيندين ؟

ڏاڍو ساه پري هلي ٿي. وري بيهي ٿي.

منو : سڀ شيون انهن ٻيون آهن، ٻک ٿي مري وئي آهي، ڪجهه وڻي ٿي نٿو.

ناتر : ڪجهه نه ڪجهه کاءُ، ڪجهه آرام ڪر. آئون وري اچان ٿي، هان.

ناتر وڃڻ لڳي ٿي.

منو : ٻڌ ٻڌ، مون کي مومل وٽ وٺي هل. ڪيترن ڏينهن کان مون وٽ آئي ڪانهي.

ناتر : هينئر نه، منو، سانڻ مس مس ستي آهي.

ناتر وڃي ٿي

ڪٽ

سين : ٦٣

ان ٻور. وقت: ڏينهن. هنڌ: همير بادشاه جي دربار.

فرشي نشست تي طول وهاڻن کي ٽيڪ ڏيئي، وچ تي همير بادشاه ۽ پاسن کان سينهڙو، راڻو، ڏونئر ۽ ٻيا ڪجهه درباري ويٺا آهن. خذمتگار ادب سان آيا آهن. سينهڙو سوپاريءَ جي ڪتر ڪري رهيو آهي. راڻو ڪنهن خيال ۾ گم ويٺو آهي.

*راڻو ڳنڀيرتا سان، ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺو آهي.*

همير : مينڌرا، تون نه ڀانءِ ته مون کي
توله کو به ڪٿڪاءُ ڪونهي.
تون منهنجو وڏو وزير آهين،
۽ منهنجو عزيز به آهين. تون
هن ولايت ۾ سڀ کان سياڻو
۽ سوڀارو ماڻهو آهين. هاڻي
جيڪي ٿيو، سو ٿيو. مون کي
پڪ آهي ته تون گڏريل ڳالهيون
وساري اڳتي جو ويچار ڪندين.

سينهڙو : مينڌرا ٻڌين پيو ؟

*راڻو ٽڏو ساهه پري ٿو ۽ سينهڙي جي ڳالهائڻ تي چرڪ پري ٿو.*

راڻو : هون....؟

سينهڙو : حاڪم سائينءَ جي دل تي وڏو
ڪتر هو، پر هاڻي سڀ خير
ٿيو. گذريءَ کي ياد نه ڪبو.

هڪڙو درٻاري: بس، هڪڙي مهل هئي،
سا آئي ۽ هلي وئي.

ڏونئر : هائو، مهلون به مڙسن تي ايندڀون
آهن.

*ڳمڀير انداز ۾*

راڻو : هون.... مهلون مڙسن تي ايندڀون
آهن.

همير : اڻون نوڪان ڪو به ٻول وچن
نتو ڪهران، مينڌرا. سچيءَ سنگت
وچ ۾ پنهنجي توکي ٻاهر آندو آهي،
خاص ڪري سينهڙي ۽ ڏونئر
ڪهڙو زور رکيو هو، تنهنڪري

اهي جوابدار رهندا.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

راڻو : سينهڙي ۽ ڏونئر جا ٿورا نه ٿورا، اوهان جا وڏا وڙ، سڄي سنگت جا لک احسان...
باقي ڳالهيون پوءِ نين نه ڇڱو، منهنجي مٿي ۾ ڏاڍو سور آهي، موڪل ڏيو ته جيڪر وڃي آرام ڪريان.

همير : ائين؟

ڏونئر : سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

همير : ته پوءِ اڳوپو سڀ تا آتون. وڏيڪ ڪچهري سڀاڻي ڪنداسين.

همير اٿي ٿو. ٻيا به اٿن ٿا.

— ڪٽ —

## سين ۶۴

اِن ڊور. وقت: رات. هنڌ: راڻي جي حويلي.

راڻو ۽ ريباري، راڻي جي حويليءَ ۾ ڪنهن ڳوشائتي هنڌ ڳالهائي رهيا آهن.

ريباري: ها، سوڍا سائين، ٻنهنجي وڪ ۾ هڪڙي ڪوٺيا آٿس اهڙي آهي، جهڪا پنجن راتين جو پنڌ هڪڙيءَ رات ۾ ڪٽائي ٿي.

راڻو : پنجن راتين جو پنڌ هڪڙيءَ رات ۾ ڪٽائي ٿي! اهڙي ڀلي آهي؟

ربباري: پلي !.... ڌاڙي گهوڙي جي جاءِ
ناهي. اهڙي ڇُڙڪ ۾ سَرلي
آهي جو مجال آهي ڪو جهاپو
کائي.

راڻــو : ته بس، پوءِ .... اها پلاڻي تيار
ڪر. مون کي هينئر ئـــي کپي.
رات جي پيٽ ۾ ڪاڪ پهچڻو
اٿم ۽ وري پرهه ڦٽيءَ کان اڳ
موٽي هتي اچڻو اٿم.

ربباري: آئون وڃي تو اَٿ ـ تــي پاڪڙو
وجهان. اوهين سومهڻيءَ مهل
آترئين دڳ تي پهچي وڃـــو.
آئون اوهان کان اڳ آتي بيٺو
هوندس.

راڻــو : نيڪ آهي. پر ٻڌ، پنهون، همير
حاڪم يا ٻئي ڪنهن ٻني بشر
کي اِها سٽس نه پوي !

ربباري: سوڍل سائين، اوهان جـــي ٻَنيي
جا پانها آهيون، اوهان جي گهر
جو ليمڪ پيٽ ۾ اٿئون. ڪو
ڪنڪوئي نه ڪريو. پهرين سر
منهنجو، پوءِ اوهان جو.

راڻــو : چڱــو، هاڻي تــون وڃ، آئــون
پهچي وينلس.

هٽ ٻڌي

ربباري هلي ٿو. راڻيءَجي
منهن تي مرڪ تري اچي
ٿي.

— ڪٽ —

ڪاڪ .محل

## سين ۽ ٦٥

آئوٽ ڊور. وقت : چانڊوڪي رات.

راڻو اُت تي چڙهي ڪاڪ ڏانهن وڃي رهيو آهي.
لانگ شاٽ شيڊو ۾، اُت جو پٺن تي ڊوڙڻ ڏيکارجي ٿو.
سين هلندي، بئڪ گرائونڊ ۾ موسيقي آهي ۽ هي بيت تحت‌اللفظ ٻڌجي ٿو:

ڪرها ڪارڻ ڪاهه، تو ڪي ڏئين ڏاريو،
ساري ڏيج سيد چي ، لڏبالي تان لاهه،
مقابلو مومل سين ، ٿيندو سنجهه صباح،
سوڍي‌جي‌ءَ صلاح، ڪتو نرچرندين‌ڪاڪ‌جا.

— ڪٽ —

## سين ۽ ٦٦

اِنڊور. وقت : رات. هنڌ: منوءَ جو ورانڊو.

راڻو منوءَ جي ورانڊي مان لنگهي ٿو.

راڻي جي اچڻ جو کڙڪو ٻڌي، ڪمزور آواز ۾ — منو : آئون مومل جو منو آهيان !

پري کان راڻي کي نه سڃاڻندي — .... هون ! ڪير آهي ؟ ڪير آهـــي ؟

راڻي کي ويجهو ڏسي، سڃاڻي — .... اڙي، اڙي، اڙي، راڻـو !
.... راڻو! راڻا، تون اچي وئين،
راڻا ! تـون ڪٿي هئين هيترا

ٿهڪ ڏئي ٿو — ڏينهن ؟.... اڙي، آئون ته ڪالي
بہ نٿو سڃهان .... الا، ڏاڍو

کمزور ٿي ويو آهيان نه،
ٺهنڪري.... توسان ڪِٿي آهي
رانـا، تـوسان ڪِٿي آهـي !
توسان ڪِٿي آهي !

راڻو منوءَ وٽ اچي ويهي
ٿو ۽ آڱر وات تي رکي
منوءَ کي خاموش رهڻ جو
اشارو ڪري ٿو.

رازداريءَ جي لهجي ۾
.. . راڻا، راڻا، مومل راڻي ڏاڍي
ناچاڪ آهي.
راڻـو : ناچاڪ آهـي ؟ مومل ناچاڪ
آهـــي !

راڻـو ٽڪڙو ٽڪڙو اندر
ڏانهن وڃي ٿو.

پويـان منو وڏي آواز ۾
رڙيون ڪري ٿو.
مـنـو : راڻو اچي ويو!.... راڻو اچي ويو.
.... راڻو اچي ويو!....

— ڪٽ —

## سين ۶۷

اِن ڊور. وقت: رات. هنڌ: مومل جو ڪمرو.

مومل پنهنجي ڪمري ۾ سيج تي اڪيلي پئي آهي. ڪيس وکري
وکري ويئي ننڊ اچي وئي آهي. بئڪ گرائونڊ ۾ منوءَ جو آواز اچي
رهيو آهي.

آواز تي مومل جي اک کلي پوي ٿي، ۽ هوءَ منوءَ جي آواز
سمجهڻ جو تاثر ڏئي ٿي. پوءِ هوءَ اوچتو خوشيءَ وچان ٽپ ڏيئي

دروازي ڏانهن وڌڻ لڳي ٿي. دروازي وٽ اچي هوءَ رڪجي بيهي رهي ٿي. سندس چهري تي ڪاوڙ جو، پوءِ بيوسيءَ جو، ۽ وري خوشيءَ جو تاثر اچي ٿو. سندس منهن تي مرڪ اچي ٿي ۽ هوءَ شرمائجي وڃي ٿي.

بئڪ گرائونڊ ۾ سندس اندر جو آواز اچي ٿو.

مومل: نه نه، آئون نه ڪالهائيندس توسان .... آئون توسان ڪاوڙيل آهيان .... ڏس نه سهي، منهنجي ڪهڙي حالت ٿي آهي!.... آئون سڄي سڄي رات تنهنجي اوسيئڙي ۾ والون پئي نهاريندي هيس .... تون ڪٿي هئين هيترا ڏينهن، راڻا؟.... تو مون کي ڪيئن وساريو، راڻا؟.... تو مون کي ڪيئن وساريو!.... ڪيئن وساريو!....

مرڪندي سندس اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي اچن ٿا. هوءَ چپ ڀڪوڙي روئڻ کي روڪي ٿي، ۽ اوچتو کلڻ جي ڪوشش ڪندي ڪانئس اوچنگار نڪري وڃي ٿي، ۽ هوءَ دروازي تي منهن ٽڪائي سڏڪا ڀرڻ لڳي ٿي. بئڪ گرائونڊ ۾ پيرن جي لهڪڻ جا آواز ڀري ڪان ويجهو ايندا ٻڌجن ٿا ۽ مومل جا سڏڪا انهن ۾ گم ٿي وڃن ٿا.

— ڪٽ —

## سين ۶۸

اِن ڊور. وقت: پرهه ڦٽي. منڊ: مومل جو ڪمرو.

مومل ۽ راڻو سيج تي ويٺا آهن. ٻئي ڇڙا ڪرسمر حالت ۾ هڪٻئي جي اکين ۾ نهاري رهيا آهن. بئڪگرائونڊ ۾ موسيقي هلي رهي آهي.

ڪئميرا شروع ۾ ٻنهي جا ڏار ڏار ۽ گڏيل شاٽ ڏئي ٿي. پوءِ راڻي جي ڪلوز تي، سندس آواز ۾، هي بيت اوورلئپ ٿئي ٿو:

"اکين ۾ تي ويهه، ته آئون واري ڏڪيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه، آئون نه پسان ڪي پيو."

مومل جي ڪلوز تي، سندس آواز ۾، هي بيت اوورلئپ ٿئي ٿو:

"وسن ۽ وهسن، ڏيهاڙي ڏسڻ لئه،
جڻن جڻن پرين پسن، تن تن نشا نيڻن جا."

ٻئي ڇڙا ساڳيءَ ريت هڪٻئي ڏانهن لڪ ٻڌي ڏسندي، هلڪي نموني مرڪن ٿا. بئڪ گرائونڊ ۾ ڪڪڙ جي ٻانگ ٻڌجي ٿي.

راڻو آهستگيءَ سان ڏيان هٽائيندي، دريءَ ڏانهن نهاري ٿو.

تڏو ساهه پري — راڻو : هان .... صبح ٿي ويو آهي.

تڏو ساهه پري — مومل : ها .... پره ڦٽي وئي آهي.

ٻئي چٽا هڪٻئي ڏانهن مرڪي نهارين ٿا.

۱

راڻو : سڄي رات اکين ۾ گذري وئي، پر ائين ٿو لڳي، ڄڻ نه اڃا هاڻ ٿي هڪٻئي کي ڏٺو اٿئون.

آئندي — مومل : تڏهن ته، ڄڻ ته ڪو صدين تي پکڙيل خواب ڏٺو اٿئون.

آئندي — راڻو : ها .... زندگي به ڄڻ ته ڪو خوابن جو شهر آهي.

ٻئي چٽا هڪٻئي جي اکين ۾ گهوري مرڪن ٿا. — مومل : اِهو ته نينهن وارن جي نگاهن جو اثر آهي.

مومل دريءَ وٽ اچي ٿي ۽ آسمان ڏانهن تڪيندي رهي ٿي. راڻو به سندس پٺيان دريءَ وٽ اچي بيهي ٿو.

تڏو ساهه پري — مومل : هيءَ ٿڌڙي هِير ڪيڏي نه سِهائيندڙ آهي!

تڏو ساهه پري — راڻو : تنهنجن وارن جو واس اِن کان وڌيڪ لُڀائيندڙ آهي!

مومل : هي وشال آڪاس، هي پکين جون منڙيون لاتيون، هي هوا جي هنج تي ڪجهي ايندڙ سرهاڻيون .... زندگي ڪيڏي نه سهڻي آهي، راڻا!

دريءَ تان مڙي، هلڻ لڳي ٿي. راڻو به پٺيان هلي ٿو.

ٿي ڏانهن مڙندي

(بيهن ٿا)

راڻــو : اهي سڀ تنهنجيءَ الفت جا اهڃاڻ آهن، مومل !

(تڏو ساھ کڻي ، آداسائيءَ ســان.)

.... دل تہ چاهي ٿي تہ هرگهڙي تنهنجو قرب ماڻيندو رهان ، پـر ....

مومل : پر ڇا ؟

راڻــو : هاڻي آئون توکان موڪلائيندس، مومل. مون کي وقت سر موٽي پهچڻو آهي.

(مغموم ٿي)

مومل : اچـــا هينئر ٺـي تہ آيو آهين، سوڍا، وري وڃڻ جي وائي پيو وارين !

راڻــو : ڇري، هاڻي تہ هرڪنهن رات آئون تو وٽ هوندس. ڏس نہ ، حاڪم جي ڏمـر کي بہ ڏسڻو آهي. ڪجهہ وقت کان پوءِ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.

مومل : مون کي ان ڳالهہ جو تڏهن ئي پڪ ٿيو هو ، جڏهن تـون همير کي مون وٽ ڪوجهو ڪري وٺي آيو هئين.

راڻــو : تون ايڏي سهڻي آهين، مومل، جو آئون ڪنهن تـي بہ ڀروسو نٿي ڪري سگهيس.

مومل : پـر توکي مون تي تـہ ڀروسو ڪرڻ کپي ها.

راڻــو : تنهنجي ٺي تہ ڀروسي تي ائين ڪيو هوم.... پر هاڻي، جيئن بہ

تيو، تون کي به اجازت و موٽ
نه ڏيڄ... منهنجي موٽ جي
مهل تي وڏي آهي، هاڻي موڪل
ڏيئي.

راڻو دروازي ڏانهن هلي ٿو

مومل : آئون تنهنجو انتظار ڪنديس،
راڻا ! منهنجو روح تنهنجي
رهاڻ لاءِ واجهائيندو رهندو.

مومل دروازي تائين وڃي،
بيهي رهي ٿي.

.... ڏس، راڻا، مون کي ڏهاڳ
جو حرف نه ڏج !

راڻو : ڪهڙيون ٿي ڳالهيون ويچارين،
چري ! اهڙا آلڪا ڪڏهن چڏ
دل مان.... آئون ايندو رهندس
تو وٽ.

راڻو دروازي تي بيهي
مومل ڏانهن مڙي
نهاري ٿو. مومل به مرڪي
ڪنڌ سان هاڪار ڪري
ٿي. راڻو پوئتي مڙي،
ڏسندو، نڪري وڃي ٿو.

— ڪٽ —

## سين : ٦٩

آئوٽ ڊور. وقت : رات. هنڌ : ريگستان.

بئڪ گرائونڊ ۾ موسيقي هلي ٿي. راڻي کي آٿ تي ڪاڪ ڏانهن ايندي ۽ وري ڪاڪ ڪان موٽندي، مناسب بيرا ڏيکارجي ٿو. انهيءَ سين تي هيٺيان خاموش منظر سُپر امپوز ٿين ٿا.

مومل ۽ راڻو سيج تي ويٺا، کِلي ڳالهائي رهيا آهن.

مومل ۽ راڻو چبوتري ۾ ويٺا، چانڊوڪي رات ۾ تهڪ ڏيئي رهيا آهن.

مومل ۽ راڻو باغ ۾ پسار ڪري رهيا آهن.
مومل ۽ راڻو درياءَ وٽ ويهي چانڊوڪيءَ جو مزو وٺي رهيا آهن.
مومل ۽ راڻو چوپڙ راند ڪڏي رهيا آهن.
مومل ۽ راڻو هڪٻئي جي اکين ۾ نهاري مرڪي رهيا آهن.
مومل باغ ۾ پيرن ۾ ساهيڙين سان گڏ پينگهه پئي لڏي ۽ سڀ ٺهڪ ڏئي کلي رهيون آهن.
مومل ۽ راڻو سيپي پيرن جي وچ ۾ ويٺا آهن ۽ خوش ٿي کلي ڳالهائي رهيا آهن.

## سين : ٨٠

اِن ڊور. وقت: رات. هنڌ: راڻي جي حويلي.

راڻو ۽ ريباري، خلاصگيءَ ۾ رازداريءَ سان ڳالهائي رهيا آهن

هٿ ٻڌي ريباري: سوڍل سائين، اِها ڳالهه مون کان ڪري نه پائنچ. الائي ڪيئن وڃي حاڪمن کي سڌ پيئي. مون کي پاڻ سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڳالهه ڪي واءُ ڪيئن آيو.

راڻو : هون.... ته همير حاڪم گهڙيا آنڻ کي پيرن ۾ ڪير هڻائي منڊو ڪرائي ڇڏيو آهي ، اِن لاءِ ته جئن اُٺون ڪاڪ نه وڃي سگهان.

ريباري: ڳگدام ساڻ، وڏو ناحق ٿيو آهي. گهڙيا جهڙي آنڻ ولايتن جي ڪنهن وڳ ۾ ڪانه جڙندي.

راڻو : پنهون، تون اسانجن ريبارين ۾ سڀ کان جهونو جوڳي آهين.

ھنيءَ کا سچائي ڏيکار، مون کي
کنھن نہ ريت دڳ تہ چاڙ .
ريباري: مون کي ويچار ڪرڻ ڏ .
.... ھا، انھيءَ ... سو
گڏيل آھي پنھنجي ... ۾.
نولو آھي، پر ... ۾ مانس
کان وترو آھي . چوين تہ انھي
کنوات کي مھار وجھي پلائي
اچــاز .
ڪجھ دير سوچي
راڻــو : وارو ڪر، دير نہ ڪر، پيچ،
ھينئر ئـــي وڃ، پنھون! انھيءَ
کنوات کي ڪاھي اچ، آئون
دڳ ني ھلي تو بيھان .
ريباري: آئون چاڻ پھتس، بچين ! پـر
پارت ائٿي . اسين تنھنجا مائھو
آھيون، متان توکي سمڪ ٿي
نہ پوي ۽ ھمير بادشاھہ منھنجو
جھڙ پچو ناس ڪراڻي ڇڏي !
ويندي ويندي رڪجي
راڻــو : تـــون ڪو بہ ڪنڌ ... نہ ڪر،
پنھون . ھمير جھڙ ڏھن مارائڻ
تي آيو تہ مون کي مارائيندو .
ريباري: ھونئن تہ ... انئيز ... ، راڻل!
ذات ريباري تہ ... نالي تان
گھوري ... پــر ... ھوندس تہ
تنھنجي ڪم ... ن ... چڱو،
آئون ھلان ... وڃي تو ڪ وات
کي ڪن ۾ ڦوڪ ڏياز .
ھلندي

ڪالڌي

ڪاب ۾ ريباري بہ ڪلي
دو ۽ رڃي دوه
پهنجي منهن، گنيپرتا سان

راڻــو : چنجهنس تہ ڪاڪ ۾ هلي چندن
چرندين، ڪنول ۽ پيئون ٻـڌندين.

.... پيرو ناهي پيڄڻو
سانگو ناهـي ڪرڻو ــــ تاڻــو
ناهي ٽرڻو.
.... مهل ڪنهن بہ ريت ساهاڻي
آهي، موسل سان ريت رهائڻي
آهــــي !

ـــ ڪٽ ـــ

## سين : ١٨

آئوٽ ڊور. وقت : رات.

راڻو ۽ ريباري هُشايل اُٺ وٽ بيٺا آهــن. راڻو منهن تــي جهُنڊ هڻي ٿو. ريباري راڻي کي اُٺ تي سوار ڪري ٿو ۽ مهار سندس هٿ ۾ ڏئي ٿو. اُٺ اُٿي ٿو ۽ راڻــو ان جي واڳ ڦيرائي ٻـِـي واري هٿ کي مٿي ڪئي ريباريءَ کان موڪلائي ٿو.
بئڪ گرائونڊ ۾ هي بيت تحت اللفظ ٻڌجي ٿو:

”ننڊو تان ڪوهہ، پر وڪين آهي وترو،
وڃڻو ڪاڪ ڪنڌين ۾، پهس پکيءَ جئن پوءِ،
اِن ڪَر سندو ڪوءِ، مَيو مانو نہ ٿئي.“

ـــ ڪٽ ـــ

## سين ۲ ـ

اِن ڏور. وقت : رات. هنڌ : شاهي قيد خانو.

راڻو نظربند آهي. همير سانس ملڻ آيو آهي. همير ويٺو آهي ۽ راڻو بيٺو آهي.

همير : تون سڄيءَ دنيا مان دوکو ڪري سگهين ٿو، پر اُنهن ڪي نٿو ٺڳي سگهين، سوڍا، جيڪي ڪاڪ ۾ تو سان گڏ هئا! آتي جي رت - ورني مٽي ۽ ان جي سڳنڌ پلا آئون ڪيئن نه سڃاڻندس؟

راڻو : ڪاڪ جي مٽي ۽ سڳنڌ تون سڃاڻين ٿو ته پوءِ تو کي اِهو به ڄاڻڻ کپي، حاڪم سائين، ته منهنجي انگ انگ ۾ ان جو رنگ ۽ منهنجي وڻ وڻ ۾ ان جو واس ائين رچي مچي ويو آهي، جيئن خود انهيءَ مٽيءَ ۾. تون ڪيڏو به روڪيندين، منهنجي روح جو ريلو اوڏانهن ئي رهندو، جيڏانهن مومل جهڙ ماڳ آهي .... مومل منهنجي جسم ۽ جان، ۽ ڪاڪ منهنجي نيڻن جو نشان آهي!

همير : جيڪڏهن تنهنجو اهو خيال آهي ته پوءِ هي قيد ۽ بند بحال آهي، ۽ تنهنجو وري نڪرڻ محال آهي!

همير وڃڻ لڳي ٿو.

راڻــو : مون کي سڀ منظور آهي.
عشق منهــنجو قصور آهــي،
ته اهو دل وارن جو دستور آهي!

همير، راڻي تي نڪي نظر
وجهندي نڪري وڃي ٿو.

راڻو بيچينيءَ سان اچ وڃ
ڪري ٿو ۽ بئڪ گرائونڊ
۾ هــي بيت تحت اللفظ
پڙهجي ٿو:

”رچي جي ريٿو ٿيا، ڪين آپائجن اوهه،
ڪُنهي نه ڪاري تنهن کي، جو هالاڙي هوه،
توڙي ڏوهي ڏوهه، ته لالي تنهين نه لهي!“

— ڪٽ —

سين : ٤٣

اِنڊور. وقت : رات. هنڌ: مومل جو ڪمرو.

مومل راڻي جي اوسيئڙي ۾ بيچين آهي. مغموم موسيقيءَ سان ڪلوز اپ ۾ ڏيکاريو پيو وڃي. ڏيٺي آڏو ــومل جـو هٿ آهستي آهستي پري ٿئي ٿو ۽ ڪئميرا زوم آئوٽ ٿئي ٿي. ڏيــو وسامي وڃي ٿو. مومل دريءَ وٽ وڃي ٿي، جتي آپرنڊز سج جي ڪِرڻي ڏيکارجي ٿي.

بئڪ گرائونڊ ۾ مومل جي آواز ۾ هي بيت ڳائجي ٿو.

”شمع ٻارينديءِ شب، پرهه ٻا ڪون ڪيون،
سوٽ مران ئي مينڌرا، رٺا ڪارڻ رب،
تنهنجي تات طلب، ڪانگ آڏايم ڪاڪ جا.“

مومل جي مناسب موومينٽ ۽ تاثرات سان، هيءَ وائي ڳائجي ٿي:

ڏور وڃئو ڏينهن لائي،
ڪا سو ڊيل کي سمجهائي....

—ڪٽ—

## سين : ٧۴

اِن ڊور. وقت : ڏينهن. هنڌ : ڪاڪ محل.

ڪاڪ محل جي ڪنهن وراندي مان مومل جون ڀينرون، خاص خادمائون ۽ ناتر، لُهڪ ڏينديون، تڪڙيون هلنديون اچن. سندن وچ ۾ سومل مينڌري جي روپ ۾ هلي رهي آهي. هن سومل کي ريجهائڻ لاءِ، ڀينرن جي صلاح سان، راڻي جو لباس پاتو آهي ۽ آها شڪل ناهي آهي.

— ڪٽ —

## سين : ٧۵

اِن ڊور. وقت : ڏينهن. هنڌ : مومل جو ڪمرو.

سومل مينڌري جي لباس ۽ شڪل ۾ ڀينرن سميت مومل جي ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿي. سڀ لُهڪ ڏيئي رهيون آهن.

ڪمري جي در ٻاهران بيهندي.

سومل : ڇوريون، آئون برابر راڻو لڳان ٿي يا نه ؟

هڪ ڀيڻ: هوبهو راڻو ٿي لڳين.

ٻي ڀيڻ: اول ته مومل به ڪانه سڃاڻندي.

ناتر : راڻل سائين پاڻ به شڪ ۾ پئجي ويندو.

مومل دريءَ مان راڻي جي واٽ نهاري رهي آهي. لُهڪن جي آواز تي مومل دروازي ڏانهن نهاري ٿي. راڻي (سومل) کي ايندو ڏسي، خوشيءَ وچان لُڙي پوي ٿي.

راڻي ڏانهن ٻنڌي

مومل : راڻا، تون .... تـون اڇي وڃين، راڻـــا !

سڀ پهـــرون هڪ منٽ
لاءِ ماٺ ٿي وڃن ٿيون ؛
مومل جهٽڪو ڏيئي پٺي
وراڻي ٿي ڇڏي.
مومل ٿورو اڳتي وڌي ٿي
۽ سومل منهن کي پنهرو
رکندي، هڪ پاسي هٽي
وڃي ٿـــي. مومـــل وري
اڳتي وڌي ٿي ۽ سومل
ساڳيءَ ريت پري هٽي ٿي.

مومل : ڇو راڻا، ڪهڙي ڳالهه آهي ؟

ناتـــر : راڻل سائين توکان رٺو آهي ، سائڻ !

مومل : رٺو آهي ؟.... ڇو راڻا، مون کان رٺو آهين ڇا ؟

سومـــل ٻنيري ٿي ڪنڌ
سان هاڪار ڪري ٿي ؛
آڪڙ سان هلندي وڃي
سيج تي ويهي ٿي ؛ مڇن
کي وٽ لڳي ٿي.
سڀ پينرون ٺهڪ ڏيـــن
ٿيون. سومل مٿي تـــان
پاڳ لاهـــي رکي ٿـــي ؛
مومل ڏانهن منهن ورائي
ڪلي ٿي. مومل سڃاڻي ٿي
۽ اها راڻي جي روپ ۾

مومل آهي ۽ سيج تي
وڃي ڪيس ياڪر پائي
مڙڪي ٿي.

مومل : تڏهن راڻو اڃا نه آيو آهي....
پريون آٿ راتيون لنگهي ويون
آهن. وري الائي ڪهڙيءَ
رنڊڪ روڪيو اٿس.

سومل : اچي ويندو، تون اجايو پاڻ کي
ائين نه ڳار.... تنهنجيءَ دل کي
وندرائڻ لاءِ نه مون هي روپ
ڪيو آهي— نه من کي قدر
تنهنجي من کي آئت اچي....

آٿي ٿي

هاڻي آٿي، هل ته هلي باغ ۾
ويهي چوپڙ راند ڪريون....
آٿي، ڏاهي ٿي.

ٻانهن ڪانڌ جهلي آٿاريس ٿي.

—ڪٽ—

سين : ٧٦

ان ڊور. وقت: ڏينهن. هنڌ: ڪاڪ محل جو باغ.

مومل ۽ سومل (راڻي جي ويس ۾) باغ ۾ چوپڙ راند کڏي رهيون آهن. بئڪ گرائونڊ ۾ پينرون پينگهه پيون لڏن موسيقي هلندڙ آهي.

—ڪٽ—

## سين ۽ ٢٢

اِن دور. وقت: ڏينهن. هنڌ: همير جو محل.

همير بادشاهه پنهنجيءَ راڻيءَ (مينڌري جي ڀيڻ) سان محل ۾ ڳالهائي رهيو آهي.

همير : مينڌرو تنهنجو ڀاءُ آهي ته پوءِ تون ان کي ڇو نٿي سمجهائين. مون کي ڇو ٿي گهڙيءَ گهڙيءَ ستائين ؟

راڻي : ان کي ڇا چوان؟ اوهين پاڻ ته وڃي ويا هئا ڪيس ڪاڪ ڏانهن. اوهان ته مومل نه ماڻي، هاڻي جنهن ماڻي تنهن ڏوهه ڪيو؟

همير : مون کي اهي ميهڻا نه ڏي. انهيءَ ڳالهه تي ته مون مينڌري کي بند ڪيو آهي.

راڻي : انهيءَ ڳالهه تي اوهان منهنجي ڀاءُ کي بند ڪيو آهي، پر تڏهن ڇا ڪريو ها، جڏهن اوهين پاڻ مومل ماڻيو ها ۽ مون تي ڀاڄ آڻيو ها؟

همير : اجايو اٽيڪيءَ جا طعنا ڇو ٿي ڏين ! مومل مون نه ماڻي ته ان جو بيشڪ ڏک اٿم، پر تون اها ڳالهه ورجائي مون کي چيڙائين ڇو ٿي ؟

| | | |
|---|---|---|
| نرميءَ سان، رونبهاريءَ آواز ۾ | راڻي : | اوهين ڇڙو تا ته منهنجي پس آهي، سائين! اوهان جي مرضي.... مون ته پنهنجي پاڻ جي ڳالهه تي ڪئي. اوهان کي ڏکي لڳي آهي ته آئون وري نه چونديس. اوهان کي — نه چونديس — ڪڏهن به نه چونديس.. . |
| مڏڪي ٿي. | | |
| | همير : | اڙي.... تون روئين پئي! ان ۾ پلا روئڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي.... چري، تون ته منهنجي پٽ راڻي آهين، تو کي ڪو هيئن روئڻ سونهي ٿو! |
| روئندي | راڻي : | پٽ راڻي آهيان، تڏهن ته منهنجيون ڳالهيون اوهان کي نٿيون وڻن.... تڏهن ته منهنجو چوڻ نٿو ملي اوهان تي. |
| | همير : | چڱو، هاڻي تون روئڻ بند ڪر. ٻڌاءِ، ڇا ڪيو تو کي؟ ٻڌاءِ؟ |
| | راڻي : | ٻڌايو ته اٿم اوهان کي. منهنجي پاڻ کي بند مان ڪيو. هو ته پنهنجن ٻارن ٻچن سان به نٿو ملي سگهي. |
| سوچي ٿو | همير : | هون.... |
| | راڻي : | سچو ورهيه اڳي ٿي اوهان کيس بند رکيو آهي. هاڻي وري نئين سر هن کي قيد ڪيو اٿو. سندس ڏوهه به اهڙو ٿي |

آهي، جهڙو اوهان کي ٻه ڪرڻو
هو، پر....

(نرميءَ سان)
همير : بس بس، وڌيڪ نه چؤ.

(گنڀير لهجي ۾)
.... آئون سمجهان ٿو ته هو
پنهنجي ڏوهه ۾ اڪيلو ڪونهي
.... مون فيصلو ڪري ورتو آهي
(ٿورو ترسي)
.... مينڌرو منهنجو پـاءُ آهي.
مينڌرو آزاد آهي. مينڌرو وري
ڪڏهن ٻه ٻاندي نـہ ٿيندو ـــ
بس ؟

(خوش ٿيندي)
راڻي : سچ ؟
همير : سچ.

(مرڪي)

راڻي مرڪندي، خاموشيءَ سان همير ڏانهن نهاري ٿـــي.

همير : هاڻي ته خوش ٿئين ؟.... آئون
هينئر ئي ڳهرائي ٿو وٺان مينڌري
کي. تون سندس مهمانيءَ جو
بندوبست ڪر.

-- ڪٽ --

## سين : ٤٨

اِن ڊور. وقت: ڏينهن. هنڌ: مومل جو ڪمرو.

سڀ پينرون مومل وٽ ويٺيون آهن. سومل راڻي جي روپ ۾ آهي. ٻانهيون مورڇلن سان هـوا پيون ڪن. مومل جـي دل وندرائڻ لاءِ، پينرون ڪِل پوڪ جون ڳالهيون ڪن ٿيون.

سومل کي (جيڪا هن وقت راڻي جهڙي روپ ۾ آهي).

هڪڙي ڀيڻ: راڻا، اوهان اسان جي ڀيڻ سومل کي ڏاڍو ستايو آهي. اها سخت بيواجبي آهي.

ٻي ڀيڻ: بيشڪ بيواجبي آهي.

مڇ کي وٺيندي

سومل: اسان جي بيواجبي به واجبي آهي. پر اوهين اسان جي واجبي پيار کي به بيواجبي ٿيون چئو.... .... ڇا خيال آهي تنهنجو، سومل ؟

سومل کي اک پچندي

ناتر ٿهڪ ڏئي ٿي. ٻيون ڀيڻون کلن ٿيون. سومل به مرڪي پوي ٿي.

سومل جملن مطابق اسٽيج واري طريقي سان ائڪٽنگ ڪري ٿي.

.... اوهان کي سومل جي مجاز جي ڪهڙي خبر .... سندس تارن جي تيرن مون کي ٽچي ڇڏيو آهي.... سندس اکين جي انبورن منهنجو هانءُ پٽي، ڪڍي، اڇلي ڇڏيو آهي.... سندس نظر جي زورپرين زبرن منهنجا هڏ ڳوڏ پيچي ڇڪنا چور ڪري ڇڏيا آهن! آه .... تڏهن ته آئون مهينن جا مهينا عمرڪوٽ ۾ آرام پيو ڪندو آهيان!

سڀ ٿهڪ ڏين ٿيون.
سومل به کلي پوي ٿي.
سومل مُڇ کي وٺي ٿي.

هڪڙي پيڻ: پر، راڻا، هاڻ اڳتي اها
ڳالهه نہ هلندي. تو تمام گهڻو
آرام ڪيو آهي. هاڻي هتي
ڪاڪ ڏٺي ٿي ويھ، تہ تہ
سومل ادي توکي اهڙي سيکت

سومل مڇ کي ولي ٿي.

ڏيندي جو عمرکوٽ ياد
ڪندين !

سومل : ڪٿي آهي سومل؟ اچي تہ سهي

مٿي ٿان پڳ لاهي ٿي.

اسان جي سامهون ! ڪيس مجال
ناهي جو اسان جي سامهون
اچي.... جيستائين اسين پاڻ نہ
چاهيون، يا جيستائين هوءَ پاڻ
نہ چاهي.
اچ، منهنجي مومل، هل تہ هلي
ڪو باغ جو سير ڪريون!....

سڀ ڪلن ٿيون، مومل بہ
ڪلي پوي ٿي. سومل ڪيس
هٿ ڪان جهلي، آتاري ،
هلڻ لڳي ٿي.

— ڪٽ —

سين : ۷۹

اِن ڊور. وقت: ڏينهن. هنڌ: ڪاڪ سس بو :

مومل ۽ سومل (راڻي جي ويس ۾) باغ ۾ گهمن پيون.
سومل ساڻس ڳالهائي پئي ۽ مومل گم سم آهي. بيڪ گرائونڊ ۾
هيٺيون بيت مومل جي آواز ۾ اچي ٿو:

”تن باغنئون بس، جي ڪنڌيءَ ڪاڪ ڪڪوريا،
سوڍي ريءَ سرتيون، ڪاڪ نه اڇــي ڪس،
رائـــي ٻائـــي رس، ڏن ٻيڙيءَ جيئن تاڻيو.“

— ڊزالــو —

## سين : ٨٠

اِن ڊور. وقت: رات. هنڌ: مومل جو ڪمرو.

مومل دريءَ تي راڻي جي اوسيئڙي ۾ ويٺي آهي. آسمان ۾ تارا آهن ۽ ڪمري ۾ ڏيئو ٻري رهيو آهي. بئڪگرائونڊ ۾ هي بيت مومل جي آواز ۾ ڳائجي ٿو:

”ڪتين ڪرموڙيا، ٿيڙو آيا ٿيٺي،
راڻو رات نه آئيو، ويل ٽري ويئي،
ڪوه سا ڪاڻي راتڙي، جا پرين ري ويئي،
مون کي ڏنءَ ڏيئي، وڃي ڍولو ڍٽ قرار ٿو.“

— ڊزالــو —

## سين : ٨١

اِن ڊور. وقت: رات. هنڌ: مومل جو ڪمرو.

مومل ۽ سومل (راڻي جي روپ ۾) سيج تــي ويٺيون آهن. ٻئي چئمون چوپڙ راند ڪنڌي رهيون آهن. سومل، مومل کــي چال هلڻ لاءِ اشارو ڪري ٿي، پر مومل خيال ۾ گم آهي. بئڪگرائونڊ ۾ هيٺيون بيت مومل جي آواز ۾ ڳائجي ٿو:

”جيڏيون، منهنجي جيءَ سين، راڻي رڻ ڪيو،
قلب ڪاڪ ڪنڌين ۾، ٻـــرزا تـــي پيو،
ٻُجهان ٻهر ويـــو، هيٺيون هنڌ نه اڪيين.“

— ڊزالــو —

## سين ۸۲

اِن ڊور. وقت : رات. هنڌ : مومل جو ڪمرو.

چوبن راند ڪندي، مومل ۽ سومل (راڻي جـــي روپ ۾) ڪي ننڊ اچي وئي آهي. ٻئي ڄڻيون اهڙيءَ طرح اهلي پيون آهن جو سومل جو چهرو ڏسڻ واري ڪان لڪل رهي ٿو ۽ پانئجي ٿو تہ ڪو مرد آهي. حاضريءَ ۾ بيٺل ٻانهين مان هڪڙي ڏئي جي وٽ مٿي سوري ٻي، ۽ ٻي خالي برتڻ کڻي ٿي. ٻئي ڄڻيون مومل ۽ سومل ڏانهن نهاريندیون، آهستي آهستي نڪري وڃــن ٿيون.
بئڪگراؤنڊ ۾ هي بيت تحت اللفظ پڙهجي ٿو :

"ڪاڪ ڪوماڻا گلڙا، سُڪا مٿي سيج،
نماڻيءَ جي نجهري، پيهي تــون پڇيج،
اچي آڏر ٿيج، اهڪيءَ عبداللطيف چي."

— ڪٽ —

## سين ۸۳

آئوٽ ڊور. وقت: رات. هنڌ : ڪاڪ نگر.

راڻو اُٺ تي ڪاڪ نگر پهتو آهي. ڪئميرا ڪيس اوندهہ ۾ اُٺ هُشائيندي ۽ اُن تان لهندي ڏيکاري ٿــي. بئڪگراؤنـڊ ۾ موسيقي آهي.

— ڪٽ —

## سين ۸۴

اِن ڊور. وقت : رات . هنڌ : مئوءَ جو ورانڊو.

راڻـو مئوءَ جي ورانڊي مـان لنگهي ٿو. مئو ستل آهـي ۽ ڪجهہ بہ نٿو ٻولي. بئڪگراؤنڊ ۾ موسيقي آهي.

— ڪٽ —

خنجر هيٺ ڪري ٿو.

خنجر وري مٿي کڻي ٿو.

اڪيلي وڏي مومل کي
مارڻ لاءِ جهڪي ٿو.
سندس آواز جو پڙاڏو
گونجي ٿو ۽ سندس چهري
تي وحشتناڪ تاثرات
اڀرن ٿا.
راڻو خنجر مومل کي هڻڻ
لاءِ مٿي کڻي ٿو پر هڻڻ
لاءِ هيٺ آڻيندي رڪجي
پوي ٿو ۽ اهڙو تاثر
ڏئي ٿو، ڄڻ ته ڪنهن
سندس هٿ روڪي ورتو
آهي. سندس چهري تي
مجبوريءَ جي پيڙا آهي.

پنهنجي پيار کي بدنام ڪندين؟
.... ڇڏي ڏي هنن کي، سندن
حال تي ڇڏي ڏي.
.... پر اِهو تنهنجي مردانگي
شان جي خلاف آهي ، سوڍا !
مومل تنهنجو حق آهي، تنهنجو
ننگ آهي. هن توسان دوهه
ڪيو آهي. ڪيس سندس ڪيتي
جي سزا ملڻ کپي. مومل
ڪاري آهي !.... مومل ڪاري
آهي !.... مومل ڪاري آهي!....

.... آه، دل ڇيو نٿي ڪري !
دل ڇيو نٿي ڪري !....
.... هيءَ مومل آهي، سوڍا !
مومل کي ڪير ماريندو ....
مومل کي ڪير ماريندو....
هيءَ مومل آهي!.... هيءَ مومل
آهي....سوڍا! هيءَ مومل آهي !.. .

هو خنجر واپس رکي ٿو،
۽ پنهي هٿن سان مٿي کي
جهلي ٿو، ڇو ته سندس
مغز چڪرائجي رهيو آهي.
آواز جو پڙاڏو ٻرندو رهي
ٿو ۽ هو مٿي‌تي هٿ ڏيڻ
جي حالت ۾ مڙي ٿو.
لڪڻ کٽڻ جو ارادو ڪري
ٿو، پر ڪجهه سوچي هٿ
هٽائي، ٽڪڙو ٽڪڙو ٻاهر
نڪري وڃي ٿو.

هي ۽ مومل آهي !....

سندس آواز پڙاڏي سان گونجي ٿو.

— ڪٽ —

## سين : ٨٦

اِن ڊور. وقت : رات. هنڌ: مٺو ءَ جو وراندو.

راڻو ٽڪڙو ٽڪڙو مٺو ءَ جي وراندي سان لنگهي ٿو.

ٻري ڪان

مـــٺو : آئون مومل جو مٺو آهيان !

.... هون ! ڪير آهي؟ ڪير آهـــي ؟

.... اڙي، اڙي ، ڪير آهين ؟ ڪير آهين ؟

راڻو ٽڪڙو ٽڪڙو مٺو ءَ وٽان لنگهي ٿو.

.... ها‌ن ! راڻو آهين ڇا ؟....
اڙي، تون ڪيڏي ءَ مهل آئين ؟
آئون ته سمهي رهيو هوس....
پـــر تون مون سان ڳالهائين ٻه نـــٿـــو !

پرتي وڃي بيهي....

راڻـــو : بنـــد ڪر پنهنجـــي بڪواس !
خبردار، ٻيهڪڏهن وٽيڪ ٻولي اٿـــئـــي !

راڻو وڃي ٿو.

منو : وڏي افسوس جي ڳالهه آهي ، راڻا ! وڏي افسوس جي ڳالهه آهي.... وڏي افسوس جي ڳالهه آهـــي !

ڪجهه دير ترسي، سوچي

.... اڙي اچا تہ وڏي رات پئي آهي ! هون ؟....

منو رڙيون ڪري ٿو.

.... اڙي راڻو وڃي پيو!.... راڻو وڃي پيو!.... راڻــو وڃي پيو!....

—— ڪٽ ——

## سين : ٨٧

اِن ڊور. وقت : رات. هنڌ : مومل جو ڪمرو.

منوءَ جي رڙين تي مومل ۽ سومل جاڳي پون ٿيون.

ننڊاکري ءَ حالت ۾ — مومل : راڻو !

سومل : راڻو آيو هو ؟

منوءَ جو آواز اچي ٿو.... — مـنـو : راڻو وڃي پيو !.... راڻـو وڃي پيو! ....

مومل اٿي ويهي ٿــي ۽ منوءَ جي آواز کي ڪنائيندي هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ٿي. سندس نظر راڻي جي ڇڏيل لڪڻ تي پــوي ٿي ۽ ڪانئس ڇـرڪ نـڪري وڃي ٿي. هوءَ ٽپ ڏئي اٿي ٿي، سومل بہ اٿي ٿي.

مومل جي اکين ۾ چهري
جا تاثرات سخت پريشاني
۽ گهٻراهٽ وارا آهن.
هوءَ راڻي جو لڪڻ ڪٽي
ڏسي ٿي.

مومل : راڻو آيو هو.... هيءَ ڪامنشانيءَ
لاءِ ڇڏي ويو آهي.

مومل، سومل ڏانهن شڪي
نظر سان نهاري ٿي.

منوءَ جو آواز اچي ٿو.

منو : راڻو وڃي پيو!.... راڻو وڃي
پيو !....

مومل ڪان بي اختيار رڙ
نڪري وڃي ٿي ۽ ڊوڙندي
هوءَ دروازي ڏانهن ڀڄي
ٿي. سومل سندس پويان
وڃي ٿي.

مومل : راڻا !.... راڻا !....

— ڪٽ —

سين : ۸۸

اِن ڊور. وقت : رات. هنڌ: ڪاڪ محل.

مومل رڙيون ڪندي،
ڊوڙندي، دريءَ تي اچي
ٿي. سندس آواز روئڻهارڪو
آهي.

مومل : راڻا !.... راڻا !....

ڪئميرا وچ ۾ راڻي کي
اٺ تي سوار ٿيندي ڏيکاري
ٿي.

## سين : ٨٩

اِن ڊور. وقت : رات. هنڌ : مومل جو ڪمرو.

مومل پنهنجي ڪمري ۾ راڻي جي فراق ۾ روئي رهي آهي. بئڪ گرائونڊ ۾ هينيان بيت ڳائجن ٿا :

ڪاڪ ڪڙهي، رڻ ويا، لوڏو لڏاڻو،
تـــو پڇاڻا سپرين، آتـــڻ اَجهاڻو،
مَين سين ماڻـو، مناسب نہ مينڌرا !

سوڍا تنهنجي سور، اندر آڳون لائيون،
راڻا رهائين جـــا، مارينم مذڪور،
طعنا ڏينهم تُور، آءٌ نہ پرچون پاڻ ۾.

— ڪٽ —

## سين : ٩٠

اِن ڊور. وقت: رات. هنڌ: ڀينرن جي بيٺڪ.

تخت نما ٿلهي تي مـومل ڪانسواءِ سڀ ڀينرون ويٺل آهـن. ناتر ۽ ٻيون خــاص خادمائون فــرش تــي ويٺيون آهـن. پانهيون پنهنجين جڳهين تي بيٺيون آهن.

هڪڙي ڀيڻ: پوءِ نيٺ ڇا ٿيو، ادي؟

مومل : راڻــي ڪاٻہ ڳالهہ مڃڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. — گنڀيرتا سان، سوچ جـي انداز ۾.

ٻي ڀيڻ: انڪار ڪري ڇڏيو ؟

مومل : هـــا.

ٽي ڀيڻ : ڇو، ادي؟ تون پاڻ هلي هئينءَ راڻي سان ؟

مومل : هـون.. . ڏاڍيون منٿون ڪيون مانس، خـــود همير بادشاهہ بہ ڪيس گهڻو سمجهايو.

چوٿين پيٺ: پر همير بادشاهہ تہ پاڻ راڻي
کي هيڏانهن اچڻ کان روڪيو
هــو ؟
سومل : اول تہ همير بادشاهہ اڳي ئي
پنهنجو ارادو بدلائي ڇڏيو هو
۽ هاڻي راڻي تي ميڏانهن اچڻ
لاءِ ڪابہ روڪ ڪانہ هئي. تنهن
ڪانسواءِ، آئون پهرين وچــي
هميربادشاهہسان مليهيس. چيومانس،
آئون تو وٽ نياڻي ميڙ ٿي آئي
آهيان، راڻو پرچائي ڏي.
پهرين پيڻ: پــوءِ ؟
سومل : بادشاهہ مون کي گهڻي عزت ڏني.
راڻي کي گهرائي، منهنجي سامهون
ڇپائينس تہ مومل کي پاڻ سان
وٺي اچ. پر.....
ٻي پيڻ: پر ادي، تو راڻي کي اهو نہ ٻڌايو وچ ۾ ڪٽي
تہ اصل ۾ معاملو ڪيئن هو؟
سومل : مون تہ ڪيس پنهنجو پاڻ ٻڌايو
هو. هن بہ وڏو مان ڏيئي چيو
تہ تون مون کي سگهي ۽ پيڻ جيان
آهين، پر شڪ جيڪو دل ۾
ويٺو اٿم، سو هاڻي ڪڏهن بہ
نہ ويندو.
ٽي پيڻ: پوءِ تـو وڌيڪ ڪجھ بہ نہ
چيس، ادي ؟
سومل : ڇا چوانس ؟ گهڻئي پلانــد وڌا
مانس ، پوڻي لاهــي پيرن تي

رکيمانس. چيوماس ته ياڪ، توکي
اجايو گمان ٿيو آهي ، آهسا ته
آئون پاڻ هيس ، جيڪا سومل
سان ڪڏ ستي هيس. پر چيائين،
اِها ڳالهه هائي اوهان پاڻ کهڙي
آهي.... چيائين، دل جو شيشو
هڪ ڀيرو ڀڄو تہ وري جڙنو
ناهي .... بس، مون ڪئي ملڪ
ڪئي .

ڪجهه دير سڀ ماٺ
رهن ٿيون.

چوٿين ڀيڻ: پوءِ تو ڇا سوچيو آهي،
اديِ؟ ائين تہ سومل مري ويندي!

سومل : ها، ڪجهه سوچڻو ئي پوندو....   سوچيندي
اسان سڀني کي گڏجي ڪجهه
ڪرڻو پوندو.

پنجين ڀيڻ: اسين پنهنجيءَ ڀيڻ خاطر
هرڪو حيلو ڪنديونسين.

ناتر : سانئڻ سومل لاءِ تہ اسين سڀ
گهور ٿينديونسين. ڇا ڪرڻو
پوندو اسان سڀني کي، سانئڻ؟

سومل : ٿوري دير اڳ مون سومل سان
صلاح ڪري ڇڏي آهي. اوهين
سڀ وڃي تياري ڪريو ڇاڪاڻ
ته اسان کي هتان ڪُوچ ڪرڻو
آهــي.

ڪڙي ڀيڻ: ڪيڏانهن هلڻو آهي ، ادي؟

سومل : سومل ۽ ناتر مون سان گڏجي

عمرڪوٽ ولايت هلنديون، ۽
پيون سڀ ماتيلي موٽي وينديون.

ٽڏو ساهه کڻي — ٻي پيڻ: هي سچو ڪاڪ محل هاڻي سچو ٿي ويندو!

ٽرسي، پنهنجي منهن — سومل: ڪاڪ محل هاڻي سچو رهي پيو آباد — جنهن مطلب لاءِ اهو جڙيو هو، سو پورو ٿي ويو. هاڻي ته اسان کي هڪ ڦرجي ويل قافلي جيان وطن ورڻو آهي. بس، هڪڙي آزمائش اڃا ڪرڻي آهي.

سومل جون اکيون سوچ
۾ جهيل رهن ٿيون.
— ڪٽ —

منظر: ۹۱

ان پور. وقت: ڏينهن. هنڌ: همير بادشاهه جي دربار.

همير، راڻو، سينهڙو، ڏونئر ۽ ٻيا درباري ويٺا آهن. سينهڙو سوپاري ڪتر ڪري پين کي ڪاراڻي ٿو. خدمتگار ادب سان آيا آهن. راڻو گم سم ويٺو آهي.

همير: اهڙا جوڳي جيڪڏهن اسان جي ولايت ۾ آيا آهن ته اها وڏي ڀاڳ جي ڳالهه آهي. سندن خدمت چاڪري ڪرڻ اسان جو فرض آهي.

سينهڙو: بيشڪ، بيشڪ.

هڪڙو درباري: ها، سائين، ڏاڍا سڀاڄها
ماڻهو آهن. اصل هنگلاج کان
آيا آهن.
همير : اوهان مان ڀيو ڪير سائن ملي
آيو آهي ؟
ساڳيو درباري: اسين ٻئي ڄڻا گڏجي
ويا هئاسين. ٻڙ واريءَ سراءِ ۾
ترسيل آهن، سائين.

(پرسان ويٺل درباريءَ ڏانهن اشارو ڪري.)

سينهڙو: منهنجو خيال آهي، کين شاهي
مهمانخاني ۾ آڻي ترسائجي.
ڏونئر : هائو، سنگت سان صلاح ڪرڻ
ضروري آهي.
ٻهريون درباري: اسان اها آڇ ڪئي هئي،
پر هو چون ٿا ته اسين بادشاهن
جي ڀاڳي کان پري رهندا آهيون.
همير : هون.

(راڻو ڳالهائڻ وارن جي منهن ۾ گهور ڪري نهاريندو رهي ٿو.)

ٻيو درباري: ڪنهن کان به ڪا ڀِکيا
نٿا وٺن.
همير : وڏا ڪي الهه لوڪ آهن.
سينهڙو: بيشڪ، بيشڪ.
ٻهرٻون درباري: وڏي گيان ۽ ڌيان وارا
آهن. وڏي ڳالهه ته صورت جا
صاحب آهن. منهن ۾ اهڙي
مٺيا اٿن جو ڏسڻ سان روح
کي راحت اچيو وڃي.
ٻيو درباري: ڳالهائڻ اهڙو مٺو، جهڙي
ماکي. ڏاڍا قربائتا،
ڪچهريءَ جا ڪوڏيا، وري

چوپڻ جا به وڏا ڪيڏاري.

سينهڙو : ڇوپڻ به ڪنڌن تا ؟ ڇمبو نه .سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهـــي.

همير : پڏين پيو، مينڌرا، جوڳين جون خبرون ؟

رائـو : هون ....

سينهڙو : مومل ڪان پوءِ ته مينڌرو به پيو جوڳ پچائـي. وڏو جوڳي ته اسان وٽ اِهو وينو آهي !

همير : جڏهن ڪيس جهليوسين ته مومل وٽ نه ويچ، ته رات وچ ۾ لڪيو وڃيو ڪاڪ پچندو هو ، هاڻ وري اهڙو ارواح پليو اٿس جو ڇئونس ٿا ته به نٿو وڃي.

ڏونئر : تڏهن ته سچو ڏينهن ڪنهن پور ۾ پيو آهي. مومل اچا من تان نٿي لهيس.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ.

همير : ڪهڙي ڏيان ۾ آهئين، مينڌرا !

رائـو : جي؟.... ڏيان ته ڪوبه ڪونهي. پڏان پيو اوهان جون ڳالهيون .... همراهن جوڳين جو احوال ڪيو.... نيڪ آهي.

سينهڙو : ڇا نيڪ آهي؟

ڏونئر : سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهـــي.

ڪلندي

راڻي کي

همير : منهنجي صلاح آهي تہ اسان سڀني ڀارن تون وڃي جوڳين وٽ حاضري ڏيڻي اچي.

راڻو : جيڪو حڪم.

همير : ۽ جيڪڏهن راضي ٿين تہ کين شاهي مهمانخاني ۾ وٺي اچ.

سينهڙو : بيشڪ، بيشڪ. اهـا تہ پلي ڳالهہ ڪئي اٿئي، همير سائين.... وري مينڌرو تہ چوڻ جو بہ ڪاريگر آهي. جوڳي جوڳين سان ملي ڏاڍا خوش ٿيندا.

سڀ کلن ٿا ۽ راڻو بہ مرڪي ٿو.

— ڪٽ —

## سين : ۹۲

اڻ ٻور. وقت : ڏينهن. هنڌ : جوڳين جي سراءِ.

راڻو جوڳين وٽ آيو آهي. سومل، مومل ۽ ناتر جوڳين جي روپ ۾ فرش تي ويٺل آهن. وار وڏا، گيڙوءَ رتا ڪپڙا، ڳچين ۾ مالائون ۽ ٻانهن ۾ ڪنڻا اٿن. ٽنهي کي ڏاڙهيون لڳل آهن. مرول جوڳي (مومل) وچ ۾ ويٺل آهي. مرول جوڳي (سومل) سندس ڪڙي پاسي کان ۽ ترول جوڳي (ناتر) سندس ٻئي پاسي کان ويٺل آهي. راڻو سندن اڳيان ويٺو آهي. هو ڪجهہ حالت ۾ حيرت سان مرول جوڳيءَ جي منهن ۾ لڪ ڀڏي نهاري رهيو آهي. مرول جوڳي مرڪي رهيو آهي. مرول ۽ ترول اکيون پوري جهومي رهيا آهن.

ڪئميرا اول راڻي جو ڪلوز ڏيکاري ٿي. پوءِ مرول جو ڪلوز اپ ۽ پوءِ سڀني جي پوزيشن.

مرول : اوهان کي ڪا ڳالهه ياد اچي رهي آهي، وزير صاحب !

سرول ۽ مرول اکيون کولين ٿا ۽ تمام معصوميت سان سامهون نهاريندا رهن ٿا.

راٺو : جي؟.... جي ها. ڪا ڳالهه ياد اچي وئي. پر اوهين مون کي وزير ڪري نه کڻيو، جوڳي سائين. مون کي مينڊرو ڪري سڏيو. اهو ئي منهنجو نالو آهي. (چرڪي)

مرول : هون.... پر هتي جي بادشاهه جا وزير باتدبير ته آهيو نه. وڏي هاڪ آهي اوهان جي هشياريءَ جي .

راٺو : جي، جي....پر اوهان اهو ڪيئن ڄاتو؟

مرول : جوڳي سچ ٻولي ٿو. (اکيون سامهون ڪپاڙي، جهومندي، ساڳئي انداز سان)

سرول : جوڳي سچ ٻولي ٿو.

مرول : سچ اندر جي جوت آهي. اندر جو آئينو صاف هجي ته هر ڪا شي چٽي ڏسجي ٿي .... پيار اندر کي اجاري ٿو ۽ شڪ پيار کي ماري ٿو .... سُرت ۽ سمجهه اوهان جي پيشانيءَ ۾ پتري آهي، پر برهه جي باب ۾ سخت بيقدري آهي.

راڻو : جوڳي سائين، اوهان ڪي ڏسي ۽
ٻڌي منهنجي اندر ۾ عجيب
آنڊ مانڊ پيدا ٿي پئي آهي ....
اٿين ٻيو ڀانيان، ڇو اوهان سان
ڪا آد جڳاد جي ڄاڻ سڃاڻ
آهي، پر ياد نٿو اچيم ته ڪڏهن
۽ ڪٿي مليا هئاسين.

اڪيون سامهون ڪيائي، جهومندي.

سرول : جوڳي سچ ٻولي ٿو.

ساڳئي انداز سان

نسرول : جوڳي سچ ٻولي ٿو.

مرول : وقت دريا آهي، جنهن جي ٻنهي
پاسن حياتيءَ جي وڻڪار آهي
.... عمر جي ٻيڙي وچ سير مان
لهواري هلنديءَ ٿي رهي، ۽ وڻڪار
۾ وسندڙ يادگيرين جا پکيئڙا
جيئن ٻوه ٽڙن پري ٿيندا وڃن
ٿا.... پر ڪڏهن ڪڏهن ڪو

راڻو اکيون ٻوري ٿو ڇڏي.

آرڏو پکيئڙو ٻيڙيءَ سان ڳڏوڳڏ
اڏامڻ جي ڪوشش ڪندو آهي،
۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪو پوئيان
ڇڏجي آيل پکيئڙو اوچتو موٽي
اچي ٻيڙيءَ جي ڪنهن سڙهه
مٿان ويهندو آهي.... تڏهن وڻڪار
جا وساريل نظارا اکين ۾ موٽي
ايندا آهن، پر آهي اهڙا ڏنڌلا
هوندا آهن جو ”ڪڏهن“ ۽
”ڪٿي“ جي يادگيري نه ايندي
آهـــي.

اهستگيءَ سان اکيون کولي، تڏو ساهه کڻي.

راڻو : منهنجيون يادگيريون ڏاڍيون ڏکوئيندڙ آهن، جوڳي بابا. حياتيءَ جي وڏڪار جا ڪي اهڙا عجيب نظارا منهنجين اکين ۾ سمائجي ويا آهن جو منهنجو من هر وقت بيچين رهي ٿو.... پر سچ پچ ته اوهان کي ڏسڻ سان عجب آرام محسوس ڪرڻ لڳو آهيان.

سرول ڪنڌ لوڏيندي مرڪي ٿو ۽ هڪ گهڙيءَ لاءِ ٻئي چپ، خاموشيءَ سان هڪٻئي کي ڏسن ٿا.

گهٻراهٽ سان، نظر هٽائيندي.

راڻو : معاف ڪجو، جوڳي سائين، مون کان ته اوهان جا نالا پڇڻ به وسري ويا.

سرول : آئون سرول جوڳي آهيان. هن جوڳيءَ جو نالو سرول آهي ۽ هن جو ترول. هنگلاج کان هليا آهيون. هتي جا تڪيا پيٺي مڙئي ويندا سين.

راڻو : اوهين اسان جي ولايت ۾ آيا آهيو، وڏا ڀاڳ اسان جا. هاڻي اسان جي بادشاهه همير سومري سان مهماني قبول ڪريو ۽ هلي شاهي مهمانخاني ۾ آرامي ٿيو.

اکيون سامهون ڪٿپاٺي، سرول : جوڳي سچ پولي ٿو.
جهوسندي.
ساڳئي انداز سان. ترول : جوڳي سچ پولي ٿو.
مرول : جوڳي مرڻ ته ڪنهن جي ڄ
هٿ سي سپاهي هٿي .... اسين
ڪنهن به گهڙيءَ هيتان آسهي
ويندا سين .... بکيا جي بک
ڪان اٿوّن. بادشاهه جو پاڇو
پوي ته سچيءَ چمار جي ڪمائي
ڪٽ ٿئي .... پر اوهان کي
منع ڪانهي — ايندا ڪريو،
ملندا ڪريو.
راڻو : منهنجو عرض آهي ته ڪي ڏينهن
هتي رهي، مون مسڪين تي
وڙ ڪريو. اوهان جي مهر جي
نگاه سان شايد منهنجي اندر
جي پيڙا کي آرام اچي وڃي.
مرڪندي مرول : ڏيرج ڪان ڪم وٺو، پنهنجي
من کي پنهنجي وس رکو.
اوهان خيال ڏيکاريو آهي، ته
اسين ڪجهه ڏينهن هتي ترسي
پونداسين.

— ڪٽ —

## سين : ٩٣

ان دور. وقت : ڏينهن. هنڌ : همير بادشاهه جي دربار.
همير، سينهڙو، ڏونئر ۽ ٻيا درباري ويٺا آهن. سينهڙو سوپاري
پيو ڪتر ڪري، خدمتگار ادب سان پنهنجين جاين تي بيٺا آهن.

همير : خير، اهي ڳالهيون سڀ ٺيڪ ٿيون، هاڻي ڀلا مينڌري جي ڪا خبرچار ڏيو؟

سينهڙو: خبرچار سڀ خير جي آهي، سائين. ٻڌون ٿا، ڏاڍي مزي ۾ آهي. جوڳين سان جوڳي ٿيو ويٺو آهي.

همير : هاڻو ؟ — کلندي

هڪڙو درباري: صبح شام سراء جا پنڌ اٿس.

ٻيو درباري: چون ٿا، آڏيءَ کان اڳ گهر نٿو موٽي.

ڏونئر : جوڳين ڪو اهڙو منڊ هنيو اٿس جو مورڳو هنگلاج نه وڃي وڃنس !

سڀ کلن ٿا

ٽيو درباري: سچو آهيئن.

ڏونئر : هائو، سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي.

ڇهريون درباري: اهو به اجا مومل جي جادوءَ جو اثر پيو هلي.

سينهڙو: بيشڪ، بيشڪ. مومل ماڻڻ جي خوشيءَ کان، مومل رچائڻ جو صدمو وڌيڪ سخت آهي.

همير : ها، ظاهر آهي ته ڏکويل هاڻ ٿي جنهن به قرب جو چنڊ پوندو، آڏي ڌي آهو پاڻ کي سڪي سمجهندو.... اسان پاڻ گهريو

تـي تہ ڪنهن نموني ميهر
جي دل کي خدا آڻت ڇي.
ٻيو درٻاري: سو تہ آڻت اهڙي آئي ا ن
جو سچو وقت وڏي جوڳيءَ
سان چوپڻ راند ۾ مست آهي.
سينهڙو: بيشڪ، بيشڪ. چوپڙ جي
چوس مهندري کي اهڙي آهي
جو....
ٽيو درٻاري: پر اهي جوڳي بہ الائي گهڻا ڏينهن ٽڪن، وري بہ نيٺ اڇي سنگت پيڙو تيندو.
وچ ۾ ڪٽيندي
چوٿون درٻاري: سچو آهين، سنگت کان سواءِ ڪا سرندي. نيٺ اڇي هتي سر جي سٽ ڏيندو.
ڏونٽر: سنگت سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي. پر .... ڏسجو، مان چوڻ جي چوس ۾ هنگلاج کان وڃي نڪري!
سڀ کلن ٿا
— ڪٽ —
## سين ۹۴
اِن ڊور. وقت: رات. هنڌ: جوڳين جي سراءِ
سين خاموش آهي. بئڪ گرائونڊ ۾ موسيقي آهي. روشني ۾ لاءِ ڏيا ٻري رهيا آهن. مرول جوڳيءَ جي پاسي کي سروپ ۽ ترول جوڳي ويٺا آهن. سامهون راڻو ويٺل آهي.

مختلف شاٽس ڏيکارجن ٿا:

— مرول جوڳي ورڪشاپ ۾ ڪم ڪندي ڳالهائي رهيو آهي. راڌو پوري انداز سان مرول کي ڏسي ۽ ٻڌي رهيو آهي.

— مرول ۽ ترول جوڳي پنهنجي خاص انداز سان اکيون پوري وينا آهن. راڌو ڳالهائي رهيو آهي.

— مرول ۽ ترول جوڳي سامهون اکيون کپائي پنهنجا فقرا چئي رهيا آهن.

— مرول جوڳي ڳالهائي رهيو آهي. راڌو اکيون پوري ويٺو آهــــي.

— راڌو ۽ مرول هڪٻئي ڏانهن مرڪي نهاري رهيا آهن.

— بزالـــو —

## سين : ٩٥

انڊور. وقت: ڏينهن. هنڌ: جوڳين جي سراء.

مرول جوڳي ۽ راڌو اڪيلائيءَ ۾ چوپڙ راند پيا ڪڍن. سين خاموش آهي ۽ بئڪ گرائونڊ ۾ موسيقي آهــي. چال هلندي ٻئي چٽا ڪنهن مهل ڳالهائين ٿا، مرڪن ٿا، ۽ هڪٻئي ڏانهن ڏسي کلن ٿا.

مرول جي ڪنڊڙ جهري جي ڪلوز تي سين بزالو ٿئي ٿي.

— بزالـــو —

## سين : ٩٦

انڊور. وقت: ڏينهن. هنڌ: جوڳين جي سراء.

مرول جوڳي اکيون بند ڪري مرڪي رهيو آهــي. سين سندس مرڪندڙ چهري جي ڪلوز تي اوپن ٿئي ٿي. مرول ۽ ترول جوڳي مرول جوڳيءَ جي پاسن کان وينا آهن ۽ جهولي رهيا آهن.

راڻو مرول جوڳيءَ جي سامهون ويٺو آهي ۽ ڪيس چتائي ڏسي رهيو آهي.

*ٿڌو ساهہ کڻي*

راڻو : اوهان کي ڏسي، مون کي پنهنجا پرين ياد پـون ٿا. اوهان جي صحبت مان منهنجي روح کي اهڙي راحت اچي ٿي، جهڙي.. . آه، اهائي مرڪ، اهائي گهور!

*مرول ساڳيءَ ريت مرڪندي اکيون کولي ٿو.*

مرول : پر آڏون تہ اوهان جو پرين نہ آهيان.

*گهٻراهٽ مان*

راڻو : نہ نہ، جوڳي سائين .... بس، قدرت جو شان آهي، منهنجو من ائين ئي حيران آهي.

مرول : ڪير آهي اوهان جو پرين؟ ڪٿي آهي اوهان جو پرين؟

*گم سم حالت ۾، ڏکوئيل انداز ۽ آهستي آواز ۾*

راڻو : نہ! ڪو بہ ناهي منهنجو پرين. ڪٿي بہ، ڪٿي بہ ناهي منهنجو پرين.... ڪو بہ ناهي، ڪٿي بہ ناهي!

مرول : ڪا ڳالهہ آهي اوهان جي اندر ۾، ڇو ٿا لڪايو، ڇو نٿا ٻڌايو؟

*ٿڌو ساهہ کڻي، ڪجهہ ترسي.*

راڻو : ها .... ڪا ڳالهہ آهي. .... جڏهن کان اوهين آيا آهيو، منهنجي اندر جو عجيب حال آهي... سمجهہ ۾ نٿو اچيم تہ اها سرهاڻ اڳي ئي منهنجي روح ۾ رچيل آهي يا اوهان جي لڱن مان ڇٽي رهي آهي.

مرول : جوڳي سچ ٻولي ٿو.

ترول : جوڳيءَ سچ پولي ٿو.

مرول : سُرهاڻ نه گلن ۾ ٿيندي آهي،
جيڪا ساهن کي واسيندي آهي،
پري پري جو سير ڪندي آهي.
سرهاڻ نه ڪٿوري آهي، جيڪا
پيار جيان پڌري هوندي آهي....
ڪي ڪي انسان به سُرها ٿيندا

(رائو اکيون بند ڪري ٿو)

آهن — گلن جهڙا، ڪٿوريءَ جهڙا
.... اوهين ڪهڙيءَ سرهاڻ جي
ڳالهه ٿا ڪريو؟ ڪهڙي سُرهي
انسان جي ڳالهه ٿا ڪريو؟

(پوريل اکين سان، ڪرسم، گنڀير آواز ۾)

رائو : ها .... مون شايد اهڙيءَ ئي
سرهاڻ جي ڳالهه ئي ڪئي،
جيڪا ساهن کي واسيندي آهي،
جيڪا پيار جيان پڌري هوندي
آهي. مون شايد گلن جهڙي،
ڪٿوريءَ جهڙي سرهي انسان
جي ڳالهه ئي ڪئي ....

(آهستي اکيون کولي مرول ڏانهن چتائي نهاريندي، ڪنهن خيال اچڻ جو تاثر ڏيندي.)

.... ها، هيءَ سرهاڻ اُتي جي
مٽيءَ جي آهي، اُتي جي ماڻهن
جي آهي .... جوڳي بابا،
مون کي لڳي ٿو، اوهين ضرور
ڪاڪ نگر وٽان لنگهيا آهيو.

(مرول ڪنڌ لوڏيندي مرڪي .. )



د ڪ مح

سرول : جوڳي سچ پولي ٿو.
تـرول : جوڳي سچ پولي ٿو.
مرول : جوڳي لوڪ بن بـن، وستيءَ
وستيءَ واسو ڪن ٿا. وڪ وڪ
سندن ويراڳ، ڏک ڏک سندن
ديرو آهي، هنڌ هنڌ جي هوائن
جو هـڳاءُ سندن سريرن ۾ سمايل
هوندو آهي. سو، ڪا به سرهاڻ
اوهان جي ساهه کي سيباڻي ٿي،
ڪو به رنگ اوهـان جـي روح
کي ريجهائي ٿو، ته ان ۾ عجب
جي ڪا به ڳالهه ڪانهي.
راڻـو : هون.... ان ۾ عجب جـي ڳالهه
ڪانهي.
مرول : اوهين آنهيءَ ڪاڪ نگر جـي
ڳالهه ٿا ڪريو، جتي مومل جي
مجاز جو ماڳ هو؟
راڻـو : ها.... جتي چنچل ڪنوارين جو
چاڳ هو، جتي برهه جي بهادرن
جو پاڳ هو.
مرول : جتي الفت جا اقرار هئا، وفـا
جا وهنوار هئا؟
راڻـو : جتي سونهن ۽ سرهاڻ جي پالوت
هئي، پر سچ ۽ سـبل جي کوٽ
هئي.... جتي پيار جي روپ ۾
واپار هو، وفا جي روپ ۾ دغا
هـئي !
سرول : جوڳي سچ پولي ٿو.

نرول : جوڳي سچ ٻولي ٿو.
سرول : سونهن کان وڌيڪ ڪوبہ سچ ڪونهي، سچ کان وڌيڪ ڪابہ سونهن ڪانهي. اسين سونهن ۽ سچ جي آهيءَ نگريءَ کان لنگهيا آهيون، جيڪا، نينهن وارن جو امر نشان آهي. اسان اُتي سونهن کي سڙندي ، پيار کي پچندي ڏٺو. اسان اُتي ڪنول ڪومائيل ڏٺا. اسان ڪاڪ ڏٺي، ڪاڪ محل ۾ اُڏامندڙ خاڪ ڏٺي. اسان گس گس تي وفا جا گل ڏٺا، پر ڪٿي بہ ڪو دغا جو ڪنڊو نظر نہ آيو.
راڻو : اوهين اِن ڳالهہ ۾ ڀليا آهيو. مومل ۽ وفا؟ ائين ٿي نٿو سگهي.

سرول جوڳي سرڪندو رهي ٿو.

.... مومل ڪاڪ ڇڏي وئي .
هڪڙي غير سان گڏ لڏي وئي
.... وفا اهڙي ٿيندي آهي ؟
اهڙي ٿيندي آهي وفا؟
سرول : جوڳي سچ ٻولي ٿو.
نرول : جوڳي سچ ٻولي ٿو.
مرول : سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ رڳو ايتري وٿي آهي ، جيتري هيٺئر اسان ٻن جي وچ ۾. ڪاڪ محل جي سچ جي ساک اسين پاڻ سان کڻي آيا آهيون. مومل جو

گنڀيرتا سان

| | |
|---|---|
| ڏڪاري لهجي ۾ | پر ديسي پرين، مينڌرو جنهن جو سالــو هو، بنا سوچ ويچار متس حرف رکي، کيس ڏهاڪ ڏئي ويو. عقل جو اکابر هو، دانا هو، دلير هــو، پر ايترو به نـــ ڪمائيـن جو ڪا گهڙي ترسي، شڪ جي پڪ ڪري هـا ـــ نه ته ڪاري ـ ڪاريءَ واري ڪار ڪري ها، پنهي جون سيون ڏڙن ڪان ڌار ڪري ها. |
| ڪجهه ترسي | ....ر اوهان جو نالو به مينڌرو آهي، اوهين تـــ ناهيو آهـــي بيرحم، بي قياس، ڪاڪ ڪاٺي ڪري اڇن وارا ؟ |
| ٿڌو ساهه کڻي | راڻــو : ها، آئون آهوئي آهيان، آهوئي مينڌرو آهيان، پر بيرحم، بي‌قياس نـــاهيان. |
| ترسي | .... پنهنجي پيار کي بدنام نه ڪيم، ڏوهه ڪيم؟ جنهن ســـان پـــيار ڪيم، تنهن کي جيدان ڏنـــم، ڏوهه ڪيم؟ جوکي اکيز سان ڏٺم، تنهن ۾ ڪو شڪ نه ائم. دنيا دم گذر آهي. ڪجهه گذري آهـــي، ڪجهه گـــذري ويندي، مومل نمڻ وسري ويندي. |
| مرول جي اکين ۾ گهوڙها تري اچن ٿا | مرول : آه، اوهين مومل کي ايترو جلدي وساري ڇـــڏيندا ؟ ائيس ڪيري سگهندا اوهين؟ |

راڻو : ها، ڪي ڳالهيون اندر ۾ ضرور آهن، جيڪا منهنجي وس ۾ ناهن. ڪڏهن ڪڏهن من ۾ ايڏي مونجهه ٿيندي آهي جو پاڻ کي پنهنجي جان کان بيزار سمجهندو آهيان. تڏهن ائين سمجهندو آهيان ته زندگيءَ جو ڪو به مطلب، ڪو به مقصد ڪونهي.
.... بس، مومل کي ڏسي پوءِ، ائين ڀانيو هوم ته ڪائنات جو ڪو عجب اسرار ڏٺو اٿم. مومل کي ماڻي، پاڻ کي سڄيءَ دنيا جو سڀ کان سڀاڳو انسان سمجهيو هوم.... آه، من اندر جو سمورو مانداڻ ڀڄي ڀُري چيهون چيهون ٿي چڪو آهي. سڄو وجود ڄڻ سڙي، ڪامي، رک ٿي، وکري ويو آهي. ڄڻ ته زندگي ڪاڪ محل جيان ڪو جادوئي مانداڻ آهي، جنهن ۾ آئون به هڪڙيءَ ڪاغذي مورتيءَ جيان پنهنجي ئي هٿان ڀڄي ڀور ٿي پيو آهيان.

مرول جوکيءَ جي اکين مان ڳوڙهن جي لار وهڻ لڳي ٿي. هو چپ چاپ اکيون ٻوٽي ويٺو آهي.
مرول ۽ ترول جي اکين ۾ به ڳوڙها آهن ۽ اهي چپ چاپ سامهون نهاري رهيا آهن. راڻو، پاڻ ۾ گم سم، اکيون هيٺ جهڪائي ڳالهائي رهيو آهي.

مرول کان هلڪو سڏڪو نڪري وڃي ٿو. راڻو چرڪي مرول ڏانهن نهاري ٿو.

.... اڙي، هي ڇا ؟ اوهين ته
روئـو پيا ! سچ پچ روئـو ٿا،
اوهين !

(حيرت ۽ گهٻراهٽ جي انداز ۾)

.... شايد اوهين به ڪنهن سنگدل
جا ستايل آهيو. مون کي اهڙيون
ڳالهيون نـه ڪرڻ
کپنديون هيـون اوهـان سان .
مون کي خبر ڪانـه هئي تـه
اوهان جي دل ايڏي نازڪ آهي.
مون اوهان جي دل رنجائي آهي،
مون کي معاف ڪريو. مون کي
معـاف ڪريـو، جوڳـي بابا،
اڳتي وري اهڙي ڳالهه نه ڪندس
.... مون کـي معاف ڪريو ....
معاف ڪريو، جوڳي بابا....

(مـرول جوڳي ٻنهي هٿن سان منهن ڍڪي، روئڻ کي روڪيندي، سڏڪندو رهي ٿو.)

— ڪٽ —

سين : ٩٧

اِن ڊور. وقت : رات. هنڌ : جوڳين جي سراءِ.

راڌو ۽ مرول جوڳي چوپڙ راند پيا ڪن. سرول ۽ ترول موجود نه آهن. بئڪ گرائونڊ ۾ هلڪي موسيقي هلندڙ آهي.

راڻو داءُ هڻي ٿو ۽ ڳوٽ
وڏائي ٿو. مرول ان دوران
راڻي کي ڏسڻ ۾ گم آهي.

راڻو : اوهان جي چال آهي.
مرول : جي؟ جي ها. منهنجي چال آهي.
راڻو : مون ڳوٽ هتي رکي آهي.
مرول : هون.

چرکي

ڳوٽ ڏيکاڙيندي

مرول داءُ هڻي ٿو ۽ چال
هلي ٿو. راڻو ان دوران
مرول کي ڏسڻ ۾ گم آهي.

مرول : اوهان جي چال آهي.
راڻو : جي؟ جي ها. منهنجي چال آهي.
مرول : مون ڳوٽ هتي رکي آهي.
راڻو : هون.

ڳوٽ ڏيکاريندي

راڻو داءُ هڻي ٿو. ٻئي ڄڻا
داءُ ڏانهن ڏسن ٿا، ۽ پوءِ
هڪٻئي ڏانهن ڏسي
مرڪن ٿا.

متي تي هٿ رکي،
سوچيندي.

مرڪندي

راڻو : راند جو نقشو ڏاڍو عجيب ٿي
ويو آهي.
مرول : ها. بس، هڪڙي ۽ چال جي راند
وڃي رهي آهي.
راڻو : هون. اوهان جو مطلب آهي ته
بازي ختم آهي.
مرول : هون.

اڻو ڳوٽ پنهنجي داءُ
موجب خاني تي رکي ٿو.

مرول ڏاءُ هلي ٿو. ٻئي
چٺا داءَ ڪي ڏسي مرڪن
ٿا. مرول هلڪي ڪِيل
ڪلي ٿو.

راڻو : هون. اِها بازي به اوهان ڪٽي.
مڃيو ٿا.

دريءَ ڏانهن نهاريندي

مرول : رات گهڻي گذري چڪي آهي.
راڻو : ها. رات گهڻي گذري چڪي آهي.
مرول : اوهين شايد راند مان ٿڪا نه
آهيو اڃا؟
راڻو : ٿڪ ته گهڻو ٿي آهي، پر ان جو
احساس ڪونهي....منهنجو خيال
آهي، هيءَ آخري بازي ٿي
وڃـــي.
مرول : آخري بازي؟.... ٺيڪ آهي.
راڻو : گهڻو ٿڪي ته نه پيا آهيو؟

راڻي ڏانهن چتائي نهاريندي

مرول : اوهان جهڙو سٺو رانديگر سامهون
هجي ته پوءِ سچي زندگي راند
رهي سگهجي ٿي.
راڻو : هونئن زندگي خود به ته هڪڙي
راند ٿي آهي، جنهن ۾ گهڻا انسان
جلد ٿي ٿڪي پوندا آهن.
مرول : جنهن جي ڪا به چال انسان جي
پنهنجي وس ۾ نه هوندي آهي.
راڻو : جنهن ۾ جيت سدائين موت جي
ٿي ٿيندي آهي.
مرول : جيت ۽ هار ٻئي زندگي جا ٻ

زرپ آهن. مــوت کـي کا بہ
حقيقت کانهي، کو بہ وجود
کونهي. هتي ۽ هُتي، زندگي
ئي زندگي آهي. مــوت رڳو
نظر جو دوکو آهي.

سرول ۽ ترول واري انداز راڻــو : جوڳي سچ ٻولي ٿو!
۾، خوشمزاجيءَ سان.

ٻئي هڪبئي ڏانهن نهاري
مرڪن ٿا ۽ پوءِ کلن ٿا.

راڻــو : داءُ هلو. اوهان‌جي کٽ ٿي آهي.
مرول : کٽ ۽ هار هڪبئي سان بداهجي
سگهن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن ٻنهي
۾ ڪوبہ فرق نہ هوندو آهي.
راڻــو : هاـــ تڏهن، جڏهن ٻنهي جو مطلب
ساڳيو هوندو آهي.
مرول : نہ پوءِ.... ٻهرين اوهين وارو وٺو.
مطلب تہ ساڳيو آهي نہ.
راڻـو : ڇا؟ ها .... مطلب ساڳيو ئــي
آهي. ساڳيو ئي مطلب آهي.
مرول : تہ پوءِ داءُ هلو.

راڻو داءُ هلي ٿو ۽ ڪوٽ
رکي ٿو.

مرول داءُ هلي ٿو ۽ ڪوٽ
رکي ٿو.

راڻو ٻيهر داخل ٿو ٿئي ته
ڊارو سنڌس هٿ ۾
اڇلجي پري هليو وڃي ٿو.
مرول جهڪي، هٿ وڌائي،
جيئن ٿي اهو کڻي ٿو ته
سنڌس ٻانهن تان ڪڙتي
جو پلئه هٽي وڃي ٿو —
۽ ڪارو آسو ظاهر ٿي
پوي ٿو. راڻي جي نظر
ان تي کُپي وڃي ٿي.

راڻـو : هي آئون ڇا ڏسي رهيو آهيان،
جوڳي بابا !

سين هڪ گهڙيءَ لاءِ فريز
ٿي وڃي ٿي، جنهن ۾ راڻي
جون اکيون حيرت وچان
مرول جي ٻانهن تي ڄمي
ويون آهن.

ان بعد راڻي ۽ مرول جا
انٽرڪٽ شاٽ ڏيکارجن
ٿا، جن ۾ راڻي جون اکيون
ڦاٽي ويل آهن ۽ سنڌس
چهري تي جوش جا تاثرات
آهن، ۽ مرول جي چهري
تي مرڪ آهي.

ان بعد راڻي جي يادگيريءَ
۾، ڪاڪ محل اندر مومل

سان چوٻن ڪڍڻ واريءَ
مين جي جهلڪ فلئش
ٻئڪ ۾ ڏيکارجي ٿي،
جنهن ۾ راڻي مومل جي
ٻانهن تي آيو ڏنو هو.

فلئش ٻئڪ بعد، راڻو
مومل ڏانهن غور سان
ڏسي ٿو، ۽ ٿوريءَ دير لاءِ
مرول جو روپ ٻڏالو ٿئي
ٿو ۽ راڻي کي ان جي جڳهه
تي مومل پنهنجي اصلي
روپ ۾ مرڪندي نظر
اچي ٿي.

راڻي جا چهرا ۽ ڌڪار
وارا تاثرات ڏيکارجن ٿا.

راڻو : مڪار، دغاباز، فريبي عورت،
تون ڪاڪ جي بيحيائيءَ کي
هيستائين ڪٿي آئي آهين!....
مون سان هيڏي وڏي دوکي ڪرڻ
کان پوءِ به تنهنجي دل نه پري
۽ جوڳيءَ جهڙو معزز روپ
ڌاري تو هتي هي پوڙهک اچي
رچايو آهي!

راڻو ٽپ ڏيئي اٿي ٿو.

مرول جوڳي هاڻي مومل آهي.

مومل : راڻا، راڻا، منهنجا سوڍل، مون کي
ٻڌاءِ ته سهي، مون ڪهڙو ڏوهه
ڪيو آهي؟

راڻو : هيڏو ڏوهه ڪري، پڇين ٿي،

ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي ! اڄ
هجيئي ها ته ڪاڪ جي خوني
پاڻيءَ ۾ ٻڏي مرين ها، هيڏانهن
جو منهن نه ڪرين ها !

جوش ۽ ڪاوڙ ۾ راڻي جو هٿ
خنجر تي پوي ٿو، ۽ ان کي
اڌورو ٻاهر ڪڍي روڪجي
بيهي ٿو. سندس چهري تي
سخت تذبذب جا تاثرات آهن.

مومل روئي ۽ سڏڪا
ڀري ٿي.

مومل : سون کي ماري ڇڏ، سوڍا،
پنهنجن هٿن سان ماري ڇڏ....
ماري ڇڏ سون کي پنهنجن
هٿن سان !

راڻو خنجر واپس مياڻ ۾
وجهي ٿو. سندس هٿ
ڌڪي رهيا آهن، چهري
تي پگهر اچي ويو اٿس ۽
اکيون ڪاوڙ وچان ڳاڙهيون
ٿي ويون اٿس.

راڻو : تون ايڏي خسيس آهين جو تو کي
مارڻ به مردانگيءَ شان جي خلاف
آهي !

راڻو وڃڻ لاءِ مڙي ٿو

مومل : راڻا !.... مون کي معاف ڪر،
راڻا !.... مون کي هيئن ڇڏي نه
وڃ، راڻا ! آئون مري وينديس،
راڻا، آئون مري وينديس !....

مومل راڻي جي قدمن ۾ ڪري
کيس روڪي ٿي ۽ سين اِسٽل
ٿي وڃي ٿي. ان وقت راڻو
مومل کان پاڻ ڇڏائي وڃڻ

جي پوزيشن ۾ آهي، ۽ مومل
ڪيس روڪڻ ۽ التجا ڪرڻ
جي پوزيشن ۾ آهي.

بئڪگرائونڊ ۾ هي بيت
ڳائجي ٿو:

”رُس ۾ رُسڻ گهوريو، چڏ راڻا ريڏائي،
ميڻج منهنجي ميندرا، عاقــل اڳلائي،
لپيٽج لطيف چــي، ڪامل ڪَچائي،
ڪر معاف مدائي، ته سودا سُکيائي ٿيان.“

سون ۾ چرپر اچي ٿي

راڻــو: معاف ڪرڻ سان مدائي ميٽجي
ويندي؟ مدائي معاف ڪرڻ سان
ميٽبي آهــي؟... تــو ته سڀني
پيار وارن کي لڄايو آهي. تنهنجو
هرڪو حيلو هاڻ اجايو آهي!

راڻو هلڻ لڳي ٿو.

مومــل اوچنگار ڏينــدي
راڻي کي روڪڻ جــي
ڪوشش ڪري ٿي.

مومل: نه!... نه، راڻا! مون کي ڇڏي نه
وڃ، راڻا! مون کي ڇڏي نه وڃ!

راڻو مومل کي ڌڪو ڏيئي
اڳتي هلي ٿو.

راڻــو: هتي وڃ مهنجي اکيان!

مومل پوئتي ڪري پوي
ٿي. هوءَ اٿي ٿي ته سندس
پيشانيءَ تــي رت جــي
ليڪ آهي.
راڻو اڳتي وڌي وڃي ٿو.

مومل راڻي پويان وڃڻ لاءِ آتڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، پر زوردار رڙ ڪري وري ڪِري پوي ٿي.

مومل : راڻا !....

هوءَ وينل پوزيشن ۾ پاڳل جيان اکيون ڦاڙي راڻي کي ويندو ڏسي ٿي ۽ دل تي هٿ رکي اهڙو تاثر ڏئي ٿي ته سندس دل ٻڏي رهي آهي؛ دماغ چڪرائجي رهيو آهي.

.... آه....آه راڻا !.... راڻا !....
آه.. . آه....

مومل جي رڙ تي سومل (سرول) ۽ ناتر (ترول) ڊوڙنديون اچن ٿيون ۽ پري کان ڊانهن ڪري مومل وٽ پهچي، کيس ٻانهن تي ليٽائين ٿيون.

سومل : مومل ! مومل!....ڇا ٿيو توکي منهنجي منڙي ڀيڻ!

ناتر : ڇا ٿي ويو.... سائڻ کي ڇا ٿي ويو؟.... سائڻ !.... سائڻ....

مومل جهيڻي ۾ "راڻو-راڻو" چئي رهي آهي، — ۽ پوءِ ڪنڌ لاڙي ٿي ڇڏي.

مومل : راڻا.... راڻا.... راڻا....

سومل زور سان اوڇنگار ڏيئي روئي ٿي ۽ دروازي ڏانهن نهاري ٿي. ناتر به اوڇنگار ڏيئي روئي ٿي.

سومل : هي تو ڪهڙو ڦهر ڪيو راڻا ! منهنجي لاڪيڻي ڀيڻ ماري ويو وڃين!.... تون خوني آهين، تون خوني آهين راڻا، تون خوني آهين!....

- ڪٽ —

## سين : ٩٨

اِن ڊور. وقت : رات. هنڌ : جوڳيءَ جي سراءِ

ورانڊي مان ويندي، راڻو سومل ۽ ناتر جون دانهون ۽ روڄ ٻڌي بيهي رهي ٿو- اهڙيءَ طرح، ڄڻ نه هو هاڻي وڃڻ ٿو گهري پر سندس اندر کيس مجبور ڪري رهيو آهي. سندس چهري تي تذبذب جا آثار آهن .

سومل جا لفظ راڻي تي اوورلئپ ٿين ٿا.

راڻو گهٻراهٽ وچان ڪنن تي هٿ ڏئي ٿو.

راڻو : هان !.... سومل مري وئي ! سومل مري وئي!....

سومل : "هي تو ڪهڙو قهر ڪيو، راڻا! منهنجي لاکيڻي ڀيڻ ماريو پيو وڃين !.... تون خوني آهين، تون خوني آهين ، راڻا، تون خوني آهين!...."

پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي ٿو.

راڻو : آئون خوني آهيان ؟.... مون ماريو آهي سومل کي؟ نه!....نه!.... مون نه ماريو آهي. مون نه ماريو آهي سومل کي . مون نه ماريو آهي !....

سومل ۽ ناتر جون اوچنگارون اندران ٻڌجڻ ۾ اچن ٿيون.

سومل جو آواز اندران پڌڻ
۾ اچي ٿو —— ۽ راڻــو
بي اختياريءَ جي حالت ۾
آهستگيءَ سان پوئتي موٽي
اندر ڏانهن هلڻ لڳي ٿو.

سومل : هــوءَ تــه جوڳڻ بنجي تنهنجا
پند پڇائيندي آئي هئي.. . هوءَ
تــه ڪاڪ ڪان کُهي توکي
سرچائڻ آئــي هئي.... ڪا به
مدائي ڪانه هئي منهنجيءَ پيش
۾.... تو پنهنجي ڏاهپ جي ڪٿيل
بازي هارائي ڇڏي، راڻا، تــو
ڪٿيل بازي هارائي ڇڏي.

هلندي هلندي راڻــو مٿي
تــي هٿ ڏيئي رڪجي
بيهي ٿــو. فلئش بئڪ ۾
سومل جي مرول جوڳيءَ
واري روپ ۾ هــيءَ سين
ڏيکارجي ٿي:

مرول : ”سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ رڳو
ايتري وٿي آهي، جيتري هينئر
اسان ٻن جي وچ ۾، ڪاڪ محل
جي سچ جي ساک اسين پاڻ سان
ڪٺي آيا آهيون.... سومل جــو
پرديسي پرين، مينڌرو جنهن جو
جو نالو هــو، بنا سوچ ويچار
مٿس حرف رکي، ڪيس ڏهاڳ
ڏيئي ويو. عقل جو اڪابر هو،
دانا هو، دلير هو، پر ايترو به
نه ڪيائين جو ڪا گهڙي ترسي
شڪ جي پڪ ڪري وٺي هاـــ
نــه تــه ڪاري-ڪاريءَ واري

کار کري ها، پنهنجي جون
سيون ڏڙن کان ڏار کري ها....“

— ڊزالو —

ان بعد هي فليش بئڪ
ڏيکارجي ٿو:

” آه.... اوهين سومل کي ايترو
جلد وساري ڇڏيندا؟ ائين ڪري
سگهندا ؟ ائين ڪري سگهندا
اوهين؟....“

راڻي‌جا قدم پاڻمرادو اندر
ڏانهن هلڻ لڳن ٿا.

— ڪٽ —

سين : ۹۹

اِن ڊور. وقت: رات. هنڌ: جوڳين جي سراءِ.

راڻو ڪوٺيءَ جي دروازي
تي اچي ٿو، جتي سومل
۽ ناتر سومل جي لاش‌تي
روئي رهيون آهن.

سومل راڻي کي ڏسندي،
هڪ ڪهڙيءَ لاءِ ڪيس
ڪهوري ڇڏي پوي ٿي.

سومل : بيرحم، ظالم، خوني! منهنجيءَ
ڀيڻ کي مون کان جدا ڪيئي،
پنهنجي پيار جو حق خوب

ادا ڪيئي.... هاڻي هتي ڪهڙو
تماشو ڏسڻ آيو آهين؟

اوساري تي

.... آه، منهنجي سڌوري پيڻ !
منهنجي ڪامڻي، ٻدمڻي پيڻ !

راڻو بيوسيءَ سان دروازي
جو سهارو وٺي بيٺو آهي.
مٿس مومل جو آواز
اوورلئپ ٿئي ٿو.

”مومل: جيت ۽ هار، ٻئي
زندگيءَ جا ٻئي روپ آهن. موت
ڪسي ڪاٻ حقيقت ڪانهي
ڪوبه وجود ڪونهي. هتي
هتي، زندگي ٿي زندگي آهي
موت رڳو نظر جو دوکو آهي.

اوچتو زور سان رڙ ڪري
مومل تي نظر ڪپائي

راڻو : نه !.... نه !.... مومل مري نٿي
سگهي !.... نٿي مري سگهي !...
نٿي مري سگهي.... نٿي مري
سگهي !....

ڪرسم حالت ۾، آهستي
اڳتي وڌي ٿو. وچ ۾
اٽڙجي ٿو، ۽ آٽي وري
هلي ٿو.

.... آه، مومل ! .... مومل
مون کي معاف ڪر. مون کي
معاف ڪر مومل! آئون تنهنجو
ڏوهي آهيان، آئون تنهنجو ڏوهي
آهيان ....

جهيڻائيءَ سان، ڪهتيل
آواز ۾.

.... آه .... آه .... مومل ....
مومل !.... مومل ....

مومل جي لاش وٽ اچي،
معز چڪرائڻ جا تاثرات
ڏئي ٿــو. جهيڻي آواز ۾
مومل - مومل پڪندي،
دل تي هٿ رکي، مومل
جي لاش مٿان ڌهي پوي
ٿو ـــ ۽ اندر جي پيڙا ۽
دل جي بيهجي وڃڻ جا
تاثــرات ڏيندي، ڪنــڌ
لاڙي ڇڏي ٿو.
ان دوران سومل ۽ ناتــر
سڏڪنديون رهن ٿيون.
سين فريز ٿئي ٿي، ۽ وائيءَ
جا بول اڀرن ٿا.

.... مومل.... مومل.... مون کي
معاف ڪر .... معاف ڪر ....
مون کي معاف ڪر.... مومل....
مومل....

راڻا جي رجپوت، مومل سهي پسندا.
پڙهيا، پنڊت، پير، توڻي مير همير مرندا....
مڃي رضا رب جي، هتان سڀ هلندا....
اصل لکئو انگ ۾، ٿيندو تان ته ادا....

## پڇاڙي

مان ڪيئي پراڻا نغما پڌا آهن، جيڪي لوڪ موسيقيءَ جو عظيم خزانو آهن. انهن پراڻين طرزن کي موسيقار غلام عليءَ پنهنجيءَ سوچ ۽ سمجهه سان، راڳ جي اصليت کي برقرار رکي، تمام بهترين انداز ۾ ڪمپوز ڪيو آهي. خاص ڪري ڏوهيڙا ته تمام سٺا ٿيا آهن.

”ڪاڪ محل“ جي پوري ٽيم، شمشيرالحيدري ۽ پروڊيوسر سميجو صاحب قابل تعريف آهن. اميد ته اسان جا رائٽر ۽ پروڊيوسر، اداڪار ۽ موسيقار، آئنده به اهڙيءَ محنت جو مظاهرو ڪندا.

—— حميرا چنا

* * *

آءٌ جڏهن ٽيليويزن تي پهريون ڀيرو آيس ته ان وقت ”ڪاڪ محل“ ڊرامو لکيو پئي ويو. پوءِ جڏهن مون اهو پڙهيو ته ايڏو پسند آيم جو بيان ڪري نٿي سگهان. وري جڏهن مون کي ان ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو ته منهنجي خوشي اندازي کان ٻاهر هئي. مون کي مومل جي خاص ٻانهي ”ناتر“ جو رول مليو، جيڪو غيرمعمولي نوعيت جو هو، ۽ ٽيليويزن تي اهوئي رول مون پهريون ڀيرو ڪيو ته ان لاءِ ڪافي محنت ۽ مشق ڪرڻي پيم. اول ته آءٌ گهڻو گهٻرائيس ته اهو رول ڪهڙيءَ ريت ادا ڪري سگهنديس، جڏهن ته منفرد هجڻ سان گڏ اهو ڊرامي جي شروع کان آخر تائين هلڻو هو —— ڪنهن هڪ اڌ سين ۾ هجڻ ٻي ڳالهه آهي. وري مقابلي ۾ ٽيليويزن جا تمام پختا ۽ پراڻا فنڪار هئا. پر پنهنجيءَ محنت سان گڏ، ليکڪ ۽ پروڊيوسر جي رهنمائيءَ مون کي اهو ڏکيو ڪردار ادا ڪرڻ جو ڏانءُ ڏنو ۽ مون ۾ اعتماد ۽ حوصلو پيدا ڪيو.

”ڪاڪ محل“ جي ڪهاڻي ايتري ته سٺي هئي جو مون اهڙو ڊرامو ڪڏهن ٽيليويزن تان نشر ٿيندي نه ڏٺو هو. ليکڪ شمشيرالحيدريءَ تمام خوبصورتيءَ سان اهو ڊرامو لکيو ۽ ان ۾ شاهه صاحب جي ڪلام کي به سهڻي نموني سمايو. پروڊيوسر، محمد بخش سميجي، ان کي جنهن سمجهه ۽ محنت سان پيش ڪيو،




سکینہ سمون ممتاز
مقصود مغل ایمرای راجا
منظور مراد خالد الزمان
یار محمد شام






ڪاڪ محل
لطيفي لاٽ
شمشير الحيدري


هدايتون
محمد بخش سميجو



ماءُ پيءُ وارو نالو: شمشير علي. ادبي نالو: شمشير الحيدري. والد جو نالو: رسول بخش. جنم: ڳوٺ ڪڍڻ ضلعو بدين، ١٥- سيپٽمبر ١٩٣١ع. ابتدائي تعليم: سرڪاري پرائمري اسڪول، بدين. ثانوي تعليم: ايس. وي. اسڪول بدين ۽ سنڌ مدرسة السلام ڪراچي. بي. اي. (آنرس) ۽ ايم. اي. (سنڌي): سنڌ يونيورسٽي.

ادبي تجربو: سنڌي ادبي بورڊ — ١١ سال. ماهوار "نئين زندگي"، ڪراچي — ١١ سال. صحافتي تجربو: هفتيوار "اعلان حق"، بدين؛ هفتيوار "پنجتني"، حيدرآباد؛ هفتيوار "هلچل"، حيدرآباد؛ هفتيوار "هدايت"، حيدرآباد؛ روزانه "هلال پاڪستان"، حيدرآباد؛ روزانه "خادم وطن"، حيدرآباد؛ روزانه "مهراڻ"، حيدرآباد؛ روزانه "هلال پاڪستان"، ڪراچي؛ ماهوار "دي ڪميونيڪيٽر"، ڪراچي؛ ماهوار "پارس"، حيدرآباد.

شاعريءَ جو ڇپيل مجموعو: "لاٽ"، ١٩٦٢ع.

ادبي هلچل: سيڪريٽري جنرل، "سنڌي ادبي سنگت" سنڌ — ١١ سال.

سماجي هلچل: باني ميمبر، "سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن". ڪاروباري ميمبر، "مهراڻ ايجوڪيشنل فائونڊيشن".

اعزازي نمائندگي: ميمبر مجلس عمل، "اردو ڊڪشنري بورڊ" — ٣ سال. ميمبر "سينٽرل بورڊ آف فلم سينسرس".